# مَنٺارُ اللُّغاتِ سنڌي

حضرت منٺار فقير راڄڙ ﷺ جي رسالي 'خدائي' جي لغت

مرتب

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

# منٺارُ اللغات سنڌي

(حضرت منٺار فقير راڄڙ رحه جي رسالي 'خدائي' جي لغت)

مرتب

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد. سنڌ

2018ع

## انتساب

هيءُ قلمي پورهيو بابا سائين

## معمور يوسفاڻي صاحب رحه

جي نالي منسوب ڪندي راحت ۽ خوشي محسوس ٿئي ٿي.

پڳهه چوڙي پنڌ پيا، مون ويلي وڻجارا،
اي ميان آئون روئندي وئي رهجي ڪاڻ پيڻ ٿيا ڪارا.
(منٺار فقير)

-ڊاڪٽر اسد 'جمال' پلي

# فهرست


| | | |
|---|---|---|
| ناشر پاران | | 7 |
| پيش لفظ | فقير محمد بخش ’ضامن‘ | 9 |
| مقدمو | ڊاڪٽر اسد جمال پلي | 11 |
| حضرت منٺار فقير رحہ جي شاعريءَ جو تحقيقي جائزو | | 26 |
| لغت | | 35 |
| حضرت منٺار فقير رحہ جي ڪلام ۾ محاورا، اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون | | 114 |
| (الف) محاورا ۽ اصطلاح | | 114 |
| (ب) پهاڪا ۽ چوڻيون | | 146 |

# ناشر پاران

سنڌي ٻوليءَ جي تڙيل پکڙيل لفظي خزاني کي سهيڙي لغت جي شڪل ۾ آڻڻ جو ڪم گهٽ ۾ گهٽ سو سوا سالن کان ٻه متي کان هلندو پيو اچي. اهڙي لفظي ۽ اصطلاحي جوڙجڪ گهڻو ڪري جامع انداز ۾ ٿيندي رهي آهي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي مڙني لفظن ۽ اصطلاحن کي لغت جي شڪل ۾ آندو ويو. خاص موضوعن تي لغتن جو سلسلو ٻه ايترو ئي پراڻو آهي، جنهن ۾ 'دو وايه' ۽ ڪن خاص شاعرن جي ڪلام ۾ آيل لفظن جون لغتون پڙهندڙن لاءِ تيار ڪيون ويون. شاعرن ۾ جنهن شاعر جي ڪلام جي ڀرين باقاعدي لغت اسان کي ملي ٿي، اُها حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام جي لغت آهي. پوءِ آهستي آهستي جيئن سنڌ ۾ جديد علمي وسعت ايندي وئي، يونيورسٽيون ۽ ادارا قائم ٿيندا ويا تہ مختلف موضوعن جون لغتون بہ تيار ٿيڻ لڳيون.

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي قائم ٿيڻ کان هڪدم پوءِ لغتن جي ترويج ڏانهن خاص توجهه ڏنو ويو ۽ هن وقت تائين اداري طرفان مختلف موضوعن تي لغتون ڇپائي پڌريون ڪيون ويون آهن. هن اداري ۾ ڪلاسيڪل شاعرن جي شاعريءَ جي لغتن جي هڪ رٿا بہ هلندڙ آهي ۽ گڏوگڏ جديد شاعرن جي شاعريءَ ۾ ڪم آندل خاص لفظن ۽ اصطلاحن جي لغتن جي تياريءَ جو سلسلو بہ جاري آهي.

حضرت مننار فقير راڄڙ جي درگاهه سنڌ جي وچ واري اپرندي ڪناري يعني کپري تعلقي ضلعي سانگهڙ ۾ موجود آهي. جيڪو فقير سائينءَ جو

اصلي ڳوٺ 'ڪاٺي' آهي. اهو علائقو 'نارو پٽ' سڏبو آهي، جنهن جي اوير ۾ اڇڙو ٿر آهي، هن علائقي جي سنڌي بولي پنهنجو هڪ خاص لهجو رکي ٿي، جنهن ۾ انهيءَ علائقي جا خاص لفظ ۽ اصطلاح منفرد قسم جا آهن. منٺار فقير جي ڪلام جي هيءَ لغت انهن لفظن کي سمجهائڻ ۽ سمجهڻ لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، جيڪي يقيناً سنڌي بوليءَ جي لفظي خزاني ۾ هڪ اهم واڌارو آهن. ڊاڪٽر اسد جمال پلي بہ لڳ ڀڳ ان ئي ناري جي علائقي جو واسي آهي، ڊاڪٽر پلي سنڌ جي انهن محققن ۾ ڳڻجي ٿو جيڪي تحقيقي لکڻين ۾ پنهنجي علمي حيثيت مڃائي چڪا آهن. هيءَ لغت ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ جي علمي قد ڪاٺ ۾ اڃا بہ اضافو ڪندي هي ادارو هن ڪم تي سندس ٿورائتو آهي.

هيءَ لغت نہ صرف شاعرن ۽ لغت سازن جي رهنمائي ڪنديه پر سنڌي ادب ۽ لسانيات جي شاگردن لاءِ بہ رهنمائيءَ جو ڪارڻ ٿيندي

20 آڪٽوبر، 2018ع
حيدرآباد، سنڌ

ادارو

# پيش لفظ

انتهائي خوشيءَ جي ڳالهہ آهي جو سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران حضرت منٺار فقير رحہ سائين جي شاعريءَ جي لغت شايع ڪئي پئي وڃي. هن لغت جي اشاعت خود اداري ۽ لغت جي مرتب لاءِ اعزاز جي ڳالهہ آهي. چاڪاڻ تہ الله لوڪ صوفي بزرگن ۽ شاعرن جي پيغام کي سهيڙڻ ۽ ڇپائڻ جو ڪم، هر ڪنهن جي حصي ۾ نٿو اچي.

حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ جو شمار، سنڌ جي چوٽيءَ جي صوفي شاعرن ۾ ٿئي ٿو سندس شاعري ڪيترين ئي خوبين سان مالامال آهي. مجاز کان حقيقت تائين جو سفر، روحاني رازن ۽ تصوف جي ڳوڙهن نڪتن کان علاوه سنڌي ٻوليءَ جون سموريون حسناڪيون سندس شاعريءَ ۾ پسجن ٿيون. پاڻ جيئن تہ موسيقيءَ جا وڏا ڄاڻو هئا، اُن ڪري سندس ڪلام موسيقيت سان ڀرپور آهي.

آءٌ محترم ڊاڪٽر اسد جمال پليءَ کي لغت سهيڙڻ تي مبارڪباد ڏيڻ سان گڏ، لغت جي اشاعت تي اداري جي انتظاميہ جو تهہ دل سان شڪرگذار آهيان.

فقير محمد بخش 'ضامن'

سجاده نشين

درگاهہ حضرت منٺار فقير راڄڙ رحہ

ڪاٺي، ڪپرو

# مقدمو

'لغت' نويسي جو فن تمام لطيف ۽ حساس آهي. لغت لکڻ جا جيڪي بنيادي قانون آهن، اهي هر ڪنهن لغت نويس ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان گهٽايا وڌايا آهن، پر هڪ بنيادي لغت نويسيءَ جو نقطو جيڪو سڀني محققن پنهنجي مطمع نظر رکيو آهي، سو اهو آهي تہ جنهن بہ موضوع يا فن جي لغت آهي انهيءَ کي سمجهائڻ. هِن لغت جو بہ بنيادي نقطو اهو آهي تہ عوام الناس کي حضرت منثار فقير جو ڪلام سمجهائڻ ۾ مدد ڪري. اها حقيقت ظاهر آهي منثار فقير جو سچو ڪلام ۽ نياپو سمجهائڻ جي اسان ۾ بلڪل ڏر ڪونهي. ڏيئو سج کي روشني ڏيئي نہ سگهندو پر اسان ڪوشش ڪئي آهي تہ سمجهہ جي شوقين پانڌيئڙن لاءِ مدد جو ٿورو سامان مهيا ڪريون.

هن لغت جي ڇپائيءَ جو مقصد اهو آهي تہ خلق خدا کي منثار فقير جي ٻولي سمجهائجي ۽ فقير صاحب جي مخصوص لهجي جي ڪنهن حد تائين اپٽار ڪجي. هِن سلسلي ۾ لغت نويسي جي بنيادي تقاضائن کي اڳيان رکي اڪثر لفظن جي ٻولي کي نشانين سان ظاهر ڪيو ويو آهي. جيئن عربي لاءِ(ع) فارسي لاءِ (ف) هندي لاءِ(ه) سنسڪرت لاءِ(س) ۽ سرائڪي لاءِ(سر) ۽ انگريزي لاءِ(انگ) جا اشارا ظاهر ڪيا ويا آهن. اهڙن ڪافي لفظن جا اصل ڏاتو بہ ڏنا ويا آهن ۽ گرامر جي لحاظ کان انهن جي حيثيت کي بہ واضح ڪيو ويو آهي. هيءَ لغت نقط فقير صاحب جي "رسالي خدائي" عرف "ڪلام منثار فقير راڄڙ" تي مشتمل آهي.

هن سڄي ڪوشش ۽ محنت جو مقصد، پڙهندڙن ۾ حضرت منثار فقير جي ڪلام ڏانهن 'چِڪ' ۽ 'سڪ' ۾ اضافو ڪرڻ آهي. وڏا چوندا آهن تہ ٻُل ۽ چُڪَ انهيءَ کان ٿيندي، جيڪو ڪم ڪندو. بلڪل ائين اسان کان بہ ٻلچڪ ٿي هوندي تہ ان جي نشاندهي ۽ رهنمائي جي اسان کي ضرورت بہ آهي تہ انتظار بہ آهي.

هن لغت جي لکندي مون کي ڪيترن ئي دوستن جي مشورن ۽ رهبري جي ضرورت پئي ۽ اُهي عنايت ٿيا. خاص طرح نقير محمد

بخش 'ضامن' جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. جيڪي پاڻ هِن سڄي فقيرائي ڪاج جا سرواڻ آهن. هِن تحقيقي ڪم ڪرڻ جو اتساهہ تاڪيد ۽ اطلاع مونکي محترمر تاج جويي صاحب ڏنو. تاج صاحب ان وقت سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جو سيڪريٽري هو ۽ اٿارٽيءَ طرفان هيءَ ڪم منهنجي ذمي ٿيڻ بعد خط و ڪتابت کان علاوه ذاتي طور بہ مون کي تاڪيد ڪندو رهيو. هِن سلسلي ۾ منهنجي هڪ تعارفي ۽ تفصيلي ميٽنگ اٿارٽيءَ جي چيئرپرسن محترمہ فهميده حسين صاحبہ سان ڪرائي، مون کي ڪم لاءِ وڌيڪ پابند ڪيائين. هن ڪم جي تڪميل ۽ تاڪيد ۾ وڌيڪ تيزي تڏهن آئي، جڏهن محترمر سرفراز راڄڙ صاحب اچي اٿارٽيءَ جي چيئرمئن جي چارج سنڀالي ۽ اها سندس تاڪيد ئي هئي، جو اڄ هيءَ ڪم پنهنجي مڪمل شڪل ۾ پڙهندڙن ۽ حضرت منٺار فقير جي چاهيندڙ فقراء جي هٿن ۾ آهي.

هن لغت جي تياريءَ لاءِ جن بنيادي لغتن مان رهنمائي ۽ مدد ورتي وئي، انهن ۾ سرفهرست نالو منهنجي مُحسن ۽ مهربان ۽ سنڌي ادب جي هاڪاري عالم محترمر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو آهي. سندن تيار ڪيل جامع سنڌي لغات ۽ شاهہ جي رسالي جا 10 تحقيقي جلد هن ڪم لاءِ هميشہ مطالعي ۾ رهيا. محترمر سائين معمور يوسفاڻي جي ڏنل سُٽي ۽ سندن لغت جي سلسلي ۾ تحقيقي ڪم منهنجي هر علمي ادبي ڪم وانگيان هتي بہ رهبر ۽ رهنما رهيو. مون اردو جي لغتن 'امين الغات' ۽ 'فيروز الغات' مان بہ استفادو حاصل ڪيو تہ 'سائل ڪوش' مان بہ رهنمائي ورتي. ٻئي طرف 'لغات القرآن' ۽ 'قصص القرآن' علامہ سيوهاروي رحہ بہ مطالعي ۽ ڪم ۾ پڻ مددگار رهيا.

## حضرت منٺار فقير رحہ جي سوانح حيات ۽ خاندان جو تعارف

سماٽ 'نسل' مان جيڪي جهجهي تعداد ۾ سگهاريون، همت ۽ مردانگيءَ واريون ذاتيون نڪتيون آهن. 'راڄڙ' بہ انهن مان هڪ آهي. جڏهن ٻانهن جي ٻَل جو زمانو هو ۽ 'ريموٽ ڪنٽرول' جو دؤر نہ آيو هو تہ همت، طاقت ۽ بهادريءَ جي وصف ٻي هئي. ڏيڍو اکيون اکين ۾ ملائي، ٻئي جي سگهہ کي

نظرانداز ڪري مقابلي لاءِ تيار ٿيڻ ڪي ئي بهادري چئبو هو. سِرَ جي پرواهہ نہ هوندي هئي، پر قول ۽ عهد جو مان رکيو ويندو هو. انساني اعليٰ قدرن جي جهان ۾ بهادريءَ جو ٻيو قسم وري پنهنجي نفس سان جنگ ڪري، دنيا جي عيش ۽ آرام کي ڇڏي پنهنجين مادي خواهشن تي غالب اچڻ کي چئبو آهي. بهادري جو هيءُ ٻيو قِسم، اڄان بہ وڌيڪ مشڪل ۽ مسلسل جدوجهد وارو آهي.

جن راڄن ۽ قومن ۾ جنگجو ۽ بانڪا جوان، پنهنجي بهادريءَ جو سڪو ڄمائڻ ۾ مصروف هوندا آهن. انهن راڄن ۾ نفس سان جنگ جو رجحان گهٽ ٿيندو آهي. دراصل نفس جي خواهشن تي ضبط جو رجحان تصوف جي تعليمات مان وجود ۾ اچي ٿو. هِن تعليم ۾ تڪبر، سگهہ، ٻلواني ۽ غالب پوڻ جا عنصر ماٺا ٿي، نياز نوڙت، پيارمحبت ۽ عجز و انڪساري ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. انسان دوستي ۽ انساني ڀلائي جي ڪري ٻاهرين فتح کان اندرين فتح کي ترجيح ملي ٿي.

هِن پس منظر ۾ اسين جيڪڏهن سماٽ جي ٻين باهمت ذاتين سان گڏ "راڄڙن جي راڄ" کي ڏسون ٿا تہ هِن راڄ ۾ ڪنهن 'من ٺاريندڙ' صوفيءَ جو پيدا ٿيڻ قدرت جي خاص نوازش کان گهٽ ڪونهي.

'راڄڙ' سماٽ نسل جي اهم ذات آهي، شجرن جي علم جي ماهرن جي متفق راءِ موجب سنڌ ۾ سماٽ نسل 'ڄام' کان شروع ٿئي ٿو.

'ڄام' کان تيرهن پيڙهيون هيٺ 'راهو' جو نالو اچي ٿو جيڪو وڏو دلير ۽ سگهارو شخص هو. سندس لقب 'راڄڙ' هو ۽ سندس اولاد 'راڄڙ' ذات سان مشهور ٿيو.

ڪِن روايتن موجب 'راهو' عرف راڄڙ جو شجرو ڄام 'جوڻي' سان ملي ٿو جيڪو سنڌ جو سمون حاڪم هو جنهن لاءِ مشهور ڏوهو آهي تہ:

جوڻو وڃي جهوري ماريو
'ڄام تماچي' تختين چاڙهيو.

هي روايت موجب 'راجڙ'، 'دودي چنيسر' واريءَ جنگ ۾ دهليءَ جي لشڪر سان وڙهيو هو. جي هيءَ روايت صحيح آهي ته پوءِ 'راجڙ' جو وڏو 'جوڻو' سنڌ جو حاڪم نه آهي، بلڪ اڳ جو بزرگ آهي.

سينه بسينه روايتن موجب، راهو عرف راجڙ دهلي جي بادشاهه جي فوج ۾ ڀرتي ٿيو ۽ دربار ۾ وڏي اهميت حاصل ڪيائين. هيءَ اهو دؤر آهي، جڏهن تيمور لنگ دهلي جي دربار تي فاتحانه انداز ۾ موجود آهي.

راهو عرف راجڙ ٽي شاديون ڪيون: پهرين شادي مغلن مان ڪيائين، جنهن مان وڏو پٽ ڏيرو ٿيو جيڪو راجڙن جي راڄ جو پهريون پڳدار بڻيو. ٻي شادي دل ذات مان ٿيس، سندس زال جو نالو خاتون هو. ٽين شادي مگرين مان ڪيائين. سندس هن گهرواري جو نالو 'سيتا' هو.

راهو عرف راجڙ جي پنجين پيڙهي ۾ هاشم ٿيو ۽ سندس اولاد 'هاشم جا' سڏائڻو. 'هاشم' جو پوٽو 'پڪرو' ٿيو جيڪو 'جرڪس' جو پٽ هو. هن جو اولاد پڪريجا سڏائڻو. پڪري جو 'جرڪس' ۽ جرڪس جو عبدالرحمان عرف 'رام' ٿيو. 'رام' جو اصل نالو عبدالرحمان هو. سندس فقيراڻي مزاج ۽ تصوف جي تعليمات ۽ تربيت منجهس انسان دوستي جا گڻ نمايان ڪري ڇڏيا هئا. ان ڪري مسلمان خواهه غير مسلمان ڪيس هڪ جيترو چاهيندا هئا. هيءَ رواج 'سهروردي' سماع جي اثر تحت سنڌ ۾ پين به تصوف جي مرڪزن تي هو ۽ ڪيترائي غير مسلمان پنهنجي روش ۽ عقيدن ۾ مسلمانن کي ويجهو هئا.

عبدالرحمان عرف 'رام' جو 'ساهو' ٿيو. 'ساهو' جي نسبت سان سندس اولاد 'ساهوجا' سڏيو ويو. عبدالرحمان جي اولاد مان ٽي پاڙا ساهوجا، جهالا ۽ سکيرا، مشهور ٿيا. ساهوجا هنن ۾ وڏو پاڙو آهي. 'ساهو' جو جرڪس ٿيو. هيءَ جرڪس اهو هو جيڪو پنهنجي سادي سياءَ ۽ عام زماني جي رَوش کان بي نيازيءَ سبب 'مست' سڏيو ويو.

جرڪس عرف مست جو فرزند علي محمد عرف علودو ٿيو. علي محمد جو فرزند پرچي ۽ پرچي جو قبول محمد ٿيو. قبول محمد کي ٽي فرزند پرچي، حافظ ۽ حضرت منٺار فقير ؒ ٿيا.

سادگي، بزرگي، فقيري ۽ صوفيانہ طرز جا هي خانداني گڻ اڳتي هلي منٺار فقير جي زندگيءَ ۾ مڪمل ظهور پذير ٿيا. هي اُهي عنصر هئا، جن فقير صاحبؒ کي مجاز جي هڪ مهميز "هيئنڙو بحري بان چائي چنبن ۾ ڪيو" جي ڪيفيت مان گذاري آٽي هن مقام تي بيهاريو تہ:

آهيان منجهہ غير جي دريا،
اڪارج يا رسول الله.
(منٺار فقيرؒ)

فقير صاحب جا وڏا 'جيسلمير' جي رياست مان سنڌ طرف آيا هئا.

تاريخي طور اها ڳالهہ واضح آهي تہ سنڌ تي جڏهن بہ ڪو غنيم ڪاهي آيو تہ سنڌ جا مقامي ماڻهو سرحدي علائقن ڪڇ، جيسلمير، سرائڪي پنجاب ۽ لسبيلي طرف نقل مڪاني ڪري ويندا هئا ۽ پوءِ حالتن جي سازگار ٿيڻ سان واپس ورندا هئا. ڪي قبيلا وري مستقل طور هنن علائقن ۾ رهي پيا. هن وقت بہ 'سمات' نسل جا تمام گهڻا ماڻهو هنن سرحدي علائقن ۾ رهن ٿا. هاڻي جيڪڏهن اسين پڇون تہ فلاڻي يا فلاڻي ذات اسان وٽ جيسلمير کان آئي تہ صحيح ائين ٿيندو تہ "هِن ذات جا وڏا جيسلمير منتقل ٿي ويا ۽ پوءِ صديءَ اڌ بعد وري واپس ٿيا."

حضرت منٺار فقير جي خاندان جا بہ ساڳيا حالات آهن. اها ڳالهہ اجان منظر تي نہ آئي آهي تہ سندن وڏا ڪهڙي دور ۾ جيسلمير طرف ويا، پر غالباً ڪلهوڙن جي دؤر جي آخر ۾ سندن خاندان واپس سنڌ ۾ آيو ۽ ٽالپر دؤر ۾ سندن بزرگ سنڌ ۾ آباد آهن.

حضرت منٺار فقير، ميان قبول محمد جو ننڍو ۽ ٽيون نمبر فرزند هو. سندس ولادت 1865ع بمطابق 1285هہ ۾ ٿي. ٻن وڏن ڀائرن ۽ والد جي پيار شفقت ۽ لاڏڪوڏ ۾ سندن زندگي جا ابتدائي سال گذريا. ويجهڙائي ۾ اسڪول

يا ڪُتاب نہ هئڻ ڪري پاڻ تعليم جي زيور سان آراستہ نہ ٿي سگهيا. پر قدرت سندن سهڻي تعليم جو بندوبست ڪنهن نهايت اعليٰ طريقي سان ۽ خاص مڪتب مان ڪيو جنهن جو ذڪر اڳتي پڙهنداسين. فقير صاحب جي ولادت وقت سنڌ تي انگريز حڪومت جا پير مڪمل طرح مضبوط هئا ۽ ناري پٽ ۾ ڪرنل تروٽ (پوليٽيڪل ايجنٽ) آفيسر مقرر ٿيل هو.

عهدِ جواني وقت فقير صاحب هڪ صحتمند، ورزشي ۽ ڪسرتي نوجوان هو جيڪو ترڻ ۽ گهوڙيسواري سان گڏ سير سفر ۽ شڪار جو شوقين هوندو هو. سير سفر ۽ شڪار جو هيءَ ماحول انگريز دؤر جي اڪثر زميندارن جو شوق هو. ويهين صدي جي شروع ڪانپوءِ يعني انگريزن جي پنجاهہ سال حڪومت بعد، سنڌ جا زميندار وري سياسي تحريڪن ۾ سرگرمين ۾ متحرڪ نظر اچن ٿا.

حضرت منٺار فقيرؒ هِن ماحول کان اڳ ۾ ٿي حضرت مخدوم امين محمد پکن ڌڻيؒ کان ذڪر ورتو. هيءَ واقعو فقير ولي بخش سائين، فقير محمد بخش 'ضامن' ۽ غلام ڪريم شر ڪافي تفصيل سان ڏنو آهي، جيڪو فقير سائين جي رسالن ۾ ڏنل آهي.

فقير صاحب جي تعليم متعلق بہ مشهور روايت آهي تہ مُرشد سائين کين خواب ۾ پڙهايو تہ:

لاهي ويهہ مَ لڌ، لاهہ مَ لڌ.
هل تہ پهچين هوت ڪي...!

ان بعد صبح جو فقير صاحب کي اکرن جي شناسائي ٿي ويئي ۽ صبح جو هيءَ ڪلام چيائون تہ:

هيءَ خواب لهي، خوش روح ٿيو
وڃي دوست پنهنجو دلدار ڏٺم..!

هِن واقعي بعد مٺن مجاز بہ جُلهہ ڪئي، پر مرشد جي مددگاريءَ سان حقيقت جي درياهہ آبياري ڪئي ۽ مٺن حقيقي عشق ۽ سُرور جا ڪيترائي راز افشان ٿي پيا. مجاز جي سموري هستي حقيقت جي خوشبوءِ

سان واسجي ويٺي ۽ پاڻ سچا صوفي ۽ حق آگاهہ بزرگ بڻجي پيا. 'وحدة الشهود' جون شاهديون سندن تنبوري جي تار مان نڪرنديون، سندن رسالي ۾ ڪلامن ۽ بيتن جي شڪلين ۾ ايندڀون رهيون.

سندن ابتدائي مستي ۽ مجذوبي واري حال تي حضرت مخدوم ظهيرالدين عرف پروچام خصوصي توجہ ۽ نظر ڪئي تہ فقير صاحب جا وارا نيارا ٿي ويا ۽ پاڻ سالڪن جي جماعت ۾ شطحيات کان پاڪ هڪ صوفي سالڪ بزرگ بنجي پيا. باقي سڀ چمار انهيءَ رنگ ۾ گذاري، مالڪ جا ڳڻ ڳائيندا رهيا ۽ نبي پاڪ صہ جون نعتون، پنجتنن جون صفتون ۽ مرشدن جا ڏهر چوندا رهيا.

**وفات**:

حضرت منٺار فقير پاڻ پنهنجي حياتي ۾ 'ڏيرَ' ٺاهي، انهيءَ کي پنهنجو مڪان ٺاهيائون. مقبري ۽ مسجد جي تعميرات ڪرايائون. وفات کان پهرين پنهنجن رفيقن ۽ گهروارن کي شاهد ڪري چيائون تہ هي اسان جي آخري آرامگاهہ آهي. جڏهن ڪلمي پاڪ جي تنوار سان 10 شوال بروز اربع سال 1353هہ مطابق 16 جنوري 1935ع تي وصال فرمايائون تہ سندن وصيت موجب کين مقبري ۾ دفن ڪيو ويو.

حضرت منٺار فقير جي درگاهہ سان گڏ زائرين ۽ عقيدتمندن لاءِ جيڪا تعميرات آهي، اُها سڀ فقير ولي بخش سائين جي ڪرايل آهي.

**فقير صاحب جو اولادءِ سندس سجاده نشين**:

فقير صاحب کي هڪ فرزند فقير پير بخش ٿيو. فقير پير بخش سروري جماعت ۾ ڏهر ڏيڻ ۾ 'اڳواڻ' ٿيو. جواني جي عمر ۾ حضرت منٺار فقير جي حياتي ۾ ئي وفات ڪيائين. منٺار فقير جي ڪلام ۾ جيڪو وڇارو جي نسبت سان ڪلام آهي، اهو سڀ فقير پير بخش لاءِ ئي چيل آهي. سندس وفات وقت فقير منٺار سائين جيڪا ڪافي سر ساموندي ۾ چئي آهي، اُها ڪافي جيڪڏهن ڪنهن اهل درد پڙي هجي، مولودن جي محفل ۾ يا فقير قادربخش کهيري مرحوم کان ۽ ٻڌيون ڪري نہ رنو هجي تہ چئبو تہ ان جي دل درد آشنا ئي ڪانهي. ڪافيءَ جو ٿلهہ ٿا پڙهون تہ:

پڳهہ ڇوڙي پنڌ پيا، موں وينـي وڻجارا،
آئون روئندي ويس رهجي، ڪاٺڻ پيڻ ٿيا ڪارا!

فقير پير بخش کي ٻہ فرزند، فقير ولي بخش ۽ فقير قبول محمد ٿيا. فقير ولي بخش سائين درگاهہ منثار فقير جو پهريون سجاده نشين ٿيو. فقير ولي بخش منجهہ نہ صرف فقيري مٺيا جا مڻ هئا، پر خانداني فضيلت، مجلس جي مهڪ، مائٽي جو ننگ، دوستي جو دم، علمي ڄاڻ جي کاڻ، موسيقي ۽ ڪلاسيڪي شاعري تي دسترس ۽ سياءَ ۾ مِٺاس جا ٻہ انبار هئا. انهيءَ سان گڏ صبرشڪر، ذڪرفڪر، تقويٰ، پرهيزگاري ۽ مرشد سان محبت جا گُڻ سندس انگ انگ ۾ رچيل هئا. حق گوئي ۽ حق پرستي جو جيئرو جاڳندو مثال هئا. پاڻ درگاهہ تي ٿيندڙ راڳ جي محفل ۾ محفل جا طريقا ۽ آداب مقرر ڪيائون. سماءَ لاءِ ايندڙ فقراءَ جو قدر، حوصلہ افزائي، احترام ۽ ننگرپاڻيءَ جو مناسب بندوبست بہ پاڻ ڪندا هئا. پاڻ فقرائي جهان کي زماني جي تقاضائن سان هم آهنگ ڪري هڪ اهڙو بهترين نظام رائج ڪيائون، جو هن وقت پوٽرن کي ان نظام سنڀالڻ ۾ ڪا بہ ڏکيائي نٿي ٿئي. اهو فقير صاحب جي ڪردار جو ئي اثر آهي، جو اڄ بہ هن ميلي جي راڳ جي محفل ۾ ڪير بہ امير ڪبير سڄي رات پير نہ ٿو ڏگهيري ۽ نہ وري لوٽي واريون لوٽا وڄائي خلق خدا کي گمراه ڪن ٿيون. هِن محفل ۾ وهڻ وارن جو اِهو عقيدو مضبوط ٿئي ٿو تہ واقعي جيڪڏهن راڳ عبادت آهي تہ ان جو لقاءَ هِتي پسجي. ميلي جي ٻنهي راتين ۾ هڪ ئي تنوار ٻڌجي ٿي تہ:

حق الله، حق الله، حق الله اندر ۾،
خدا ڳول پنهنجي ڪول، اٿئي گهوٽ گهر ۾!

فقير سائين ولي بخش جي وفات بعد، فقير ولي محمد سجاده نشين ٿيا. فقير ولي بخش جو ٻيو نمبر فرزند غلام حسين ننڍي عمر ۾ وفات ڪري ويو. فقير ولي محمد بہ سجاده نشيني بعد ٻن سالن ۾ گذاري ويو. ان بعد درگاهہ جو ٽيون نمبر گادي نشين فقير ولي محمد جو وڏو فرزند، فقير محمد

بخش 'ضامن' موجوده سجاده نشين ٿيو. پاڻ نهايت همت ۽ محنت سان هن فقيراڻي ڪاچ جي سرواڻي ڪندو اچي. تمام ننڍي عمر ۾ مٿن وڏيون ذميواريون آيون، جيڪي نهايت احسن طريقي سان سنڀاليندا اچن. پاڻ هڪ طرف ڪافيءَ ۽ بيت جو سٺو شاعر آهي ته ٻئي طرف فقير ولي بخش سائين جي شروع ڪيل درگاهه تي انتظامي طور طريقي جو 'ضامن' پڻ آهي. صورت ۽ سيرت جي گڏيل سونهن قدرت کيس عطا ڪئي آهي. پاڻ نه صرف فقيري شنگ پر پنهنجي خانداني تعلقات ۽ واسطن کي به خوب نباهيندو اچي. الله پاڪ کيس صحت ۽ توفيق عطا فرمائي جو پاڻ خلق خدا کي هڪ سڌي گس تي گامزن رکڻ جو داعي آهي. ان سان گڏ نشي جهڙي سماجي برائي جي سخت خلاف ۽ درگاهه تي نشي جي حالت ۾ ڪنهن به شخص کي اچڻ ڪو نه ڏي اڳ ۾ ئي هٿجوڙ جي طريقي سان برائي تاريو ڇڏي

فقير ولي بخش سائين جي ٻئي نمبر ڀاءُ قبول محمد جو اولاد به فقرائي جوڙ ۾ زماني جو رس رهايو اچي ۽ پنهنجي خانداني فقيري خصلتن کي سنڀاليو اچي.

حضرت فقير منثار جي ٻئي نمبر وڏي ڀاءُ فقير حافظ کي فقط هڪ فرزند ولي محمد ٿيو جيڪو لاولد گذاري ويو. حضرت منثار فقير جي سيني کان وڏي ڀاءُ پرچي کي ٻه فرزند جيئڻ ۽ مير حسن ٿيا. مير حسن کي هڪ فرزند پرچي ٿيو ۽ اڳتي پيڙهي ڪو نه هلي. جيئڻ کي ٻه فرزند حافظ ۽ نور محمد ٿيا. حافظ ولد جيئڻ جي پيڙهي اڳتي ڪو نه هلي. حاجي نور محمد کي چار فرزند جيئڻ عرف سرفراز نبي بخش، عبدالڪريم ۽ سمون ٿيا. سرفراز راڄڙ کي قدرت نشيب ۽ فراز جي جهان ۾ هميشه سرفراز رکيو آهي. پنهنجي دؤر جو سٺو شاعر ۽ اديب هجڻ سان گڏ رِلڻو ملڻو خوب سيرت با اخلاق ۽ مهذب انسان آهي. سياست جي سياستڪارين ۾ هميشه قربان ٿيندو رهيو پر پنهنجو سياسي رخ تبديل نه ڪيائين، جنهن پارٽي ۾ پنهنجي مرشد قبلا مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي فرمانبرداري ۾ اک کوليائين، انهي ۾ ئي پير پختا رکيائين، نه

ڪڏهن ڪنهن سياسي ڌاڙ ۾ به اڪيائي جي شڪايت ڪيائين نه ڪڏهن قرباني کان ڪيباياٺين. منٺار فقير اڪيڊمي جو اجراءُ ڪرائي، بروشر شايع ڪرائڻ، درگاهه تي ادبي ڪانفرنسون ۽ مشاعرا منعقد ڪرائڻ سان پاڻ پنهنجي بزرگن جي امانت جي سار سنڀال ڪن ٿا. هي اُهي امانتون آهن، جيڪي اڄ به هلي سنڌ خواهه پوري ملڪ ۾ امن ۽ آشتي جي خوشحالي جون نشانيون آهن ۽ انتها پسندي ۽ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ اهم ڪوششون پڻ.

هِن فقيراڻي ماحول کي مچائڻ ۾ پيا به ڪيترائي همدرد، دوست ۽ درگاهه جا عقيدتمند هميشه سرگرم هوندا آهن، جن ۾ خاص طرح حاجي فيض محمد هگورجو سيد گل شاهه مرحوم غلام ڪريم شر، جان محمد راڄڙ، مور مگريو عبيدالله درس، محمد عباس فقير نفرچ، عبدالڪريم هگورجو حاجي محمد يوسف هگورجو روشن گجو احسان علي لغاري، پيارو خان شر وڪيل، محمد مراد راڄڙ، ماستر پلجي مل پيل، محمد امين راڄڙ مبارڪ راڄڙ، حاجي غلام محمد راڄڙ، جرڪس راڄڙ ۽ حاجي قيصر راڄڙ جا نالا ضرور ڳڻائڻ گهرجن، جن جو صدق ۽ عقيدت، محنت ۽ محبت غير مشروط رهي آهي.

حضرت منٺار فقير جي ميلي جي موقعي تي، حضرت مخدوم نوح سرور جي اولاد جي ڏٽيپ ۽ سروري ته اول آهي ۽ هميشه نو لکي گودڙي جو سجاده نشين يا هِن گلشن جو ڪو نه ڪو گل ميلي جي موقعي تي موجود هوندو آهي، هو سڄي مانداڻ جي اڳواڻي ڪري ٿو پر سنڌ ۾ ناري پٽ جا پيا به ڪيترائي معزز ۽ صوفيانه خانوادن جا افراد به حاضري ڀرين ٿا. فقير ولي بخش سائين جي صحبت ۾ مرحوم خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' پلي صاحب جو هن فقيرانه خانوادي سان خصوصي تعلق رهيو آهي. فقير ولي بخش مرحوم ڪانپوءِ به فقير ولي محمد ۽ فقير محمد بخش 'ضامن' سان به پلي صاحب پيار ۽ شفقت جا قدم ڀريا ۽ پنهنجي دوستيءَ جي رشتي کي هميشه برقرار رکيو. هڪ طرف فقير ولي بخش جي وٽن "پوکلي اسٽيٽ" تي محفل

مچندي هئي تہ ٻئي طرف ميلي جي موقعي تي، درگاھ جي اڀرندي طرف وارو ننڍو بنگلو هميشہ پلي صاحب جي حوالي هوندو هو جنهن محفل جو منتظم فقير ولي بخش هجي ۽ مهمان خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' پلي هجي، اتي ڳائڻ وارن فنڪارن کي ڪيترو محتاط ٿي فن جي سمجھ جو مظاهرو ڪرڻو پوندو هوندو اهو تہ انهن فنڪارن کان پڇجي. پر خانصاحب منظور علي خان جي واتان هميشہ ٻن درگاهن جو ذڪر، موسيقي جي محفل جي شان متعلق ٻڌبو هو. هڪ درگاھ مهدي شاھ جهانيان، ٻيو حضرت مننار فقيرؒ جي درگاھ آهي. هڪ دفعي هِن درگاھ تي محفل ۾ ڳائي اختتام بعد خانصاحب منظور علي خان چيو تہ "پلي صاحب" هميشہ ٻڌندڙ فرمائشون ڪندا آهن ۽ فنڪار اهي فرمائشون پوريون ڪندا آهن، اڄ اسان جي فرمائش تي هڪ ڪلام ٻڌو. وري بند ٿيل ساز کلي ويا. اٿي روانا ٿيندڙ سامعين وري ويهي رهيا. خانصاحب منظور علي خان جا پلٽا ۽ تان اڀرندڙسج جي شعاعن کي جهومائڻ لڳا. محفل جي اختتام تائين سنڌ جي هِن ٻارهين ڏاتار خانصاحب عبدالڪريم 'ڪريم' جا پئسن جا پرس بہ واندا ٿي چڪا هئا. قدرت ڏاتارن کي اهڙي وقت تي مدد ڪندي آهي. هڪ سهڻو خيال عبدالڪريم صاحب جي ذهن ۾ آيو. پاڻ هنن چئن مصرعن واري ڪلام جي هر مصرع تي پنهنجن هٿن ۾ پاتل سونين منڊين مان هڪ هڪ ڪري چار منڊيون ڏنائون. ڪنهن بہ فنڪار لاءِ اهو وڏو ۽ منفرد انعام هو جنهن ۾ عزت افزائي جي وڏي خوشبوءِ سمايل هئي. هِن درگاھ تي سنڌ جي تقريباً سيني فنڪارن چوڪي ڏني ۽ خوب داد حاصل ڪيو.

## فقير صاحب جا طالب ۽ صحبتي:

حضرت مننار فقير جي طالبن ۾ جيڪي اهم نالا ڳڻايا وڃن ٿا، انهن ۾ دائود فقير مگهڻهار (احمد آباد، انڊيا وارو)، احمد فقير، چيڙ فقير پيبل (خيرپور ميرس وارو)، الهڏنو فقير ماڇي (سنجهورو) ۽ پريل فقير پينار جا نالا خاص اچن ٿا. هي سڀ فقير سچا سالڪ، مريد ۽ فڪر جي اعليٰ منزلن وارا ۽ پڪا پختا شاعر پڻ هئا.

فقير صاحب جن ماڻهن وٽ وڃي، منزلون، صحبتون ۽ محفلون ڪيون، انهن جو تعداد بہ گهڻو آهي. هي فقير سالڪ ۽ الله لوڪ، حمد ۽ نعت جو اچاريندڙ پنجتن جي تعريف ڪندڙ ۽ مرشد جي ثنا ڪندڙ هو. هر نيڪ دل چاهيندو هو تہ اهڙو فقير بي نظير، سندس اڳڻ تي پير ضرور گهمائي. امير توڙي غريب فقير صاحب جي آمد جا عشاق هئا. فقير صاحب جي حاضري مرشدن جي درگاھہ تي تہ لڳندي ئي هئين پر برصغير ۽ خاص طرح سنڌ جي درگاهن تي پاڻ پهتا ۽ توحيد جي وائي ورجايائون.

ٺاري پٽ ۾ سيد مئين شاھہ لڪياري (رام جاڳو)، صوفي حاجي محمد، صوفي شهيد قلندربخش، وڏيرو ڄتو پلي، قاضي نور محمد پلي، حاجي برهان راڄڙ، ميان محمد اسماعيل 'قاسم پلي'، وڏيرو عبدالحڪيم پلي، مل محمد پلي، حافظ در محمد خانياڻي، وڏيرو محمد سگهو پلي، ميان جان محمد ڪيريو حاجي حبيب الله پلي ۽ درس محمد امين پلي، سِگهہ وارو سندس دوست ۽ رفيق هئا.

ٺاري پٽ جي هنن معتبر ۽ معززين ڪان سواءِ، فقير صاحب جو پنهنجن عقيدت مندن ۽ مريدن وٽ بہ وڃڻ رهيو آهي.

## فقير صاحب جو ڪلام:

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعرن ۾ فقير منٺارؒ جو مقام اهم آهي. فقير صاحب جي ڪلام جو تعداد بہ جهجهو آهي تہ فني ۽ فڪري لحاظ کان ان جو معيار بہ مٿانهون آهي. فقير صاحب جي ڪلام ۾ مرثيو بيت ۽ ڪافيون شامل آهن. موضوعاتي صنفن جي لحاظ کان بيت ۾ 'ڏهر' سنڌن خاص صنف آهي. 'ڏهر' بئي ڪنهن 'شاعر' جو لڪيل نہ آهي. ڪجهہ بين شاعرن ڏهر جي موضوع تي بيت چيا آهن، پر اهي بنيادي طور 'ڏناسري'، 'وهاڳڙي' ۽ 'جاجڪاڻي' سُرن ۾ آهن. 'ڏهر' جا بيت پنهنجي موضوع سان گڏ وقت ۽ مرشد جي شان ۾ صرف حضرت منٺار فقير جا آهن. حضرت منٺار فقير ۽ سندس پوين نہ صرف ڏهر جا بيت چيا بلڪ

هو "اڳواڻ ڏاهري" آهن. سروري جماعت ۾ اچا بہ ان جي جهلڪ ۽ نُماءُ حضرت منٺار فقير جي ميلي تي خاص طرح پسجي ٿو. اسان هِن صنف ۽ فقير صاحب جي 'ڪافين' جي فني حيثيت تي عليحده لکيو آهي، جيڪو ڪنهن ٻي هنڌ ڏبو. فقير صاحب جو ڪلام چار مڪمل رسالن جي شڪل ۾ موجود آهي.

1. رسالو خدائي.
2. رسالو رهنمائي.
3. رسالو مرتضائي.
4. رسالو صدائي (قلمي).

هنن رسالن ۾ آخري رسالو اڃان اشاعت هيٺ ڪو نہ آيو آهي. باقي پهريان ٽي رسالا فقير صاحب جي حياتي کان وٺي اڄ تائين شايع ٿيندا رهيا آهن، جن جا چارچار ايڊيشن اچي چُڪا آهن. حضرت منٺار فقير جي حياتي ۾ "ٻيرانيءَ" جي ديوانن ڪشنچند. پرتاب راءِ ۽ جميمت راءِ 1928ع ۾ فقير صاحب جو ڪلام شايع ڪرايو. جنهن کان پوءِ 1984ع ۾ حاجي غلام حسن درس مورهڏي ڪپري واري رسالو رهنمائي شايع ڪرايو. هن وقت ٽئي رسالا سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪرايا آهن. اُنهي کانسواءِ فقير صاحب جي اردو ۽ سرائڪي ڪلام تي مشتمل رسالو منٺار فقير اڪيڊمي طرفان فقير محمد بخش 'ضامن' تازو شايع ڪرايو آهي، جنهن کي محترم احسان علي لغاري مرتب ڪيو آهي.

حضرت منٺار فقير رحہ جن بہ بزرگن جي آستانن تي وڃا ۽ دعائون گهريائون، اهي سڀ ڪلام جي شڪل ۾ رسالي صدائي (قلمي) ۾ محفوظ آهن. هن رسالي جا چند ڪلام 'رسالي خدائي' جي سنڌي ادبي بورڊ واري ايڊيشن ۾ شامل آهن. ان کان علاوه منٺار فقير اڪيڊمي، حضرت منٺار فقيرؒ، فقير ولي بخشؒ ۽ فقير محمد بخش ضامن جو چونڊ ڪلام ٻن جلدن ۾ شايع ڪرايو آهي. سنڌي ڪلاسيڪي شاعري جي هِن اهم شاعر جي سرڪاري سطح تي فقط اها پذيرائي ٿي سگهي آهي.

جيڪا سنڌي ادبي بورڊ طرفان اشاعت جي شڪل ۾ تي آهي ۽ هيءَ لغت انهيءَ سلسلي جي ہي ڪڙي آهي.

حضرت منٺار فقيرؒ جي حياتي ۾ سندن ڪلام گڏ ٿيو ۽ انهيءَ جو ڪاتب سرڳواسي ڏرمون مل (ڏرمداس ساڌو) آهي، جنهن 21 مارچ 1908ع کان هيءَ ڪتابت جو اهم ڪم شروع ڪيو. ساڌو ڏرمداس جا اکر بہ سهڻا آهن ۽ ڪلام جي بيهڪ بہ عنوان ۽ لڪيرن سان سهڻي بيهاري اٿس، جيڪا سندس ذوق ۽ شوق جي گواهہ آهي. حضرت منٺار فقير جي شاعري ٽن زبانن سنڌي، سرائڪي ۽ اردو ۾ موجود آهي.

## حضرت منٺار فقيرؒ جي شخصيت ۽ ڪردار:

فقير صاحب هڪ سچو سالڪ صوفي ۽ مومن مٺيادار هو. پاڻ باشرع صوفي بزرگ هو. صوم ۽ صلواة جو پابند. ذڪر ۽ فڪر جا معمولات سندس زندگي ۾ اهم هئا. سماع، راڳ ۽ سرود جو سچو رخ پنهنجي مالڪ حقيقي جي رضا ۽ خوشنودي طرف هو. سندس راڳ ۽ تنوار مان ڪڏهن بہ ڪا بي ٺُڪي تار نہ نڪتي.

مزاج ۾ عجز نياز ۽ نوڙت جا گڻ جهلڪندا رهيا. هميشہ مرشد پاڪ جي ڏسيل گس تي مڪمل پابند رهيا. انسانن جي مالڪ سان پيار جو اظهار انسانيت سان پيار جي شڪل ۾ ظاهر ٿيندو هو. انسان دوستي سندن منشور هو. سڄي زندگي پنهنجي سُنگ سان توحيد جي تنوار، رسول خدا جي رهنمائي، پنجتن جي پاڪائي ۽ مرشد جي مهر جا سُر آلاپيندا رهيا. الله پاڪ جي ذات بي پرواهہ ۽ بي نياز آهي. قدرت کي انسان جي ’عبديت‘ پسند آهي ۽ هن فقير هميشہ پنهنجي پاڻ کي ’منگت مڱڻهار‘ سڏيو. سندن اهو عجز ۽ نياز مالڪ حقيقي وٽ منظور ٿيل هو ۽ جڏهن ڪنهن دعا لاءِ هٿ کنياڻون تہ رب پاڪ جي بارگاهہ ۾ قبول پيا ۽ دعائون مستجاب ٿيون. اُهي دعائون سڀ پاڻ انسانيت جي خدمت طور هين انسانن لاءِ گهريائون ۽ پاڻ لاءِ صرف توبہ استغفار جو ورد زبان تي رکيائون. سندن تعليم، تربيت ۽

فقيرائي فضيلت جو مظهر، سنڌ فقير ولي بخش سائين جي شڪل ۾ ڏٺو ۽ انهيءَ فقيرائي چمڪ ۽ رمڪ جا داٽا اسين فقير محمد بخش ضامن جي روپ ۾ بہ پسون ٿا.

فقير صاحب جي هِن سوانحي خاڪي ۽ خاندان سان لاڳاپيل مواد لاءِ مون فقير صاحب جي سوانح نگارن فقير ولي بخش سائين، سيد علي گل شاهہ بخاري، غلام ڪريم شر ۽ فقير محمد بخش 'ضامن' جي لکيل مواد تان مدد ورتي، ان کان علاوه ڪيترن ئي معتبر راوين جي روايتن پڻ منهنجي علم ۾ اضافو ڪيو. انهن ۾ سائين ولي سروري، معمور يوسفاڻي، ولي محمد وفا پلي، سرفراز راڄڙ صاحب، پيارو خان شر وڪيل، قاضي محسن پلي، حاجي فيض محمد هنگورجو حاجي انور علي راڄڙ، محمد عثمان مگسي، ماستر تارو پڳت پيل خاص آهن. اهڙي طرح محترم پروفيسر الله وسايو راڄڙ جي ڪتاب "راڄڙ قوم جي تاريخ" ۽ سائين معمور يوسفاڻي جي قلمي ذخيري مان مون کي راڄڙ ذات ۽ سمات قوم متعلق پڻ مدد ملي.

اسين هنن سڀني محققن، تاريخدانن ۽ راوين جو دِلي شڪريو ادا ڪريون ٿا.

آهيان سوالي اوهان جي دَر جو مڱت منٺار سرور جو
پيالو حوض ڪوثر جو پيارج يا رسول الله

هِن درگاهہ تي انساني رواداري ۽ اسلام جي دلپذير پيغام جي جيڪا جهلڪ پسجي ٿي، اُها ئي سنڌ جي تاريخ ۾ امن ۽ پلائي جي پيغام جي ضامن آهي. تازو مون ۽ محترم دوست فيض کوسي صاحب اداره ڪي ٽي اين لاءِ هن درگاهہ جو هڪ تعارفي پروگرام رڪارڊ ڪيو. هِن رڪارڊنگ دوران خبر پئي تہ هِن درگاهہ جو خادم ۽ سنڌ جو مشهور راڳي تارو پڳت پيل، ڪلمون بہ پڙهندو هو ۽ اذان بہ ڏيندو هو. تارو فقير ننڍپڻ کان اکين جي روشنيءَ کان محروم هو پر قدرت کيس اندر جي بصيرت عطا ڪئي هئي، هو تازو ئي ديهانت ڪري ويو آهي.

# حضرت منٺار فقير جي شاعري جو تحقيقي جائزو

حضرت منٺار فقير رحہ پنهنجي دؤر جو ڪافيءَ جو نمائنده شاعر آهي. فَني توڙي فڪري لحاظ کان سندس 'ڪافي' ۽ ڪلام مٿانهين مقام تي آهي. پاڻ فقيراڻي سُنگ سان پنهنجي حياتي ۾ ئي ڪافي کي عوام تائين پهچاياائون. انهيءَ ڪري نہ صرف سندن ڪلام 'عوام' ۾ مقبول ۽ عام ٿيو پر فقير صاحب جي ڪلام کي پنهنجي دؤر ۾ ئي ممتاز ۽ اعليٰ حيثيت حاصل ٿي.

منٺار فقير رحہ صاحب ظاهري مڪتبي ۽ اکري علم سان مانوس تہ ڪو نہ ٿيو پر قدرت کيس بزرگانہ روحاني ۽ لُدني علم سان مالا مال ڪيو هو جنهن ڪري سندس ڪلام تصوف جي تمام دقيق ۽ اهم نقطن جي اپٽار سان پُر آهي. سنڌي ڪلاسيڪي ادب جو هيءَ ڪلام اسان کي ٻين چند ڪلاسيڪي شاعرن وانگيان، شاھ جي رسالي جي ٻولي سمجهڻ ۾ پڻ مددگار آهي.

## فقير صاحب جي شاعري جا چند موضوع:

حضرت منٺار فقير جي شاعري ۾ اعليٰ انساني قدرن جا ڪيئي موضوع شامل آهن. سندس ڪلام جي سڀني موضوعن تي لکڻ لاءِ گهڻو تفصيل گهرجي، هتي اسان چند شعر منتخب ڪيا آهن، جيڪي مختلف موضوعن جي تعليم ڏين ٿا ۽ سالڪن وارو گس سونهائين ٿا.

فنائيت:

سَوَ لشڪر جن ساڻ ساٿي، هُوا تخت هنباريون هاٿي،
اج حڪم انهن جا ڪاٿي، وئڙا مثل خواب گذاري ويا!

هٺ ۽ هستي:

نوڙت مڙيئي نماز چون ٿا، هستي مڙيئي حرام لکن ٿا،
ڪا محبت رک موچاري، جو ٿو وڃائين عمر اجائي!

<u>توبهہ ۽ تسلي:</u>

چئي 'مننار' تہ مون ڪئي توبہ،
پاند ڳچيءَ منجهہ پائي...!

—

چوي 'مننار' منهنجي من مٺيا،
'الست بربڪم' جا آواز!

'ونحن اقرب' واحد ويجهو،
پوءِ چو رکين ٿو غير گمان!

<u>تڪبر:</u>

تڪبر ڪان ڪيم توبهہ،
منهنجي انتظاري آهي!

<u>قرآن مجيد مان نقطا:</u>

چوي مننار منهنجي من مٺيا،
'الست بربڪم' جا آواز!

—

تون پوڙ پيائي ڪي، هيڪڙائي هٿ ڪري،
"وَالله بِڪل شيءٌ مُحيط" سڻ منيال خدا جي.

—

تو ڪيئن چوي قرآن، "لَعنتُ الله علي الڪاذِبين"،
ڪر ويساهہ منجهہ وجود، اڳيان ڏيهہ ڏرڙ جو.

—

هر دم پڙهہ تون 'بسمِ الله' ورد وظيفو اِلاالله،
يڪ يقينئون، دليئون لاءِ ويهہ آڻي اعتباري.

"آلاِنسان سَري" هيءَ آيت،
آهي الله ڪريم جي اشارت.

گس:

وو شريعت، طريقت، معرفت، حقيقت،
اِهو سانگيئڙن جو سير، ووا سنديِن ربت سنياربن.

توحيد:

ڪي پائڻ ڪِن ڪنئون، هُن يا پين ڪنئون،
اِهي مٿن وڌئي مونجهاں اي ڪاريگر يارا

مرشد جو ذڪر

ڪيم خواب ۾ ديدار دلبر جو آهي نور عجب انور جو
جو مون حسن ڏٺو 'سرور' جو ڪريان ياد پاڪ، مونکي وسري ڪيئن!

—

دل سرور ڏانهن سچائي، ايمان يقين جو آٽي،
تان توسان ٿئي ساٿي، ڪري هر هنڌ منجهه همراهي وي!

—

ٿئي 'منثار' فنا مرشد ۾، تان صحيح سچاٿي رب رحمان!

—

منثار ويچاري کي مرشد صاحب، سرور سمجهه سيکاري آ.
تہ پوڙ پيائي، رک هيڪڙائي، اها واٽ وحدت واري آ.

—

اي منثار موتوا قبل مرجان، منجهه وجود ويچارا تون،
پنهنجي استاد 'امين محمد' کان، اثر ونئي اظهارا تون!

—

وٺ مت مرشد موچاري جي،
ءِ لوڪ دنيا جي لڙهہ ڪيم لگ تون.

عشق جو انعام:

مون کي مليون منثار چئي، دک درد ڏکن جون ڏاتيون،
اديون ڙي! دک درد ڏکن جون ڏاتيون،
پنهنجي سر تي قبول آئون ڪريو وڃان ٿي!

طمع ۽ لالچ:

جي دوستي واري هلين دڳ ۾
پوءِ طمع کي چو نٿو ڇڏيين!

گمراهي کان بچاءُ

ڇٺي منتار يا مولي، سبق ڏي تون مون کي سولا،
آهن ڪم ابليس جا آولا، ٿو بيائي ۾ ٻوڙي ٻالڪا!

ڪوڙ:

ٿو ڪيئن چوءِ قرآن، 'لَعنَتُ الله عَلي الڪاذبين'

---

ڪر ويساهه منجهه وجود، اڳيان ڏيهه ڌرڻ جوا
توکي نہ مناسب آهي، هت ڪوڙ ڪرڻ جو
ڪندءِ معاف سڄو گناهه، لفظ توبہ پڙهڻ جوا

دوستي:

دم قدم دوستي جو شان سڃاڻجي،
نينهن وارو نياز سين ميدان سڃاڻجي.

فضيلت:

جي چتر تون چاهين تہ، ڳالهاءِ فضيلت سين،
پنهنجي پاڻ جي زبان کي، سمجهاءِ فضيلت سين!
ويهہ اٿي ادب سين، ڏسي 'راءِ' فضيلت سين،
تہ ربت تنهنجي راڄ کي، سيباءِ فضيلت سين.

شينهن جو سانگ:

جي سانگ پاتئي شينهن جو تان پوءِ مَ گدڙن سان گذار،
نيڪ نالو ٿو سڏائين، نظر پنهنجي سان نهارا

هنج پکي:

جي هنجڙو پکي، هوئي تنهنجي ذات،
تان پوءِ تون ڦٽي ڪر، چال ڇپن جي!

قصص الانبياءَ:

ذڪرياءَ نبيءَ کي ڪيئن ڪرت ڏاريو
يونسؑ نبيءَ کي، مڇ ٿي اوڳاريو

ايوبؑ صبر ۾ ڪيئن ٿي گذاريو
ڏنس ڪيئن وارو ڏک سور ڏاهي.

تصوف:

منٺار فقير جي 'تصوف' جي وضاحتن واري شاعري تمام لاجواب آهي. هڪ عام تصوف جي طالب العلم کي هِن ڪلام مان تمام سولاسِڌا ۽ آسان نقطا ملن ٿا.

خاڪ جي چولي ۾ جو بولي، اِهو آواز الائي ٿو ڪير.
آواز سڻي ٿو ڏسي پسي ٿو ههڙا هنر هلائي ٿو ڪير!

—

تون پوڙ پيائي ڪي، هيڪڙائي هٿ ڪري.
"والله بڪل شيءٍ محيط" سٽ سنيال خدا جي.

—

الانسان سري هيءَ آيت.
آهي الله ڪريم جي اشارت.

—

هر دم پڙهه تون، بسم الله، ورد وظيفو الالله.
يڪ يقينون دليئون لاءِ، ويهه آڻي اعتباري.

—

فنا في الشيخ جي اولي، رسوليءَ کي رسيا ڳولي،
فنا في الله ٿيا ڦولهي، اُهي احد اثبات جاڻن ٿا...!

قرآن مجيد، حديث پاڪ ۽ صوفين جي قولن جي مدد سان فقير صاحب جيڪي تصوف جا نقطا چيڙيا ۽ نبيريا آهن، انهن جي چاشني بہ عجيب آهي. فقير صاحب سچو جو سچو 'وحدة الشهود' جي باغ جا سير پيو ڪري، پر ڪٿي ڪٿي وحدة الوجود جا ميوا بہ چکائي ٿو. وڏي ڳالهہ تہ سندس سڄي ڪلام ۾ شدت آهي ئي ڪونہ 'نفي اثبات' کان وٺي خاڪ جي چولي ۾ بوليندي وٽس انيڪ مثيون مثيون ۽ اعليٰ انساني قدرن جون ڪيئي بوليون آهن. جيڪڏهن فقير صاحب جي ڪلام کي رهنما بنائي تصوف کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي تہ ڪئين ڳالهيون آسان

تي وينديون. هن ڪامل بزرگ ۽ صوفي وٽ نہ تہ ڪا شطحيات آهي، جو ڪو انهيءَ ڳالهہ جو ناجائز فائدو وٺي هِن تصوف جي دعويدار تي آگر ٿو کڻي سگهي نہ وري سندس ٻولي ۽ ترڪيبون ايتريون دقيق آهن، جو ڪنهن مونجهاري ۾ وجهن ٿيون. بلڪ اجان بہ وڏيڪ ڪيترائي نقطا آسانيءَ سان سمجهائي ٿو. فقير صاحب جي ڪلام ۾ سولا صوفيانہ سبق آهن. هو صوفين جي مشهور اقوال سان گڏ 'قصص القرآن' مان جليلة القدر انبياءِ ڪرام جا حوالا ڏيئي، انهن جا حالات ۽ واقعات پيش ڪري پنهنجي بيان کي طاقتور ۽ سگهارو ناهي ٿو.

فقير صاحب کي پنهنجي عوامي لهجي ۾ پنهنجيون ڳالهيون سمجهائڻيون بہ عوام لاءِ آهن. انهيءَ ڪري پاڻ لوڪ ادب جي لوڪ داستانن مان بہ سلوڪ جا نقطا حوالي طور کنيا آهن. پوءِ عوام ۾ سينہ بسينہ هلندڙ هن مقامي لوڪ ادب جي داستانن جهڙوڪ سسئي پنهون، ليليٰ چنيسر، نوري ڄام تماچي، عمر مارئي، سورٺ راءِ ڏياچ ۽ مومل راڻو ڪانسواءِ، سنڌ جي سرحدن کان ٻاهر جي داستانن جو ذڪر بہ سندن ڪلام ۾ موجود آهي. هي ٻاهر جا داستان اسان وٽ ٻاهرين ماڻهن سان گڏ آيا. درٻاري ادب جو حصو ٿيا. درٻاري ماحول مان اوطاقن تي پهتا ۽ پنهنجي سبق آموز ڪهاڻين جي آڌار تي عام ماڻهن جي ذهنن ۾ جاءِ نشين ٿيا ۽ عوامي لهجي ۾ اچاريا ويا. فقير صاحب وٽ هنن داستانن جا بہ نقطا ٻولين ٿا. خاص طرح ليليٰ مجنون، شيرين فرهاد، يوسف زليخا ۽ هير رانجهو وغيره.

فقير صاحب جي ڪلام ۾ سنڌ جي تاريخي ماڳن مڪانن جو ذڪر، تاريخي واقعن جا حوالا، جاگرافيائي اهڃاڻ، سنڌ خواهہ برصغير جي خانقاهن ۽ بزرگن جا احوال بہ جڳهہ جڳهہ تي موجود آهن. اهو ئي سبب آهي جو ڪيترن ئي خشڪ، ناصحانہ ۽ سلوڪ جي موضوعن ۾ انداز بيان جي طاقت سان رنگيني پيدا ٿي ويئي آهي. انهيءَ سان گڏ سنڌ جي سورهين، سرويچن، بهادرن، ڏاتارن، سخين ۽ سردارن جو ذڪر بہ وک وک تي موجود آهي.

ڪلام جي هنن سيني خوبين سان گڏ سنڌي سماج جي ريتن، رواجن ۽ سوڻن ساڻن جو هُڳاءُ بہ فقير صاحب جي ڪلام ۾ پسي سگهجي پيو. نہ صرف ايترو پر ملڪ جي مال، وڻن ٽڻن، ٻوٽن ۽ گاهن، ڪاڏن ۽ ڪيڻن جون ڳالهيون بہ ڪلام جي سونهن جو حصو آهن.

انهيءَ ڪانسواءِ فقير صاحب جي ڪلام ۾ ڪيفيتن جا به عجيب رنگ پسجن ٿا. هيٺين ٻن سٽن تي غور ڪريو ته:

برهه بادشاه جا، ڏاڍا ڏجي ويا.

يا

برهه لاتي پيچ، مون مٺي سين منٺار چٺي.

**موسيقي جا ٽيڪا:**

سنڌي ڪافي لکڻ لاءِ عالمن اِهو شرط واضح ڪيو آهي ته سٺي ڪافي اُهو شاعر ئي لکي سگهندو جيڪو ڳائي سگهندو يا ڪيس موسيقيءَ جي ڄاڻ هوندي هِن ڳالهه موجب فقير صاحب جي ڪلام جي سچي سونهن ٽن ڳالهين تي آهي. 1. موسيقي جي سگهه. 2. ڪلام جو سخن ۽ 3. ٻولي. پر موسيقي جي اينتري ڇڪ آهي جو ڪلام پڙهندڙ بي خبريءَ ۾ پڙهندي پڙهندي جهونگارڻ شروع ڪري ٿو ۽ ارد گرد جي ماحول کان بي نياز ٿيو وڃي. فقير صاحب علم موسيقي جو وڏو ماهر آهي ۽ پاڻ سُر، لهجا، لئه، تال ۽ طرزن جي ڄاڻ ڪانسواءِ موسيقي جا ٽيڪا، ڪلام جو جز بڻائي استعمال ڪيا اٿس، جيڪڏهن انهن ٽيڪن کي ڪلام جي مصرعن مان هٽائجي ٿو ته ڪافين جا چند ئي ٽٽي پون ٿا. جڏهن به ڪو موسيقيءَ جي علم جو ڄاڻو فقير صاحب جي ڪلام ۾ موسيقي جي موضوع تي لکندو ته ونس لکڻ لاءِ فقير صاحب جي ڪلام مان ڪئين نقطا هوندا، فقير صاحب جي هن علم جي ڄاڻ جو مقام ۽ معيار طئه ڪري سگهندو. هتي پاڻ انهن موسيقي جي ٽيڪن مان ڪجهه مثال طور پيش ڪريون ٿا.

حضرت مخدوم محمد امين پکن ڌڻي پنهنجي مشهور ڪافي "سجڻن جا ساريو سانگ" ۾ موسيقي جو ٽيڪو 'مواريان' استعمال ڪيو ته ڏاڍو سهڻو لڳو. وري جڏهن استاد محمد يوسف جهڙي 'گويي' انهيءَ کي ڳايو ته ان 'ٽيڪي' جي گهرائي ۽ ڪشش دل کي ڏاڍو لُڀايو ۽ خاص توجه ڏياريو. پوءِ محسوس ٿيو ته هِن ڪافي جي وڻڻ ۾ هِن ٽيڪي جو ڪيترو عمل دخل آهي. فقير صاحب هِن ٽيڪي تي ويهارو کن ڪافيون لکيون آهن ۽ هر ڪافي ۾ هِن

ٽيڪي جي نزاڪت جدا جدا محسوس ٿئي ٿي. ان کانسواءِ فقير صاحب جي ڪلام ۾ جيڪي ٻيا ٽيڪا خاص استعمال ٿيل آهن، انهن مان ڪجهه هي آهن.

الو ميان، وي ميان، وو ميان، وو،
ميان وو، ٻلو ميان، ني وي ميان،
اي ميان، وو وو الو الو ني الو ني الا،
ني ويه، اديون ڙي، ٻلو سائين!

هي سڀ ٽيڪا نه صرف ڪلام جي جاذبيت وڌائين ٿا، پر سر ۽ داستان جو به ڏس ڏين ٿا.

**لساني خوبيون:**

فقير صاحب جو ڪلام تمام تر لساني خوبين سان به ٽمٽار آهي. استعارا، ڪنايا، محاورا، پهاڪا، چوڻيون، تشبيهون، تمثيلون ۽ ٻوليءَ جون ٻيون تمام گهڻيون ترڪيبون استعمال ڪيون اٿس.

فقير صاحب جتي 'مينهڙا جيئي، پٽ پوڙهيئي' جهڙا خوبصورت پهاڪا استعمال ڪيا آهن ۽ 'پولڙيءَ' جي مالڪ هٿان ڏوربن ڇڪڻ واري حيثيت کي تمثيل طور استعمال ڪيو آهي، اتي سنڌس لفظن جي جنس جي تبديلي واري هُنر تي به واهه واهه ڪرڻي ٿي پوي ته:

منٺار کي مرشد ڏسيو، هيءَ رند خدا جو راهه،
ڪيو 'امين محمد' اِهو نواز جو نگاهه.

—

سج چنڊ کان سهڻو گهڻو، جانب جو جهلڪار!

فقير صاحب پنهنجي ڪلام ۾ جتي نلٿ، گلٿ ۽ تلٿ نج عوامي لهجي وارا قافيا استعمال ڪيا آهن، اتي عربي زبان مان سنڌي لباس اوڍيندڙ وصاليءَ، ڪماليءَ ۽ جماليءَ جهڙا معتبر قافيا به استعمال ڪري هِن علم ۾ پنهنجي دسترس جو ڏاڪو ڄمايو آهي. لفظي سهڻايون فقير صاحب جي ڪلام ۾ تمام گهڻيون آهن. هنن جا نمونا به گهڻا آهن. وڏي ڳالهه اِها ته ٻرتي وارا بي معنيٰ مرڪب لفظ استعمال ئي ڪو نه ٿو ڪري، جيئن اسان

وڻ عام طرح ٻتا لفظ ماني ڏاني، پاڻي ٻاڻي يا ماڻهو چيڙو وغيره استعمال ٿين ٿا. بلڪ اعرابن جي تبديليءَ سان هڪ معنيٰ وارا ٻہ لفظ يا اسم جي تصغير طور ٻيو لفظ آڻي، مرڪب ناهي ڪلام ۾ ٻوليءَ جي جيڪا حسناڪي پيدا ڪئي آهي، اُها لاجواب آهي. ڪجهہ لفظ هيٺ مثال طور ڏيون ٿا.

(الف) گولاغلامڙا، نالانامڙا، رڻان رڙان.

(ب) ساڻي سلامڙا، پانڌي پيغامڙا.

(ج) مهيني ماهہ.

(د) سِيرَ سير، هِيرَ هير، ڏِيرَ ڏير، نِيرَ نير، پِيرَ پير.

(هہ) نم نم، جِهم جهم، غم غم، ڪم ڪم، دم دم، ڏم ڏم، چم چم.

فقير صاحب جي ٻوليءَ جو لهجو نج عوامي آهي، جنهن سندس ڪلام ۾ عام عوامي لهجي وارا لفظ آجات، اخيري، هانگام، جهون، باطون، ولات، ورسارو، دلدارو ۽ منٺارو استعمال ٿيا آهن. اتي نج اچڙي ٿر جي ٻولي ۽ لهجي ۾ ڪيئي ڪلام موجود آهن، جيئن مسلمين، ڪيڻ ٻيڻ، وينديون، ڏينديون، ملندون، ٿلندون، ڪلندون، ڏاجو رمان، پيندو ڪيندو چيندو چان (چوان) چيندس، ڪيندس، ڪان (ڪانوان) ڪرن (ڪِن)، پارون (پاران)، سٺيا، اچندي وغيره.

فقير صاحب اميدوان، سڪٺهار ۽ شاگردان جهڙا ڪيترائي لفظ استعمال ڪري پاڻ کي ٻوليءَ جي ڪيترن نئي ترڪيبن جو مؤجد ثابت ڪيو آهي. حقيقت اِها آهي تہ سنڌي ڪافيءَ جي هِن سرموڙ شاعر جي شاعري جي تشريح ۾ اڃا سنڌي زبان جي محققن جا قلم چريا ئي ناهن. جڏهن اهو ماحول ٿيندو تہ پوءِ فقير صاحب جي اِها ڳالهہ باقاعدي پير کوڙيندي تہ:

ميهن جا مانداڻ، خدا تون پاڻ،
واري وساءِ کپري ۽ ڪاٺيءَ تي.

ڊاڪٽر اسد جمال پلي

# الف

- **آب ابر:** ڪڪر يا برسات جو پاڻي. جنهن اجان زمين کي نہ ڇهيو هجي، اُهي لڙڪ جيڪي وَهيا نہ هُجن.
- **آبرو (ف):** (آب = پاڻي، رو =منهن) منهن جو پاڻي. منهن جي رونق، عزت، تقدس.
- **آتش (ف):** باهہ. آگ. مچ. گرمي. حرارت. تپش. ساڙيندڙ.
- **آجات:** آزاد. آجو آجپو.
- **آدم:** پهريون انسان جنهن کي الله پاڪ مٽيءَ جي بوتي مان پيدا ڪيو. پوءِ ملائڪن کي حڪم ٿيو تہ حضرت آدمؑ کي سجدو ڪيو. سڀني ملائڪن سجدو ڪيو پر هڪ باهہ مان پيدا ٿيل فرشتي ابليس انڪار ڪيو ۽ خدا پاڪ جو تڙيل ۽ منڪر ٿيو. ان بعد حضرت آدمؑ ۽ بي بي حوا کي بهشت ۾ رهايو ويو. ابليس جي پيدا ڪيل وهم ۽ وسوسن سبب حضرت آدمؑ ۽ بي بي حوا منع ڪيل وڻ مان کاڌو ۽ قدرت جي ناراضگي کي منهن ڏيڻو پيو. حضرت آدمؑ ۽ بي بي حوا کي بهشت مان ٻاهر ڪڍايو ويو. الله پاڪ سندن توبهہ جي قبوليت فرمائي ۽ کين زمين تي پنهنجي آزاد زندگي گذارڻ جو حق ڏنو. کين چيو ويو تہ هي هتي مقرر ڏينهن گذارين ۽ الله جي حڪمن جي فرمانبرداري ڪن ۽ جيڪڏهن پوءِ هي حڪم تي پورا لٿا ۽ پنهنجي مالڪ جي فرمانبرداري ڪيائون تہ کين 'جنت' ۾ واپس موٽايو ويندو. اهو حڪم تمام آدمؑ جي اولاد سان لاڳو آهي. حضرت آدمؑ پهريون نبي سڳورو هو. حضرت آدمؑ جي ذڪر سان گڏ قرآن مجيد ۾ ملائڪن ۽ جِنن جو ذڪر بہ آيو آهي. هي ٻئي وجود رکندڙ ۽ مستقل مخلوقات آهن. توريت، زبور ۽ انجيل ۾ بہ فرشتن کي مستقل مخلوق ٻڌايو ويو آهي. ابليس جِن

(باھ) جي نسل مان هو. حضرت آدم ع جي اولاد مان قابيل ۽ هابيل جو ذڪر بغير نالن جي قرآن مجيد ۾ آيو آهي.

- **آڌار:** ڏر طاقت، سَٿُ، سهارو ڏٿي، مالڪ.
- **آرائش** (**ف**): ٺاھ ٺوھ، نظارو سجاوٽ، سينگاريل.
- **آروپار:** آمهون سامهون، ٻئي پار هن طرف.
- **آرهڙ:** اونهاري جي مچرن واري مند، گرمي جي مند.
- **آرياڻي:** آريہ ڄام جو اولاد، معزز عورت، بي بي.
- **آڙاھ:** پاڻيءَ جو گُن، اٿاھ پاڻي، باھ جو مچ، پاڻي جتي ڦيرو کائي ۽ سطح کان مٿي اچي، باھ جتي وٽ کائي ۽ ڪائين جي ڍڳ کان مٿي اچي اهو آڙاھ چئبو.
- **آسا:** (سن آشا) آس، اميد، مچتا، تمنا، آسن اميدن جي اظهار جي هڪ راڳڻي.
- **آسانگا:** (آسانگو) سانگ، ٽلو مهارو پروسو ڏڍ.
- **آسائتو:** آس رکندڙ اميدوار سيڪڙو.
- **آسائتي:** (آسائتو. آس) آسرو رکندڙ آسروند، اميدوار، آسي.
- **آڪڙ:** سيتجڻ غرور تڪبر، وڏائي، ڦوڪجڻ.
- **آگم:** برسات جي تياري، ڪڪرن جو ظاهر ٿيڻ، آسمان تي مينهن جا آثار.
- **آل** (**ع**): اولاد، نسل، ڪٽنب، خاندان، ياتي، ڪڙم آلِ رسول ﷺ، اهلبيت.
- **آهَر:** جانورن لاءِ وقت جو مقرر گاھ، ڪاڏو.
- **آهَرَ:** ڏڍ آسرو سهارو پرجهلو اميد.
- **آئنليو:** آئنتي، وٽ کائڻ، وڪڙجڻ.
- **ابتر** (**ع**): برباد، زوال، وڊيل، بي اولاد، نڪمو.
- **ابد** (**ع**): اهو وقت جنهن جي شروعات معلوم نہ آهي.
- **اِبراهيم**ؑ: حضرت ابراهيم خليل الله عليه السلام، الله پاڪ جو مقدس رسول هو. هو حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ کان پوءِ سڀني کان افضل هو.

بابل جي شهر ۾ حضرت عيسيٰ کان ٻه هزار سال پهرين پيدا ٿيو. پاڻ شڪل و شبيه ۾ حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ سان مِلندا هئا. سندس قوم بت پرست ۽ ڪواڪب پرست هئي. پاڻ حق جي تبليغ شروع ڪيائون. وقت جي بادشاه 'نمرود' سان مناظرو ڪيائون، پر هُنن هارائڻ باوجود کين' آڙاهه' ۾ وڌو. الله پاڪ اُهو 'آڙاهه' حضرت ابراهيمؑ لاءِ 'گلزار' ۾ تبديل ڪري ڇڏيو ۽ پاڻ محفوظ رهيا. سندن پهرين گهر واري جو نالو بي بي 'ساره' هو جنهن مان حضرت اسحاقؑ پيدا ٿيو. ان بعد سندن ٻي گهر واري بي بي هاجره سان نڪاح ٿيو. بي بي هاجره مصر جي بادشاه جي ڌيءَ هئي. بي بي هاجره مان کين حضرت اسماعيلؑ پيدا ٿيو. حضرت اسماعيلؑ وڏو هو ۽ حضرت اسحاقؑ ننڍو هو. حضرت اسماعيلؑ ۽ بي بي هاجره کي پاڻ انهيءَ جاءِ تي ڇڏي آيا، جتي بيت الله آهي ۽ آب زم زم جو معجزو نمودار ٿيو .پاڻ فلسطين ۽ نابلس کان تبليغ ڪندا مصر پهتا ۽ پوءِ واپس فلسطين ۾ مقيم ٿيا. فلسطين مان بي بي هاجره ۽ اسماعيلؑ سان ملڻ ايندا هئا.پاڻ حضرت اسماعيلؑ سان گڏجي الله جي حڪم سان ڪعبة الله جي تعمير شروع ڪيائون. جڏهن سندن ڄمار 80 سال هئي ته پاڻ الله پاڪ جي حڪم سان 'ختنو' ڪرايائون. حضرت اسحاقؑ جي ولادت وقت سندن ڄمار هڪ سو سال هئي. سندن وفات 175 سالن جي ڄمار ۾ ٿي. کين الله پاڪ جي طرفان قرباني جو حڪم مليو ته حضرت اسماعيلؑ سندن فرمانبرداريءَ وارو حڪم قبول ڪيو ۽ اڄ اهو ڏينهن 'عيدالاضحيٰ' جي طور ملهائجي ٿو. پاڻ پنهنجي والد 'آزر' کي ٻه بتن ٺاهڻ کان منع ڪندارهيا. قرآن مجيد ۾ سندن ذڪر تمام گهڻو ٿيو آهي ۽ نماز ۾ به سڀ مسلمان درودِ ابراهيمي پڙهن ٿا. حضرت لوطؑ سندن ڀائٽيو هئو.

- **ابليس** (ع):(شيطان) مڪار فريبي. مشهور فرشتو جيڪو باهه(نارس) جي پيدائش هو ۽ پنهنجي ڪثير عبادات جو بهانو ٺاهي حضرت آدمؑ

کي سجدي کان انڪار ڪيائين. الله جي حڪم جي انحرافي سبب بهشت مان تڙجي نڪتو پر الله پاڪ کان قيامت تائين انسانن کي گمراهہ ڪرڻ جي اجازت ورتائين. الله پاڪ طرفان حڪم آيو تہ جيڪو الله جو نيڪ ۽ پرهيزگار بندو هوندو اهو شيطان جو تابع نہ ٿيندو. اصطلاحي طور نفس کي ۽ نفساني خواهشن کي شيطان سان تشبيهہ ڏني وڃي ٿي.

- **ابالي(هہ)**:ا+بل =بنا طاقت جي، ڪمزور، يتيم، بي سمجهہ، ٻالي ٻولي.
- **اٻار**: اُٻاريم، اٻاربام اُٻيرڻ = ٻيهڻ، مٿي اچڻ، ظاهر ڪرڻ. مون اٻاربا، مٿي آندا.

اُڀي اٻاريام نڪت سڀ نئي ويا. (شاهہ)

- **اپرائي** :(آ+پر) جنهن جو سهارو نہ هجي، ڪمزوري پر نہ هجي، پُٺِ ۽ ٽيڪ نہ هجي. اڪيلو بنا ساٿي جي.
- **اُٺ**: امر حاضر موجب مصدر ٿيندو اُٺِڻُ يا اٿڻ. اسم خاص. جانور جو نالو. پراڪرت: اُٽ. سنسڪرت: اُشتر. فارسي. اشتر، شُتر.
- **اجمل** (ع): جميل، سهڻو سندر. سندرتا، خوبصورت، هتي اجمل مان مراد اندروني سونهن جي مظهر جي آهي.
- **اجهل**:(ا + جهل) پڪڙ پر نہ ايندڙ جهلڻ کان گهٽو جنهن کي روڪي نہ سگهجي.
- **اختياري(ع)**:اجازت، قدرت، مالڪي.
- **اخيري**:( آخري) ڇيهہ وارو خاتمي وارو.
- **ادول**:ڌڪار، نفرت، لوڌڻ، جلاوطني.
- **اڍنگو**:(آ + ڍنگ) انڪاري صفت، جنهن ۾ ڍنگ ڍول، طريقو يا سليقو نہ هجي. بي ڍنگو بيڪار، بي ڏرو.
- **ارماني**:ڌڪارا، ارمان ڪندڙ افسوس ڪندڙ پڇتائيندڙ.
- **اڙڪائي**:اڙي ڏئي، روڪي، ڦاسائي.
- **اسباب** (ع):(سبب) آسرا، ذريعا، سهارا، وسيلا، وجوه.

- **استغفار**(ع):توبهہ ڏوهن ۽ گناهن جي بخشش لاءِ دعا.
- **اصيل:** شريف، نج، نبار، مُلي نسل وارو شام جو وقت. وڪيل جو گرهاڪ، ڪارو نانگ، ڪُڪڙ جو اعليٰ نسل.
- **اصلات:** اصلي، نج، نبار.
- **افراد:** فرد جو جمع، جنس ماڻهو.
- **اقبال** (ع): ڪاميابي، خوش نصيبي، بخت آوري، توجہ طلب (ضد = اِدبار)
- **اڪابر**(ع): اڪبر جو جمع، تمام وڏو.
- **اڪبر**(ع): وڏو.
- **اڪبر عشق:**وڏو عشق، اصطلاحي طور عشق الاهي، عشق حقيقي.
- **اڪسير**(ع):ڪيميا، پارس، ٽامي کي سون بنائيندڙ دوا جو نالو.
- **اڪند:**چڪ، سڪ، محبت، ڪشڪش، تانگهہ.
- **اگلين:**(اگلي) ا+گلي = بي لچڻي، گدلي، بي افعالي، بي ڍنگي.
- **اگيري:**(اڳ + پري) اڳتي پرڻ، ڇُرڻ يا هلڻ، ويجهو ٿيڻ.
- **اڳيري:**اڳتي ٿيڻ، اڳتي هلڻ، ڇُرڻ، وڏيڪ وکون کڻڻ.
- **اگهور:** وڙڻي نہ سگهڻ، جيڪو قربان نہ ڪري سگهجي، تر يا انت نہ لهي سگهڻ، عميق، اونهو اوڙاهہ.

اگهور گهورپائون (شاهہ)

- **الائي:**الائڻ = ڳالهائڻ، آواز ڏيڻ، آلاپ ڪرڻ، چتائڻ.
- **الدنيا جيفة و طالبها ڪلاب:** دنيا ڍونڍ آهي ۽ ان جا طالب ڪُتا آهن.

طالب الدنيا = مخنث.

طالب العقبيٰ = مؤنث.

طالب المولىٰ = مذڪر.

- **الست بربڪم قالو بليٰ:** قرآن (سوره الاعراف آيت 172) الست: ڇا مان نہ آهيان، بِربڪُم: اوهان جو رب. (ڇا مان اوهان جو رب نہ آهيان) ازل واري ڏينهن الله پاڪ ارواحن کان هيءُ سوال پڇيو، سيني يڪ آواز

چيو: ٿالو بليٰ چيائون هائو. پوءِ دنيا ۾ اچي خدا جي ڪِن نافرمان ۽ بدنصيبن شرڪ ڪيو ۽ ڪافر مشرڪ ٿي ويا.

- **الستي سور:** ازل کان سور. سرجي تان سور. الست کان پوءِ جي منزل سرجڻ. حظيره القدس کان رحم تائين.
- **الغرض(ع):** الحاصل. طلب. نتيجو غرض. آثار منشا.
- **الله(ع):** اسم ذات. خدا. معبود. خدا جو ذاتي نالو هڪ خدا. خلقڻهار. مالڪ. ڌڻي.
- **الوڙ:** ڪولڻ. ڪولي چڏڻ. بيڙي الوڙڻ. مهڙ. ڪناري جا رسا يا ونجهہ ڪيڻ. ڪٿ الوڙڻ معنيٰ واڏاڻ ڪيڻ. ارٿ الوڙڻ معنيٰ ارٿ ڪولي ڇڏڻ. ارٿ الوڙيو تہ آتڻ اجهامي ويندو.
- **الهان (الحان):** لحن = زبان. خوش الحان. مِٺي زبان وارو رسيلي زبان وارو.

مور اصل منٺار تہ ڪونهي، هِن بتخان ۾ تون آهين،
پاڻ سڻين ٿو پاڻ ڏسين ٿو جيءِ الهان ۾ تون آهين.

- **امر:** حڪم. نصيب.
- **امَرُ:** لازوال. سدائين جيئرو لافاني.
- **املاڪ(ع):** مِلڪ جو جمع. ملڪيت. دولت. جائداد. امانت.
- **اميدوان:** (اميدوار) اميد رکندڙ آسرو رکندڙ گهرجائو.
- **انجامڙا:** (انجام جي تصغير) وعدو اختتام. نتيجو عهد. شنوائي.
- **انجيل:** حضرت عيسيٰ عليه السلام تي نازل ٿيل آسماني ڪتاب.
- **انهين:** هُنن (ضمير اشارو).
- **اني:** (انهن). انهن کي (ضير اشارو ڏور)
- **اڻجاڻ:** (اڻ + جاڻ = نہ. علم يا بي علم) جاهل. بي خبر. سڌ نہ رکندڙ اڻواقف.
- **اڻهوند:** کوٽ. سچائي. هوندِ نہ هجي. غير موجودگي.
- **اوباهي:** بخشش. ڇوٽڪارو نجات. معافي. ڇٽ يا پٽ ويڙهائڻ. ويس ڍڪائڻ.

- **اوتارُ:** (تارُ)، (1) اتاريندڙ لاهيندڙ مُضر اثرات ختم ڪندڙ (2) سُروپ، بيو روپ ڌارڻ، اختيار ڪرڻ.
- **اوڏي:** اوڏو قريب، ويجهو.
- **اوراهون:** اور + هئون = اورتي، ويجهو هيڏانهن، مون ڏانهن، مون وٽ، قريب.
- **اوسر:** (1) خشڪي، ڪنهن رشتيدار جي وفات تي خيرات جي ماني، (2) ترقي، واڌ ويجهه.
- **اوسري:** اُسرڻ، اپرڻ، نمودار ٿيڻ، مٿي وڌڻ، ترقي ڪرڻ.
- **اوقاتون:** (اوڪادون) خيال، وهم، ويچار، دليل.
- **اوڪات(ع):** (اوقات) وقت، ويلو مهل، پهچندي، حيثيت، وهم، گمان.
- **اوڪائي:** اوکو ڏکيو مشڪل، تڪليف، اوک، ڏک، سور، جوکو ڏکندو تڪليف، اوکائي.

**اوڳار:** (اوڳارڻ) معدو جڏهن کاڌو هضم ڪندو آهي ته انهن جو ڪجهه حصو واپس منهن ۾ آڻي وري چباڙيندو آهي. اِن عمل جي جانورن ۾ وڏي اهميت ٿيندي آهي. اوڳاريندڙ جانور حلال جانور آهن. جڏهن جانورن جي اوڳار بند ٿيندي آهي ته اُهي بيمار ٿي آهُرجي پوندا آهن. صوفين جي جهان ۾ هِن جون اصطلاحي معنائون ورتيون ويون آهن. هِتي امانت واپس ڪرڻ. قيامت جي ڏينهن زمين پنهنجي اندر ۾ دفن ٿيل انسان. اوڳاري امانت طور واپس ڪندي. حضرت يونس عليه السلام کي مڇ واپس اوڳاريو ۽ هو زنده موٽي آيو. (سبحان الله)

ذڪريا نبي کي ڪيئن ڪرت ڏاريو
يونس کي مڇ ٿي اوڳاريو
ايوب صبر ۾ ڪيئن ٿي گذاريو
ڏنس ڪيئن وارو ڏک سور ڏاهي.
(منٺار فقير)

- **اول(ع)**: پهرين، شروع، سرِ فهرست.
- **اولا**: ڏکيا، مشڪل، سَولا جو ضد.
- **اولاڻ**: سيڻ، اوپانگهڻ، هڻڻ لاءِ تياري ڪرڻ پر هڻڻ نہ. اولار ڪان پوءِ والار.
- **اونريءَ**: (اونر، اونرا ،ضد سَنِرا) اپرا، ڪمزور نپاڳا، بي بخت.
- **اونهي**: گهري، اُونگهون، گهَروءِ گهمندڙ پاڻي.
- **اهڃاڻ**: اشارو نشاني، پتو.
- **ايرام**: احرام لباس.
- **ايل**: عيال، ڪٽنب، ڪڙهہ (ايل اباڻو = اباڻو ڪٽنب)، لشڪر.
- **ايلدار**: ايل = اصلي، اصيل، اصليت وارا، خانداني.

## ب

- **باطون**: باطن، اندر، ڳجهو.
- **بانور**: (ف.باور) پاور طاقت، سگهہ، غرور، اعتبار وڏائي.
- **باري**: (سنڌي) ننڍي ڇوڪري، نوبت وارو (فارسي) الله پاڪ جو صفاتي نالو خالق، اپائڻهار ڳرو ڀاري، بار کڻندڙ لاڏائو اُٺ.
- **بڇايون**: بڇيون، بڇڙائيون، خرابيون، گندا ڪم.
- **بدايت** (ع): (بِدا، وداع، وِدايت) الوداع، جُدائي، موڪلاڻي، رخصت.
- **بدڪار**: بد = خراب، ڪار = ڪم. خطادار خراب ڪم ڪندڙ برا ڪم ڪندڙ شِرُ. گنهگار بڇڙائي ڪندڙ.
- **برڪت دار**: برڪت وارو جنهن ۾ روحانيت جو جز شامل ٿي وڃي. سڃايو ڪم، سٺو ڪم.
- **برهہ**: هجر، جدائي، جدائي جو گيت، فراق.
- **برهان** (ع): دليل، حجت، بزرگي.
- **بصير(ع)**: ڏسندڙ روشن نظر وارو الله پاڪ جو صفاتي نالو.

- **بصيرت(ع)**: روشني، سوجهرو بينائي، نظر، ادراڪ، سمجهہ، دل جي اکين سان ڏسڻ وارو. اصطلاحي طور جيڪي ماڻهو اندر جا حال پروڙي سگهي يا اکيون بند ڪري بہ حال دل تائين رسائي رکي انهي کي صاحبِ بصيرت چئبو آهي.
- **بقائي**: بقاء رکندڙ هميشہ رهندڙ جنهن کي ختم ٿيڻ جو ڀپ نہ هُجي، جيڪو آخر ۾ بچي، وجود جو رهڻ بقايا، پاڇي.
- **بندو (ف)**: مُطيع، خادم، غلام، نوڪر، خاڪسار، انسان، قيدي، فرمانبردار، عبد.
- **بندياڻي**: قيدياڻي، روڪ ۾، جيل ۾، آزادي کان محروم.
- **بنڊي**: (بنڊ = ڪاٺ سڪل) سڪل ڪاٺي، ڪاٺ جو آخري حصو جيڪو ٽڙ وڍڻ بعد ۾ زمين مٿان بچيل رهي.
- **بُهتان (ع)**: الزام تهمت.
- **بهتان (ع)**: ڏوهہ، عيب، گناهہ، الزام.
- **بهشت (ف)**: جَنت، باغ، آرام جي جڳهہ، بهشتي = پاڻي پريندڙ پاڻي پياريندڙ پخالي.
- **بڙان**: ويران، بيابان، غير آباد.
- **بي انت**: بي = نہ، انت = ڇيهہ، جنهن جو ڇيهہ نہ هجي، ماپي نہ سگهجي، ڳڻي نہ سگهجي، شمار کان ٻاهر.
- **بي انداز**: بيشمار ماپ يا ڳڻپ کان مٿي، ڪاٿو نہ لڳائي سگهجي.
- **بيانو (ف)**: بيان، داستان، حقيقت، ڳالهہ. پوءِ اگر ڳالهہ ڪنهن سودي يا واپار جي آهي تہ ڪجهہ رقم ڳالهہ جي ضمانت طور رکرائبي آهي، جنهن جو مطلب آهي بيان جي شاهدي.
- **بيبان**: بيابان، دشت، صحرا، ويرانو.
- **بيت الله**: الله جو گهر، ڪعبة الله.
- **بي ڏوهيو**: بي = نہ، ڏوهہ = قصور، بنا قصور جي، گناهہ کانسواءِ، بغير جُرم جي.

- **بي ڪس:** نڌڻڪو بي يارو مددگار بي وسيلو.
- **بي مالم:** معلوم نہ هجي.
- **بين:** وچ ۾ درميان.
- **بي نمون:** (بي نمود) ڏيک ڪانسواءِ لقاءَ ڪانسواءِ.
- **بيني:** بيني بين تنهنجي، بندوق دونالي(منثار). نڪ جي ڇهنب، نڪ، نڪ جو وچون پردو. نڪ کي بندوق جي ٻن نالين سان تشبيهہ ڏنل آهي.
- **بي وس:** وس ڪانسواءِ بي ضابطہ دسترس نہ هجڻ.

# پ

- **پارڻ:**(مصدر) پاهہ ڏيڻ، آگ لڳائڻ، ٽانڊو پارڻ، پريتو. (اسم) اهو مواد جيڪو پاهہ پارڻ لاءِ استعمال ٿئي. ڪاٺيون ۽ ڪِرڪُٽيون جن سان آگ لڳائجي. اصطلاحي طور جيڪڏهن ڪنهن کي اندر ۾ تڪليف هجي تہ ڇنبو بيماري سبب اندر ۾ پارڻ پيو پريہ هتي پارڻ تڪليف جي شدت کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙي طرح بزرگ شاعرن هجر ۽ فراق جي تڪليف کي بہ پارڻ پرڻ جي اصطلاح ۾ استعمال ڪيو آهي.

  عشق جا "پارڻ پريا" ڪي هن طرف ڪي هن طرف.

  (مخدوم امين محمد 'فهيم')

- **پاروتڻ:** ننڍيڻ، ننڍي ڄمار.
- **پاروچل:** پروچ جي تصغير. گرامر جي وضاحت موجب هيءَ تصغير يا تعدادي تڪبير آهي. جنهن ۾ اکر جو تعداد وڌي ٿو (تڪبير) پر معنوي لحاظ کان هيءَ لفظ تصغير جي دائري ۾ آيل آهي.
- **پاڪراسي:** اها ڪنوڻ جيڪا وڄهن ڪڪرن مان اٿين جهاتيون پائي جيئن هڪ ئي وقت پڪريون، ڏڻ ۾ پيپراٽ ڪن ۽ هر طرف کان آواز گونجن. هيءَ عموماً تيز ۽ بي آواز ڪنوڻ هوندي آهي، جنهن کانپوءِ تمام زوردار بارش پوندي آهي.

- **ڀڙڪائڻ:** تيز ٻارڻ، هوا سان باهہ کي تيز ڪرڻ، مچ مچائڻ، جوش ڏيارڻ، اُڀارڻ، ڪاوڙائڻ.
- **ڀَن:** اونداهو ڪڏو ڪاهي، ڪندرات، پُراڻا ڦٽل آثار. اصطلاحي طور =مچي ڦاسائڻ لاءِ وڏو ڄار رچ، گناهگارن کي اڇلڻ يا ڦاسائڻ جي جاءِ.
- **ڀنڀور:** (ڀنڀ) اونداهہ وارو ڪارڻ ڪارو. ڀنڀرڪو رات جي آخري اونداهہ. ڀنڀاوار ڪارا وار. دونهن وارو.
- **ڀولو:** ڀُل، غلط نهمي، چُڪ، گمان، وهم.
- **ڀيچ ڀنِي:** وسڪاري جي رات، جنهن ۾ خير ۽ امن جي برسات پئي هجي.
- **ڀيد:** انت. راز. ڳجهہ. طرف. ڀيائي. ويچو گهر جو ڀيدي، گهر جو واقفڪار چاڻندڙ.
- **ڀيلو:** اڻ پڪل ٿانءُ، ڪچو پڪو مٽيءَ جو ٿانءُ جيڪو پاڻي ۾ ڳري وڃي.

## ت

- **تاج:** تج، ذرو هلڪو ڦيڻ.
- **تادي:** تمدي(ع) حد کان وڌڻ، ظلم و ستم ڪرڻ، جُٺ ڪرڻ، خوار ڪرڻ.

> هٺڻ ۽ هوڏ وارا حاڪم، بيشڪ مون تي هٺا بالم،
> اڇي ڪيائون زير سي ظالم، تن سان ڪيائون پاڻ تادي
> (منٺار فقير)

'هٺڻ' ۽ 'هوڏ' يعني تڪبر ۽ غرور مون تي غالب هٺا. پر رهبر اچي انهن ظالم حڪمرانن کي زير ڪري منهنجي وجود کي نياز ۽ عجز سيکاريو ۽ 'هٺڻ' ۽ 'هوڏ' جي اوڳڻن سان تادي ڪئي ۽ مون کي تڪبر کان بچايو.

- **تاس:** (تنؤس) تِس = اُڃ، طلب، چڪ، ٻاڙ اڪير.
- **تانگھ:** چڪ، ڪٽ جي تانگھہ (واڍاڻ)، سِڪ، پاڻ ڏانھن ڇڪيندڙ. تانگھو = گھٽو ۽ اونهون پاڻي.
- **تاءُ:** سيڪ، گرمي، ڏکي لڳڻ، باهہ جي لمس.
- **تجار** (ع): تجارت ڪندڙ تاجر، واپاري.
- **تجمل** (ع): سونهن، سينگار جمال، شان، شوڪت، دبدبو.
- **تحليل**(ع): اجزا کي الڳ الڳ ڪرڻ، ڳارڻ، پگھارڻ، حل ڪرڻ، گھاٽو ڪرڻ.
- **تخمين:** اندازو ڪٿ، ٿڪ.
- **تدبير:** پاڻمرادو جدوجهد ڪرڻ، نصيب جي ظهور پذير ٿيڻ تائين جستجو ڪرڻ، وسيلو ڪرڻ.
- **ترهو:** ترڻ جو وسيلو معرفت، سهارو.
- **تقصير** (ع): گناهہ، عيب، قصور، گھٽتائي.
- **تڪيو:** وهاڻو ڪنڌاڻو طول، ڳاديلو فقيرن جي ويهڻ جي جاءِ، آستانو ماڳ.
- **تل** (س): تر، ذرو ٿورڙو ڳل تي ڪارو ننڍو داغ
- **تليهر:** ڪاري نانگ جو هڪ خاص نسل، ڪاري نانگ جي ٻين قسمن ۾ ڪاريهر ۽ وسيهر شامل آهن. تليهر کي شاعرن سندن ڪاري رنگ جي ڪري ڪارن وارن سان تشبيهہ ۾ استعمال ڪيو آهي.

ڪارا ڪيس، تحقيق تليهر. (منٺار فقير)

- **تندڙي:**(اسم تصغير) تند تار لوهہ جي سنهڙي وار جهڙي شيخ. تند جيڪا مختلف سازن ۾ استعمال ٿئي جن ۾ سارنگي، يڪتارو گٽار، ڪماچ وغيره اچي وڃن. سازن ۾ هيءَ تند چمڙي جي بہ ٿئي تہ جانورن جي آنڊي مان بہ ٺهي ”تنهنجي تند تنوار مون من موهيو مگڻا“.
- **تنگي** (ف):سوڙهہ گھٽ گنجائش، محروم، بند، آخري حد، ضرورت، ڇڪ. تنگ = اهو پٽو جيڪو سنج ڇڪي رکڻ لاءِ وهٽ جي پيٽ کي ٻڌجي.

- **تنهين**:(تنهن) انهيءَ کي، تن کي (ضمير اشارو)
- **تڻڪائي**:(تڻڪ) ڇڪڻ رسيءَ کي پنهنجي لچڪ جي حد تائين ڇڪڻ.
- **توائي**: بي معنيٰ، بي مقصد، واڻڙو.
- **توبهه**: (توبهه زاري) (ع) رجوع ڪرڻ. گناهه کان باز اچڻ، پشيماني.
توبهه زاري = عاجزي سان گناهن جي معافي گهرڻ.
- **توبهه**: توبهه (ع) گناهن کان پڇتاءُ، پشيماني، ندامت، چڱاين ڏانهن رجوع.
- **توتاري**: شرناءِ، آواز ڪندڙ توتاڙ ڪندڙ.
- **توڏهون**: توڏانهن، توهان ڏانهن، توهان طرف، توڏي.
- **توريت**: حضرت موسيٰ تي نازل ٿيل ڪتاب
"توريت، زبور پڻ تنهنجو انجيل فرقان سونهارو".
- **تولين**: (سرائيڪي) تولين، تورين، ماپين، پرکي ڪن، تولو تورڻ جو ماپو ڏکو تولي جو وٽُ.
- **توهه**: پاجهه، لطف، فضل، ڪرم، راضپو پلائي، بخشش، آسرو ڀروسو.
- **تئي**: تئہ تپش، سيڪ، ڪوساڻ، گرمي.

# ٿ

- **ٿاريلا**:(جمع) ٿروارا، ٿر جا رهاڪو ٿري ماڻهو بُلبل جو هڪ قِسم.
- **ٿاڪ**: بيٺڪ، آستانو ماڳ، ٽڪاڻو ٽِڪڻ جي جاءِ.
- **ٿڃ**: تازي ڄاول ٻار لاءِ عورت ماءُ جي پستن ۾ ٺهندڙ کير.
- **ٿڃ ڀائي**: ٻئي ٻار سان گڏ ان جي ماءُ جو کير پيئڻ سان قائم ٿيل رشتو ٿڃ شريڪ، رضائي رشتو.
- **ٿر**: ڪڙهيل کير جي مٿان ڄميل تهه، جاگرافيائي طور واريءَ جي پٽن وارو علائقو. اُهو علائقو جنهن ۾ نهري پاڻي جو نظام نٿو هلي ۽ برسات تي آباد رهندڙ آهي. انهيءَ ڪري چوڻي مشهور ٿي تہ "وٺو تہ ٿر نہ تہ بر".

هيءَ صحرائي علائقو آهي، جيڪو سنڌ جي ايرندي دنگ سان مڪمل هلي ۽ پنجاب ۾ بہ اڳتي هلي. هڪ تاريخي نظريو اهو بہ آهي تہ هيءَ علائقو صديون اڳ ۾ سمنڊ ۾ هو پوءِ سمنڊ جي هيٺ لهڻ سان ظاهر ٿيو آهي ۽ پٽن جي اوچائي ۽ رُخ سامونڊي لهرين جي رخ مطابق آهي.

## ٿ

- **ٿارو ڪرڻ:** پاسو ڪرڻ، درگذر ڪرڻ، بچاءُ ڪرڻ.
- **ٿاري:** وڻ جي سنهي شاخ. لام.
- **ٿانڊو:** ڪاٺيءَ جو برندڙ ٽڪر.
- **ٿانڪڻ:** ٿوبو ڏيڻ.
- **ٿاڻ:** ٿاٺو وقت، ٿوبو ويل.
- **ٿاٽي:** گرم، تپش ۾ ڳاڙهو ٿيڻ.
- **ٿُبِ ٿيل:** مُنهن ٿائين پريل.
- **ٿبي:** پاڻيءَ ۾ ساهہ گهٽي ويهڻ.
- **ٿرڻ:** ڪِرڻ، بهاري ۾ اچڻ، خوش ٿيڻ.
- **ٿڪ:** آرسي، شيشو
- **ٿڪڻ:** هڪ هنڌ رهڻ، ترسڻ، رات ترسڻ.
- **ٿڳنناڳن:** ٿوپا ڏين، سيبا ڏين، ڳنديين.
- **ٿلَ:** ٿلڻ، هلڻ جي مخصوص لوڏ، مور جو ٿلڻ، تارين تي ٿِلڻ يا لُڏڻ. ٿَل - انڪل، چال.
- **ٿنبڻ:** سيبي سان قابو ڪرڻ.
- **ٿنڊ ٿور:** ٿور معنيٰ هلڻ جو ڍنگ يا چال. وڏائي ۽ تڪبر سان هلڻ، آڪڙ ۽ فخر سان هلڻ. نخري ۽ ترڙائي سان هلڻ. بي سُرا هار سينگار ڪرڻ. ٿيڙي ۽ وڏائو.
- **ٿوٿو ٿيٺو:** حيلو وسيلو

## ٽ

- **ٽَٽ:** (ٽَٽ) ڍڳين جي مال جو مالدار. ٽَٽ هجڻ معنيٰ ڍڳين جي مال جي گهڻائي.
- **ٽٽول:** جنهن وٽ مال نہ هجي ان کي بہ مالدار چئجي. ڪِل خواري عيب جوئي.
- **ٺڳ:** دوکي ڏيڻ وارو فريبي، چالاڪ، ڌُلبو ڏيندڙ دغا ڏيندڙ.

## ث

- **ثابت:** بيٺل، قائم، پڪ ٿيل، سلامت، سچو تصديق وارو، چٽو ۽ پڌرو ٿيل.
- **ثاني:** ٻہ، ٻيو جوڙ هڪ جهڙو.
- **ثبات:** قيام مستقل، مضبوطي، برقرار هجڻ.
- **ثقلين** (ث): ٻہ گروهہ (انسان ۽ جن) ٻئي جهان.
- **ثواب** (ع): سٺو اجورو عيوض، نيڪي جو ڦل.

## پ

- **پارون:** پاران، ان جي طرفان.
- **پارئون:** (پاران) = جي طرفان، هنن وٽان، پار کان يا سجڻ جي طرف کان.
- **پازي:** پيرين پوندڙ ٻانهو نيچ، گولو خدمتگار، صوفياڻي طرز طور طالب هميشہ پنهنجي حيثيت مطلوب اڳيان پازي واري رکي آهي.
- **پاڪ:** صاف، بي عيب
- **پاند:** چادر يا چوليءَ جون چار ئي ڪنڊون، هر هڪ ڪنڊ کي پاند چئبو. چوٽي، پاند پائڻ معنيٰ جهولي جهلڻ. نيزي جي چوٽي

يا منهن جيڪو نوڪدار يا ڪنڊ ٿاهيندڙ آهي، ان کي بہ پاند چئبو.

چنيءَ چار ٿي پاند، مون ريڙهيندي رات ٿئي. (شاهہ)
سسي نيزي پاند، اُڇل تہ اڏ ٿئي. (شاهہ)

- **پانڌي:** مسافر، پنڌ ويندڙ قاصد، واٽهڙو راه گير، گس پنڌ جو راهي، پرين جو پانڌي نياپا نيندڙ.
- **پانور:** (انگ) طاقت، سگهہ، قوت، زور.
- **پتنگ:** پروانو پوپٽ جو خاص قسم، هن جي شبيهہ جهڙو ڪاغذ ڪٽي ان ۾ ڏور (مانجهو) وجهي آسمان ۾ اڏائجي تہ ان کي بہ پتنگ يا لغڙ چئجي. ڏور ڪٽجي وڃي تہ پتنگ يا لغڙ جي اڏام ختم جيڪڏهن اصلي پتنگ يا جيت روشني جي شوق ۾ شمع کي وبجهو وڃي تہ ان جي اڏام بہ ختم.
- **پٽر:** پٽاريل، وڇايل پٽراٽي.

ڀهراڙين ۾ اڃا بہ اهو پراڻو رواج ڪٿي ڪٿي برقرار آهي تہ فاتح خواني وقت ڏيپ ۽ ڪک اوطاق ۾ وڇائبا ۽ اصطلاحي طور انهي سڄي عمل کي 'پٽر وڇائڻ' چئبو. اهو ڏيپ ۽ ڪک جيڪڏهن ڪنهن خوشي جي موقعي لاءِ هوندا تہ ان کي پٽر نہ چئبو چئبو. فاتح خواني لاءِ ٻيا بہ اصطلاح استعمال ڪبا آهن، جيئن پٽر ڪرڻ، پٽر ڪٽڻ، ڪجهہ ڏينهن پٽر ڪرڻ وغيره.

ماءِ وهاڻو وان ڪرڻ پٽراٽي پنهنجي. (شاهہ)

پٽراٽي = پٽراٽي، پٽ واري، پٽ جي، پٽ تي وڇايل ڏيپ. ڪڪن ڪانسواءِ تڏا بہ وڇائبا آهن تہ پوءِ وري تڏو ڪرڻ يا تڏو وڇائڻ چئبو. هن وقت اگر صوفا سيٽ تي بہ فاتح خواني ڪجي تہ بہ چئبو پٽر يا تڏو.

- **پٽيهر:** ڳهہ جو قسم، ٻانهن ۾ ٻڌڻ جي پٽي.
- **پٽ چير:** پٽ جا ڪپڙا، ريشمي ڪپڙا.
- **پٽيرو:** پٽِ + ايرو = پٽي ڏيئي ٻيٺل، پٽ وارو
- **پرچ:** (پرچڻ)، صلح، پرچاءُ، ٺاهہ، روسامو ڇڏڻ، رنج ڇڏڻ.

- **پرڪار:** لڇڻ، افعال، ڪم، ڪرتوت.
- **پرمل (سن):** جانورن جي هڪ جنس جو نالو ٻين سان لهه وچڙ رکڻ وارو رلڻو ملڻو. خوش خلق.
- **پرو:** ڇيهه، حد، خاتمو آخري

خاوند تنهنجي ڪانڌ جو پرو پاند نه ڪو. (شاهه)

- **پروَرَ (ف):** پالينڊڙ ذات باري تعاليٰ.
- **پروڙ:** ڄاڻ، خبر، سمجهه، پرجهه.
- **پروانو (ف):** پتنگ، پوپٽ، اصطلاحي طور= فدا ٿيندڙ قربان ٿيندڙ مچ ۾ پوندڙ.
- **پرياڻ:** پرتي، ڏور، پرديس، نسل اهليت، رِٿ، ارادو، ويچار اهڃاڻ، خيال، نصيحت.
- **پڙهو:** پڙهي اعلان ڪرڻ، پڙهي عوام کي خبردار ڪرڻ، بادشاهي اعلان کي عام ڪرڻ ۽ ڍنڍورو ڏيڻ.
- **پڙهيا:** تعويذ ڪرڻ، جادو يا ڪاري علم جو اثر وهارڻ، پڙهڻ مصدر جو فعل زمان ماضي.
- **پس:** تازي ويامل مال جو ٻهرٿين ٿن، ڇٺن ڏينهن جو کير جيڪو جمائي نه سگهجي، ٻهرين پس مان چڪيون يا ٿينڪيون (ٽڪيون) ٺاهجن. مثال مشهور آهي ته اُٿِ جو کير پس (ٽيڪيون) ڪونه ڪري.
- **پستئون (ف):** پُشتئون =نسل در نسل، اصل کان. (پُشت ۾ پٺي) پٺيءَ مان.
- **پسري:** پسرڻ، چرڳڻ، ڏکڻ، چڪڻ، چرٻڻ زخم جو اندر ئي اندر ڪڙهڻ وگهرڻ، ڪاوڙجڻ، سور ڪرڻ.
- **پسِي:** ڪرڙ جي ٻوٽي جي گل ٻاتي جيڪا ڏٽ طور ڪائجي، پسي مان ڏونرا ٿين. هنن جو سانڌاڻو به ٺاهجي. ڏونرا پڃي راس ٿين ۽ ڳاڙهي رنگ جا مِنا ٿين ۽ ٻيرن وانگيان کائجن، اُنهن کي ڀڪا چئجي.
- **پگهه:** ٻيڙي کي ڪناري سان ٻڌڻ جو رسو.

ڀگهه ڇوڙي پنڌ پيا، مون ويلي وٽجارا. (منٺار فقير)

- **پگهاري:** ڳاري، پگهرائي، پگهر ڪڍي

- **پوئواري:**پنيان ڏٽيپ ڪرڻ پوئتان مالڪي ڪرڻ پوئتان وارو همت ڪرڻ
- **پهت:**موافقت، ٺاهه. شادي وغيره ۾ مقرر ڪيل ٻنڌاڻ، پوئو.

'پاهت' جنجو پيڙهيون، ماني محتاجا (گرهوڙي)

- **پهَرَ:** وقت جو ايڪون ٽي ڪلاڪ برابر هڪ پهر، اٺ پهر معنيٰ رات ڏينهن.
- **پياسي:**اچ وارو پياس وارو سڪايل، صحبت وارو سِڪايل.
- **پيچ:** چڪر، ڦيرو لوهه يا ڪاٺيءَ جي ڪلي جي منهن ۾ چوڙيون ٺاهڻ ۽ ڪاٺ يا مٽي ۾ قابو ڪرڻ لاءِ وٽ وارو رستو ٺاهڻ. مخصوص رستو، پيچ پائڻ، خاص رسم و راه رکڻ، اکين جا پيچ، عشق جا پيچ، اهڙو گس جيڪي ٻئي جي هلڻ لاءِ جاءِ نه ڇڏي.
- **پيرِمغان (ف):**آتش پرستن جو پيشوا، شراب خاني جو مالڪ. صوفين جي اصطلاح ۾ توحيد جي مئي پيارينڌڙ رهبر. حضرت پير اشرف شاهه ڪامارائي چيو ته:

'پير مغان' جي مئہ خاني ۾
آئون ته شراب جي ستي هُئان شل..!

- **پيرون:** ڄارين ۽ ڪبڙن جو ميوو جنهن ۾ ٻج هجي. ڪبڙن جا پيرون ڪارا ۽ ڄارين جا پيرون تمام مِٺا. ڄارين جو هڪ خاص قسم 'ساڏوهيون' ٿئي.

تن ساڏوهين سڏ مران، ڏنگا جنين ڏار. (شاهه)

مٺا پيرون ٿر جا ماٺهو ڪارين ۾ چونڊي ڪٺي اچن هنن ڪارين جو هڪ قسم 'ٽپڪڙا' به آهي.

مٺن ٽپڪ ٽپڪڙا، چڪنڌڙا اچن (شاهه)

پيرون وري سڪائي به رکن، ان کي "ڪوڪڙ" چون. پيرون اڇا به ٿين ۽ ڳاڙها به ٿين.

- **پيڙهه:**(پيڙهڻ) درد، سور، تڪليف، رنج، اهنج.

'پيڙهه' ٻري ويئي، اچن ساڻ عجيب جي. (شاهه)

- **پيزار (ف):** جُتي، پاپوش، ڪفش پا، پيرن جو لباس.

- **پيش/پيشاني:** اڳيان، سامهون، منهن، مهانڊو چهرو.
- **پينار:** (پين پڙ + آر = گهرڻ + وارو) مڱيندڙ گهرجائو طلبيندڙ گهُرندڙ مڱڻهار.
- **پيهڻ پچائڻ:** پيهي پوءِ پچائڻ خوشحالي جي نشاني آهي. ڏڪار ۾ اُباري کائڻ به نعمت آهي. ڳُني ۾ ڪٽا.
- **پيهي:** چئن ٿوڻين تي ڪکائين ڇت سان. فصلن جي وچ ۾ جهار هڪلڻ لاءِ پيهي ٺاهجي. لاڏائو قبيلن جو عارضي گهر. مال جي واڙي ۾ به ٺاهجي. نانگ پيهي تي ڪو نه چڙهي. ڏينهن جو پيهي جي ڇانوَ ۾ ويهجي ۽ رات جو پيهي تي سمهجي.

دوست پيهي در آيو ٿيو ملڻ جو سعيو (شاهه)

## ج

- **جاڳڻ:** (سجاڳ)، ننڊ نه ڪن، اکين کي آرام نه ڏين.
- **جادو(ف):** منتر، سحر، افسون، طلسم.
- **جامون:** لباس، غلاف، ڪپڙي ۾ ويڙهيل.
- **جاجڪ:** مڱڻهارن جي نک، صبح جا صدائي، وهاڳ ڏيندڙ.

'جاجڪ' اُيو جيءَ، سر جون صدائون هڻي. (شاهه)

- **جرعيت(ع):** جرئت، همت، توفيق، طاقت.
- **جر:** زمين جي اندر جو پاڻي جيڪو تڙ، کوهه، ويري يا نلڪي جي ذريعي حاصل ٿئي.

پايو جر جندن ۾، ڪوڏان ڪن کهون. (شاهه)

- **جَڙ:** پاڙ ٿڙ کي زمين مان کاڏو پهچائيندڙ.
- **جَڙي:** جڙڻ، ڪڙو ڪڙي سان ملائڻ، ريهه ڏيئي ڏاڍو ڪرڻ، جڙو اناڙي وهٽ، جيڪو اجان وَهُو نه ٿيو هجي.

- **جليل(ع)**:(اجلا) بزرگ، وڏو اعليٰ معتبر.
- **جمعيت**(ع): تسلي، دلجاءِ، طاقت، آرام، قرار، مجموعو گروهه، آئت.
- **جنجال**: (جنجل، جنجالي) مصيبت، مشڪل، ڏکيو جهيڙو جهڳڙو، جهڳڙالو
- **جنساري(ع)**:(جنسار)، سينگار، مظهر، ناهيل.
- **جوڙ جڳت**: جڳ يا جهان جي جوڙ جڳ جي بناوت، جَڳ معنيٰ تخليق جو مظهر.
- **جوکُ**:(جوکم) جوکو نقصان.
- **جهات**: جهت جو جمع، جهان، رقت.
- **جَهڙَ**: ڪنهن ماڻهو يا ڍور جو پير ٻي پير ۾ لڳي ۽ مُريي تي زخم ڪري وجهي. اگر گهوڙو پنڌ هلندي تيز ڪاٽي ته چئبو جهڙون پيو هڻي. زخم، لوري.

  جهڙ لڳي جن جي جان ۾ سي ڪيئن ڪنديون ڪم ڪار لوا

  (پير اشرف شاهه)

  هيءَ جهڙ اسانهين، ڪِ لڳي لوڪ سيڪنهن. (گرهوڙي)
- **جهَليندو**:جهلڻ، روڪڻ، برداشت ڪرڻ، منهن ڏيڻ.
- **جهين**:جنهن، هُن (ضمير غائب)
- **جيس**:(انجيس) جوڙ برابر، جيڏو سرتو انجيس درجي ۾ هڪ جيڏن تاڪن کي جوڙي بيهاريندڙ جيس ناهيندڙ.

## ڃ

- **ڃاڻُ**:علم، سمجهه، خبر. ڃاڻُ =اطلاع، پڙهو گهمائڻ.
- **ڃيي**: ڃيرو ڃر، باهه جو پڙڪو شملو.

## جهہ

- **جهانگيئڙا:** جهنگ ۾ رهندڙ گهمندڙ لاڏائو مال جي سانگ سان هلندڙ.
- **جهجهڻ:** جهج، پرڻ، پُري پوڻ.
- **جهلڪ:** جهلڪ، چمڪو ٿوري پڙلاءِ ڏسڻ. لياڪو شعاع.
- **جهلڪار:** (جهلڪ + آر) جهلڪ وارو روشني جو تيز شعاع، روشني جو پرتوو جهاتي، لياڪو.

سج چنڊ کان سهڻو گهڻو وي ميان!

جانب جو جهلڪار.

(منثار فقير رحہ)

فقير صاحب جي ڪلام جي هيءَ سهڻائي آهي، جو هِن لفظ کي مذڪر پيش ڪري قافيي جي پورائي ڪئي آهي. هيءَ فن سان بغاوت نہ پر فن تي غلبو آهي.

- **جهوري:** جهُرڻ، ٿنڻ، لات.
- **جهوڙ نانگ:** ڪير جو قسم جنهن تي جهاڙ اثر نہ ڪري (هڻ ڪڻ، سنگچور)

سنها پانءِ مَ سپ، وياءِ واسينگن جا،

جنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان ٿي نہ چُري

(شاهہ)

- **جهون:** جهونو = پيرسن، پوڙهو عمر رسيد.

## چ

- **چاڏي:** ڪير ڪڻڻ لاءِ پتل يا ٽامي جو ڍلو.
- **چارا:** (چارو) واٽ، رستو ڳس، اصطلاحي طور وبچارو جنهن جو رستو وڃائجي وڃي، بي يارو مددگار طاقت، ذريعو وسيلو واهہ.

- **چاق:** چڱو ڀلو، صحتمند، تندرست (ترڪي زبان ۾ چاقو يا ڪپ) چيريل، ڦاٽل، اُڌڙيل، چاق گريبان (فارسي ۾). ڦاٽل دامن، ڦاٽل چولي.
- **چاڪر** (ف): چاڪري ڪندڙ حاضري ڀريندڙ نوڪري ڪندڙ نوڪر، ٻانهو خادم.
- **چتر:** چِت، دل، عقل، شعور، سمجهه، عقلمند، سُچيت، داناءُ.
- **چترُ** (هـ): (چِت = اندر عقل) چت وارو، عقلمند، سمجهدار، هوشيار، چالاڪ، ذهين.
- **چٽ ٿيڻ:** ختم ٿيڻ، چٽجي وڃڻ، بقايا ڪجهه به نه بچڻ.
- **چوڌار:** چئني ڌارائن ۾، چئني رخن ۾.
- **چوڌس:** ارد گرد، چئني طرفن، هر طرف.
- **چرٽيون** (س): چورت، چورڻ، چغليون، چونچڙيون.
- **چڪچور:** ڀنل، ڀڳل، ٽٽل ٽٽل، پُرزا پُرزا، گهايل، زخمي، زخمن سان چور.
- **چڪن:** چڪ، چڪڻ، سيمو پاڻياٺ جو ظاهر ٿيڻ، گپ، چڪ، اگر زخم پاڻي ڪن ته چئبو ڦٽ جو چڪڻ، جنهن جو مطلب ته زخم ڀرجڻ يا ٺيڪ ٿيڻ بجاءِ خراب ٿي پيو آهي. چاق چڪڻ، چڪ ڪرڻ.
- **چينم:** (ضمير متڪلم، چوَنمِ) مون کي چونِ (چوَنِ)

## ڇ

- **ڇپر:** ڇپ، جبل جي ڪرپ، جبل، ڏونگر.
- **ڇڪي، ڇڪن:** فدا، نثار، ڇڪجي اچي. اڪن ڇڪن.
- **ڇلگي:** (ڇلڳي، ڇلڪي) حصا حصا ٿيڻ، ٽڪر ٽڪر ٿيڻ.

ورِي واتون جوڙيون ميان وو
ڇلگي ڇلگي ڇانگ
اڇنم هول گهڻا هيڪاري وو!

- **ڇوري:** (ڇورو) اهڙو ٻار جنهن جا ماءُپيءُ سندس سنِ بلوغت کان پهرين وفات ڪري وڃن. اصطلاحي طور اهو شخص (طالب) جنهن کي

مطلوب (وارث) ڇڏي وڃي يا سندس مالڪي ۽ پوءِ واري نہ ڪري يا پنهنجو نہ ڪري

- **ڇوڙ:** (سرائيڪي) ڇڏ، ڇڏي ڏي، ڇڏڻ، ڇيھ ڪرڻ، واھ يا درياھ جو ڇيھ، خاتمو يا ڇوڙ.

## ح

- **حُج**(ع):(صحت) دليل، بحث، اميد، آسرو پنهنجائپ.
- **حِرفت**(ع): هنر، ڪاريگري، ڏاهپ.
- **حرمت**:عزت، پاڪائي، آبرو شريعت ڪان هَٽي جواز ڳولڻ.
- **حُسن**(ع):رونق، خوبصورتي، خوبي، جمال، سونهن، سهڻائي.
- **حسن جا هٿيار**:محبوب جو ظاهري لقاءِ، سونهن.

مون ۾ وسعيت وڙهڻ جي ناهي، ڪيڏو قصد ڪيو تو ڪاهي،
آندءِ حسن جا هٿيار سنباهي، ڪٽي ڪات، ڪٽار، خنجر نيٽي سائين.
(منٺار فقير)

نقير صاحب جي ڪلام ۾ هيءَ ڪمال جي تشبيھ آهي جنهن ۾ اصل حسن کي لڪائي، هنر جي ذريعي ان سان تشبيھ ڏنل هٿيار ڪتب آندا ويا آهن، جيڪي شبيھ ۾ نہ پر ڪم جي انداز ۾ معنوي پيٽ طور اُهي ظاهر ڪيا ويا آهن ڪات، ڪٽار ۽ خنجر ڪان جيڪي ڪم ونجن ٿا، اُهي محبوب اکين کان ورتا آهن. اکيون نور جو مظهر آهن. ان کي برندڙ مشعلون ۽ ترارِيون بہ چيو ويو پر هن بيان ۾ تازگي، نقير صاحب جي فن جو اعليٰ نمونو آهي. صوفين جي بيان ۾ هي سڀ ڪم 'محبوب' جي حسن جا آهن ۽ محبوب اهو رتبو آهي، جيڪو ڪنهن بہ فرشتي يا جن کي نصيب نہ ٿيو پر خاڪ جي پتلي کي نصيب ٿيو جنهن ۾ روح آيو ۽ پوءِ هُن 'نور' جي ذري کي وري "محبوبِ خدا" جو اعزاز مليو (يعني نور طالب، نور مطلوب).

- **حشر**(ع):اٿارڻ، روز قيامت، شور ۽ غل، روزِ حساب، فتنو غوغاءِ.

- **حق**(ع):(خدا پاڪ) سچ، درست، واجب، فرض، جائز انعام، نيڪ، قائم.
- **حقيقت**:حق، سچ، سچائي.
- **حڪيم**:ڏاهپ يا وڇا وارو جيڪو جسماني بيمارين جو بہ علاج ڪري تہ روحاني، ديني ۽ سماجي مشڪلاتن جو بہ علاج ڪري
- **حليم**(ع):بردبار، نرم مزاج، برداشت ڪندڙ متحمل مزاج، ملائم. حليم -اردو ۾ اُهو کاڌو جيڪو ستئي اناج، چارئي داليون، هڏن ڪانسواءِ گوشت ۽ گرم مصالحن کي ملائي ٺاهجي.
- **حمات**:حمايت، پٺ ڀرائي، ٽيڪ.
- **حورون**:حور (واحد حوراء) خوبصورت، شڪيل، جميل، بهشت جون عورتون. گوري، حسين، سُهڻي.
- **حوضِ ڪوثر**:(حوض = پاڻيءَ جو تلاء) (ڪوثر: بهشتي ندي) حوض ڪوثر جو ذڪر قرآن مجيد سورة الڪوثر ۾ آهي.
- **حي**(ع):جيئرو آباد، زنده.

# خ

- **خالق**: الله پاڪ، تخليق ڪندڙ پيدا ڪندڙ.
- **خاوند**(ف):مڙس، حق، شوهر، مالڪ، آقا، گهر وارو ڏِتي، عنايت ڪندڙ.
- **خاڪي**:مٽي مان، مٽيءَ وارو مِٽيءَ جو صوفين انسان کي خاڪ جي چولي ۾ اهم وجود رکندڙ چيو آهي. جڏهن صوفي وجد جي ڪيفيت ۾ بيان ڪندا هئا تہ ڪين خاڪي جسم ۾ نور جا تجلي محسوس ٿيندا هئا ۽ هو 'شطحيات' جا مرتڪب ٿي پوندا هئا. شطهيات ۾ اظهار ڪيل ڳالهيون عام سان سلبيون آهن. ڀٽائي رحہ سمجهائي ٿو تہ:

نهائين ڪان نينهن، سڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نہ نڪري
(شاهہ)

- **خسارو(ع)**: نقصان، گھاٽو چيھو (خسارت = حلاڪت خُسر (ف)) گھاٽو نقصان.
- **خليل الله**: الله جو دوست، حضرت ابراهيم عليه السلام جو لقب.
- **خليفة الله**: الله جو نائب، حضرت دائود عليه السلام جو لقب.
- **خليفو(ع)**: نائب، ماتحت، پنهنجي آقا جي حڪمن ۽ فرمانن تي عمل درآمد ڪرائڻ وارو.

## د

- **داسڙا**:سمائت راڄ جو هڪ پاڙو 'ليلا چنيسر' جي لوڪ داستان وارو چنيسر داسڙو هئو. داسڙن جو پڙو شادي پلي اسٽيشن لڳ موجود آهي، جيڪو داسڙن جي راڄڌاني جي نشاني آهي.
- **دام**:ڦاسائڻ جو داءُ، ڏلبو ڏئي ڦاسائڻ، ڦاسائڻ جو هٿيار.
- **دامون، دوامون**:مستقل دام، پڪا پيچ.
- **دان**:بخشش، عطائيت، جيڪي بہ مدد طور مِلي، نوازش، مهرباني.
- **دائودؑ** :حضرت دائودؑ کي ٻئي نعمتون يعني 'نبي' ۽ 'رسول' هجڻ سان قدرت نوازيو هو. پاڻ انبياءِ بني اسرائيل مان آهن. مٿن 'زبور' نازل ٿيو. قرآن مجيد ۾ صرف حضرت آدمؑ ۽ حضرت دائودؑ کي 'خليفو' چيو ويو آهي. پاڻ بادشاه وقت بہ هئا. پاڻ هٿ جو ڪم ڪندا هئا. لوهہ جا اوزار ٺاهيندا هئا ۽ علم موسيقي تي بہ ڪين عبور هو. سندن روزي ۽ نماز جي عبادت بہ مقبول هئي.
- **درسن(ف)**:(درشن) ملاقات، ديدار، نظارو، زيارت.
- **درڪار(ف)**:ڪم ۾، گھربل، حاجت، ضرورت.
- **درگاهہ**:(ف) خانقاهہ، آستانو بارگاهہ، دربار.
- **درمل**:دوا، دارو، ڦڪي.
- **دروڙ**:ڏان چير، ود، دراڙ ڦوٽ.

- **ڏاهي:** ڏاهہ =وِچا، سمجهہ، عقل ۽ عقل واري، عقلمند، وِچا واري.
- **ڏبرو:** ڪمزور، اڀرو. ڏوب معنيٰ گهُٽ، ضعيف. اصطلاحي طور اهو الله جو بندو جنهن کان گناهہ تہ جهجها سرزد ٿين، پر چڱا ڪم گهٽ ٿيا هجن يا عبادتن ۾ غفلت ٿي هجي.
- **ڏبري:** اڀري، ضعيف.
- **ڏٽ:** تر ۾ سبزي طور جيڪي ڪاڌو ڪائجي، اُن کي ڏٽ چئجي، جيئن سنگر، ڪنيبون، مڪٽي، مرٽ، مانڏٺو چانهان، گدرا، چيڙ وغيره.
- **ڏرڻ:** (ڏَرُ) ڊپ ڪرڻ، ڊڄڻ، ڊاءَ ڪرڻ، خوف کائڻ. ڏَرِ = لِڪڻ جي ڪڏ، زمين جانورن جو گهر (گڏڙ). ڏرڻ = ڏارو ڪرڻ، ننڍيا ننڍيا ٽڪر ڪرڻ، ڪل لاهڻ، سارين مان چانور ڪيڻ (ڏرچڙ). ڏارڻ =چيرڻ، ڏاري چڏڻ، چير ڦاڙ.
- **ڏڙهہ:** پٿريلي، کُهري زمين.

ڏڙهہ ڏونگر، ٻر روہ، مٿيي سڀ مناڙيا. (شاهہ)

هاڻي ٿي سنياليان سرير ۾، ڏکن جي ڏڙهي. (منٺار)

- **ڏسڙو:** (ڏس جي تصغير) رستو ڏسڻ، راهہ ڏيکارڻ، گس سونهائڻ.
- **ڏسيون:** (ڏسڻ) طرف، رخ، ڏسا، چوڏس معنيٰ چئني طرفن. جوءِ.
- **ڏمر:** ڏم+ر =ڏم وارو غصي وارو غيض غضب، غصو ناراضگي.
- **ڏوٽي:** (ڏوٽيئڙن) ڏٽ تي گذران ڪندڙ.
- **ڏولائو:** رولڙو، ڏک، تڪليف، دربدري
- **ڏونرا:** ڪِرڙ جي وڻ ۾ جڏهن ٻسي پچي تہ اُها سخت ٻيرن جهڙي ٿئي. ان کي 'ڏونرو' چئجي. ڏونرا ڏٽ جو قسم آهي. هنن مان 'پاچي' ٺاهجي.

مُڪائون ڪا نہ ماڏي، وري ڏونرن جي ڏوئي. (منٺار فقير)

- **ڏهاڙي:** ڏينهاڻي، روزاني، هر روز.
- **ڏهڪار:** رعب تاب، عام آواز کان ڏهوڻو آواز دهشت جيڪا آواز جي وڏائي سان پيدا ڪجي، ڊپ، خوف.
- **ڏهيلو:** (ضد سهلو) ڏکيو اهنجو اٻالو هيٺو ستايل، مشڪل ۾.
- **ڏيل:** اندريون وجود، روح.

# ڏ

- **ڏات:** ٽر جي هڪ پاڱي جو نالو.
- **ڏاتي:** ڏت جا رهاڪو مارو ماڻهو.
- **ڏارو:** هنر ۽ حرفت سان اڳ ڪٽي ڪرڻ، چڪو چهن پاسن وارو چوپڙ رانڊ جو چڪو.
- **ڏال:** چمڙي يا لوهه جي ٺهيل، تلوار جي واري کي روڪيندڙ جهل، سپر، روڪ
- **ڏکڻهار:** ڏکيندڙ مالڪ، عيب ڏکيندڙ.
- **ڏنڍورو:** پڙهو منادي اعلان.
- **ڏول:** پرين، محبوب، پيارو دادلو ڏولبو.
- **ڏونڊ:** گند، ڪچرو.

# ڊ

- **ڊوهه (سن):** فريب، دولاب، ٺڳي، ويساهه گهاتي، ڪپٽ.
- **ڊوهي:** قسم، سُنهن، "چئبو تہ ڊوهي اٿئي الله جي" مطلب تہ اگر تون هيءَ ڳالهہ نہ مڃيندين تہ الله جو ڏوهي ٿيندين يا هيئن تہ الله جي واسطي هيءَ ڳالهہ مڃ.

# ذ

- **ذات (ع):** اصليت، روح، قسم، نوع، تصوف جي اصطلاح موجب ازل کان ابد تائين رهندڙ.
- **ذاتي:** ذات مان.
- **ذاڪر (ع):** ذڪر ڪندڙ.

- **ذائقو:** سواد، لذت، مزو چسڪو.
- **ذبح (ع):** شرعي طور حلال ڪرڻ، ڪهڻ، سيرَ وجهڻ، ڪوس.
- **ذبيح:** ذبح ڪيل، ڪٺل، قربان ڪيل.
- **ذبيح الله (ع):** [اِ- خاص] الله پاڪ جي راهه ۾ قربان ڪيل، حضرت اسماعيلؑ جو لقب.
- **ذڪر:** مرشد طرفان ڏسيل تسبيح اُچارڻ.
- **ذلت (ع):** خواري، بدنامي، ڪميڻپائي.
- **ذوالجلال:** [اِ-ذات] الله پاڪ جو هڪ صفاتي نالو جلال وارو، دٻدٻي وارو.
- **ذوالحج:** هجري سال جو ٻارهون مهينو جنهن ۾ 9 تاريخ تي حج ۽ ڏهين تي عيدالاضحيٰ ۽ قرباني ٿيندي آهي.
- **ذوالفقار (ع):** پنهنجي جي هڏين وارو هڪ مشهور تلوار جو نالو جيڪا العاص بن منبہ جي هٿي ۽ بدر جي جنگ ۾ مرڻ کان پوءِ نبي سڳوريﷺ جي قبضي ۾ آئي. پاڻ اُها تلوار حضرت عليؓ کي تحفي ۾ ڏنائون.

## ر

- **رازق (ع):** رزق ڏيندڙ خدا تعاليٰ.
- **راضي:** رضامند، خوش، متفق.
- **رايو:** راءِ، خيال.
- **رباب (ف):** ساز جو هڪ قسم، سارنگي.

رڳون ٿيون رباب، وڄن وڄن سڀ ڪنهن. (شاهه)

- **رٿائڙي:** (رٿا جي تصغير) منصوبا بندي، ترتيب، ارادو، ڪم جي شروعات کان اڳ انهيءَ جي تياري لاءِ اسڪيم ٺاهڻ، خيال ڪرڻ، عملي جامي کان پهريون مرحلو.

- **رِٿِن:** رٿ، رٿا، منصوبا بندي، ارادو، ترتيب، خواهش.
- **رٿيا:** رِٿا، رٿ، رِٿ، منصوبا بندي ڪرڻ.
- **رضا (ع):** خوشنودي، مرضي، اجازت، رخصت.
- **رَڳو:** ڪانئي، صرف، تڪلف سان.
- **رمان:** رمڻ، روانو نہ ٿيڻ، راند شروع ڪرڻ يا راند ۾ روانو ٿيڻ. "جوڳي رمتا ڀلا...!"
- **رمز (ع):** لهجو، ڪنايو، طريقو، اشارو، باريڪي، راز، انداز، اسٽائل.
- **رنج (ف):** تڪليف، ڏک، ملال، افسوس، غم.
- **رِندُ (ف):** آزاد، ڇڙواڳ، بيپرواهہ. جنهن شخص جو اندر سٺو هجي ۽ ظاهر ۾ عيبدار هجي. شرابي، صوفي، پابندين کان آزاد. جيڪي انسان نشي ۽ گناهن ۾ غلطان هوندا آهن. انهن بہ سماج ۾ پنهنجا عيب لڪائڻ خاطر 'رند' لفظ جو سهارو تہ ورتو پر هو 'رند' آهن ڪو نہ ۽ نہ وري ڪين رندي رمزن جي ڪا خبر آهي.
- **رَندُ:** راهہ، رستو، دڳ، پيچرو، سنواٽ، واٽ.

پنهل جا پچندي الا، پنڌ، رند، راهون، پيچرا (شاهہ)

- **روح (ع):** حاصل، خلاصو، دل، نيت، جان، اُها خاص ۽ لطيف شيءِ جنهن سان حيوانيات جي زندگي قائم آهي.
- **روح الله:** حضرت عيسيٰ عليہ السلام جو لقب.
- **روز (ف):** ڏينهن، روز بروز ڏينهون ڏينهن، هر ڏينهن شب و روز رات و ڏينهن.
- **روهہ:** جبل، ڪوهہ، پهاڙ، ڏونگر، رائو.
- **رهنما:** (راهہ نما) گس سونهائيندڙ، راهہ ڏيکاريندڙ، پيرُ، هادي، مرشد.
- **ريت:** (ضد ڪُريت) (ظرف) رسم، طريقو، اصول، قانون.
- **ريهي:** ريهڻ، ريهہ ڏيڻ، جڙي قابو ڪرڻ، سرچائڻ، لُيائڻ، ريجهائڻ، وندرائڻ.

# ز

- **زابر(ع)**: سگهارو ظالم، زبر و زبر ڪرڻ وغيره.
- **زاري(ف)**: عاجزي ڪرڻ، روئڻ، پٽڻ، گِريه ڪرڻ.
- **زبور**: (ڏسو توريت) لکيل شيءِ، آسماني ڪتاب جيڪو حضرت دائود عليه السلام تي نازل ٿيو. آسماني چئن ڪتابن مان هڪڙو ڪتاب.
- **زليخا**: خوبصورت عورت، عزيز مصر جي زال، جيڪا حضرت يوسف عليه السلام تي عاشق ٿي.

# س

- **ساعت**: گهڙي، وبل، پلڪ سات، مهل، وِگهه.
- **ساڳ**: پوڙ اولڻ، پاڇي.
- **سالڪ(ع)**: سلوڪ جي راهه تي هلندڙ جيڪو زاهد به هجي ۽ دنيادار به، سفر ڪندڙ مسافر.
- **سامري (ع)**: [ا-خاص] حضرت موسيٰ عليه السلام جي عهد جي هڪ جادوگر جو نالو قوم کي گمراهه ڪري گابي جي پوڄا ڪندڙ.
- **سانيئڙا**: ساٿي.
- **سانگڙو**: ساٿ، سانگ.
- **سانگو**: (سانگ) سنئو آسرو ساٿ.
- **سانگي**: سانگ وارا، سهاري تي مدار رکندڙ جتي مال جو چارو پاڻي هجي، اتي لڏو ڪٽي وڃي رهن. يعني مال جي سانگ سان يا سهولت سان رهڻ وارا.
- **سانئڙ**: (سائر) درياهه.

پيين معرفت جو مهراڻ،

اتان پرن سرڪ 'سانئر' جي سير ۾
(منٺار فقير)

- **سانئون:** هڪ گاهہ جو قسم، جهجهي پاڻي ۾ ٿئي. ڏڪار جي حالتن ۾ هن جو ٻج اناج طور بہ استعمال ڪن.
- **سانئم:** (ضمير متڪلم جي پڇاڙي) مون سان (گڏ).
- **ساوڙيون:** گاهہ جو قسم، ڪتيءَ جي مند ۾ گهٽي پاڻيءَ ۾ ٿئي. ڳائو ۽ ماهو مال خوب کائي ۽ کير وڌائي.
- **ساءُ:** آسيس، قرب جي راحت، صحبت جو سواد.

اڄي وڃي وڄ ۾، تماچيءَ جو 'ساءُ'. (شاهہ)

- **سائو:** بهادر سهڻن گڻن وارو يا سلڇڻو سردار.
- **ساهيڙيون:** ساهيڙي، سرتي، عورت جيڪا رکيل هجي، اُها مرد جي ساهيڙي چئجي. پهاج بہ ساهيڙي چئجي. ساهہ کان پياري، گڏ ساهہ ڪٽيندڙ همراز همہ عمر.
- **سُبحان (ع):** پاڪ، پاڪائي.
- **سبيل:** رستو يا سڙڪ، تدبير، وقف ڪيل شيءِ خصوصاً پاڻي يا شربت وقف ڪرڻ.
- **سٻول:** (س + ٻول = سُٺو ٻول) حقيقي ٻول، مِٺو ٻول، سٺي وائي، ورڻ جي وائي، ڀلو گفتو.
- **سپاڻ:** (صبح) صبحاڻي، ايندڙ ڏينهن، ورندڙ صبوح.
- **ستارو:** (ستار) ستر ڏيندڙ ڍڪيندڙ پناهہ ڏيندڙ عيب لڪائيندڙ.
- **ستي:** (ستي) عزت، پرم، ڍڪ، عزت بچائيندڙ پرم ۾ رهيل، ستي جي رسم موجب جڏهن هندو عورت مڙس جي مرڻ بعد ڏاگهہ چڙهندي آهي تہ اهو خيال مستحڪم هوندو آهي تہ نہ وجود رهندو نہ ست کي ڇيهي جو امڪان يا شڪ شبهو رهندو.

- **سِٽاٽو:** سِٽا، منصوبو فهرست، سازش، ترتيب، رٿ. (سٽ، سٽا، سٽاٽو سٽ سِٽڻ) صف بندي
- **سِپ:** جيڪا اونهي عقيق ۾ موتي کي پيٽ ۾ پالي، جڏهن موتي نڪري وڃي تہ سپ ڪائي جو ڪچ ٿي پوي.
- **سَپُ:** ڪپر، مٺيارو نانگ.
- **سدا مند:**هر ڪنهن موسم ۾، سدائين.
- **سُڌ:** خبر، ڏس، ڄاڻ، پتو آگاهي، هوش، خيال، ڌيان.
- **سَڌ:** خواهش، تمنا، شوق.
- **سِڌ:** سِڌائي، سنوات، سوڌائي، سنوت، سِڌو.
- **سُرتِ:** ساڃاهہ، عقل، فهم، ڏاهپ.
- **سرليون:** ڪنن جو صاف، ننڍو آواز ٻڌندڙ.
- **سرير** (ع): (جمع = سرر) تخت، مُلڪ، سند، اندر روح.
- **سڙهہ:** ٻيڙين کي هوا جي زور تي هلائڻ وارا پال.
- **سسئي** (سن): اسم خاص. چنڊ جهڙي سنڌ جي نيم تاريخي داستانن ۾ پنهور جي ماڳ سان واڳيل سسئي، پنهون جي داستان جو اهم ڪردار جنهن تي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي پنهنجي رسالي جا پنج سُر لکيا.
- **سُڪار:** (سُ + ڪار = سٺو ڪم) سُٺي ڪار سٺائو ڪم. خوش ڪرڻ ڪارج، اصطلاحي طور وسڪارو ٿيڻ. مينهن جهجها پوڻ بعد گاهہ، اناج عام جام ٿيڻ.
- **سڪرات** (ع): سڪرة جو جمع. بيهوشي. موت جي سختي ۽ تڪليف (جنهن کان مومنن پناهہ گهريو آهي) ساهہ نڪرڻ جو مرحلو روح جو جسم مان آزادي جو مرحلو. عالمن لکيو آهي تہ جنهن جسم حياتي ۾ روح کي رنجايو هوندو ان جو روح، سخت سڪرات جي عالم ۾ جسم مان نڪرندو جنهن جسم، حياتي ۾ روح جو فڪر ڪيو هوندو ان کي روح سڪرات جي سختي کان بچائيندو.
- **سڪڻ:** سڪ، چاهت، چڪ، پيار اڇ، پياس.

- **سڪڻهارو:** سڪ وارو سڪندڙ سڪندل، سڪڻهار.
- **سڪندر:** يونان جو مشهور فاتح (الگزينڊر) جنهن ڪنهن به بادشاهه کان وڌيڪ زمين جي ٽڪري تي حڪمراني ڪئي. تمام وڏو فاتح.
- **سڪ وندي:** (وندي = واري) سڪ واري، محبت واري، چڪ واري.
- **سڪائون:** مچتائون ڏيڻ. وڻجارن جون عورتون سمنڊ کي سڪائون ڏينديون هيون. ته سندن وارث وڻج واپار تان خير سان موٽن.
- **سڳاوت:** رشتي داري، سڳابندي، مِٽي مائٽي، سڱ ڪرڻ.
- **سِگر:** ڪنڊيءَ جي وڻ جي ڦرهي جنهن ۾ ٻج ٿئي. ڪچي کي سگر چئجي، پڪل کي گوگو يا ڪوڪو ڏُت.
- **سلطان:** بادشاهه، فرمانروا، راجا، حاڪم، حڪمران.
- **سليمان (ع):** شام جي علائقي جو مشهور پيغمبر، حضرت سليمان بن حضرت دائود عليه السلام. حضرت سليمان جي قبضي ۾ جِنّ ۽ پريون هوندا هئا. بي بي بلقيس ۽ سندس مشهور تخت جو داستان به حضرت سليمان سان منسلڪ آهي. پاڻ هيڪل سِليماني تعمير ڪرايائين.
- **سماتيون:** سمايون، سمائجي ويون.
- **سماتيون:** عزتدار، مان مرتبي واريون.
- **سميع (ع):** ٻڌندڙ ٻڌي اونائيندڙ الله پاڪ جو صفاتي نالو.
- **سنڌو:** دنگ، حد بندي، ٻارڊر، ڪنارو.
- **سِنڌو:** سنڌ جو درياهه. جيڪو دنيا جي مشهور درياهن ۾ شامل آهي. پنهنجي منهن جي شڪل ۽ ڏيا ۾ سنڌو شينهن درياهه آهي. چين تِبتِ مان نڪري، لاڙ ۾ اچيو سمنڊ ۾ چوڙ ڪري.
- **سنياهيو:** تيار ڪرڻ، سنيرڻ، سعيو ڪرڻ.

  هارين هر سنياهيا، سرها ٿيا سنگهار. (شاهه)
- **سنرا:** (انرا جو ضد) صحتمند، خوشحال، متارا، مواڙ.
- **سنسار (سن):** دنيا، جڳ، جهان، عالم، ڪائنات.

- **سنگسار** (**ف**): پٿراءُ، شرعي سزا، جنهن موجب مجرم کي چيله تائين زمين ۾ وجهي پوءِ پٿراءُ ڪبو آهي ۽ ماربو آهي.
- **سنگين:** وزني، ڳرو مضبوط پٿريلو هڪ هٿيار جو نالو.
- **سنگهار:** (سنگهه + آن اسم + آر = صفت) گڏجي رهندڙ ۽ گڏجي مال جي سانگي سان سفر ڪندڙ ٽلي ۽ لحاظ وارا.
- **سنمڪُ:** همراز دوست، سڪ ۾ گذاريندڙ مثال مشهور آهي تہ "ساڏن سان سنمڪ، پئنچن سان بہ پورو".
- **سنوت:** سڏائي، سنئين.
- **سفيان:** شيخ صنمان.
- **سنيهو:** نياپو، حال احوال، ميسيج.
- **سٽولي:** سَولي، پنهنجي، پنهنجائپ، ڏٽيپ ڪرڻ.

لڳي لولي، هينئن هولي، اندر جند جان،
هيءَ گولي ڪري سٽولي موٽي ڪندا مان،
۽ نماڻي سجاڻي نيندا پنهنجي ساٿ.
(منٺار فقير)

- **سواد:** چسڪو ذائقو لذت، مزو.
- **سوائون:** تازو وياميل ڍور يا جانور جيڪو پنهنجي ٻچڙي کي کير پياريندڙ هجي.
- **سوتڙ:** سُتڙ = س + تڙ = سئو تڙ، اوتڙ جو ضد. سٺائو تڙ. اهڙو تڙ جتان آساني سان پار وڃي سگهجي. سَولوتڙ جنهن تي ترڪڻ نہ هجي ۽ ڪِرڻ جو انديشو نہ هجي. اسان جي بزرگ شاعرن هِن لفظ کي صحيح گس ۽ راهہ جي معنيٰ ۾ اڪثر استعمال ڪيو آهي، يعني اهڙو گس جتان انسان پنهنجو هِن دنيا جو سفر آساني سان طئہ ڪري سگهي ۽ ڪنهن اوتڙ تي اولجي نہ وڃي، جنهن لاءِ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي خبردار ٿو ڪري تہ:

هئج هشيار خبردار ترڪڻ آهي تڙ ۾ الا...!

يا وري جيڪي صحيح گس اختيار ڪري دنيا مان پنهنجو دامن بچائي نڪرن ٿا انهن لاءِ رسالي ۾ اچي ٿو ته:

اوتڙ ڪنهن نه اوليا، ڌنتڙ ويا سالم...!

- **سودا(ع):** خبط جنون، چريائي، خفقان، پور، خيال، هڪ قسم جو دماغي مرض.
- **سوري:** ڦاهي، ڦاسي.
- **سوس:** عادت، آسرو، اميد.
- **سهاڳڻ:** سهاڳ، خاوند واري عورت. سهاڳ = خوشحالي، عطر جو قسم، لاڏ پيار، مڙس سان گڏ واري زندگي. سون ۽ چاندي کي ڳارڻ واري ڪار (ڪيميائي جزن) جو نالو.
- **سهنج:** سک، آرام، چين، آنند.
- **سهڻو:** خوبصورت، اصطلاحي معنيٰ ۾ خواب.
- **سئينسر:** وهيل مڇي.
- **سيباڻو:** وڻيو، پسند آيو، راس آيو، سيباڻو.
- **سيلهه:** تير، ڀالو، ڪنڊو، ننڍو نيزو.

سي ئي سيلهه ٿيام، پڙهيام جي پاڻ لئه،
اکر اڳيان اُپريه واڳو ٿي وريام.
(قاضي قادن)

- **سيلهوڪنوڻ:** اُها ڪنوڻ جيڪا سينڌ وانگيان عمودي تجلو ڏيکاري.
- **سيڻ:** جن سان رشتيداري ڪجي، پُٽ يا ڌي جا ساهريجا، گنات.

ديسي سيڻ ڪجن، پرديسي ڪهڙا پرين. (شاهه)

# ش

- **شاستر (سن):** هِندن جو مذهبي مقدس ڪتاب، قانون جو ڪتاب، مذهب جا قاعدا.
- **شاگردان:** شاگردي ونندڙ سکيا وٺندڙ(نئين صفاتي ترڪيب)

- **شائي**:(شفاعت) شافعي، قيامت جي ڏينهن شفاعت يعني گناهن کان معافي.
- **شتاب (ف)** جلد، جهٽ پٽ، فوراً، شدت سان.
- **شرا (ع)**: شرع، شريعت، اسلام جي نظام حيات جو آئين، انصاف، قانون، مثال طور ڀيڻ ۽ ڀاءُ جو نڪاح اسلامي شرع ۾ جائز ناهي.
- **شراڪتي**: شراڪت، برابري ڀائي، شرڪ، شريڪ.
- **شريعت**: مذهبي قانون، قانونِ اسلامي، جيڪو مسلمان جي ظاهري ڪيفيت تي اطلاق ٿئي، پنگهٽ، رستو.
- **شعور (ع)** : ڄاڻ، تميز عقلمندي، عقل، سمجهه.
- **شمار**: ڳڻپ، تعداد.
- **شمس**: آفتاب، سج، سورج (جمع = شمسوس).
- **شونق**: شوق (جمع، اشواق). آرزو خواهش، تمنا، تفريحي تقاضا.
- **شهه زور (ف)**: (شهه، شاهه، بادشاهه) بادشاهي زور، نه مات ٿيندڙ طاقت، زورآور.
- **شيطانُ**: ابليس، عزازيل.

# ص

- **صادر (ع)**: صادر ڪرڻ، جاري ڪرڻ، نافذ ڪرڻ، حڪم پاس ڪرڻ.
- **صالح**: نيڪ، پرهيزگار، چڱو، هڪ پيغمبر جو نالو جنهن کي 'ڏاچيءَ وارو' معجزو عطا ڪيو ويو.
- **صفاتي (ع)**: عارضي، پنهنجي وجود جي اجواع وارو صفتن سان سجاتو وجي.
- **صفي الله (ع)**: صفا، پاڪ، سچو دوست، الله پاڪ طرفان صاف ۽ پاڪ ڪيل، حضرت آدم عليه السلام جو لقب.
- **صمد**: بي پرواهه، بي نياز الله پاڪ جو صفاتي نالو.

- **صوبا**: ننڍو حڪمران، جاگرافيائي ٽڪرو جيڪو ڪنهن هڪ جاگرافيائي خصوصيت، هڪ قوم يا هڪ ٻولي تي مشتمل هجي. فوج ۽ پوليس ۾ هڪ عهدو.
- **صيقل** (ع): اوجر، صفائي، چمڪو سونهن، صيقل گر، اجاريندڙ تيورو لوهه وغيره تان ڪٽ لاهيندڙ.

# ض

- **ضبط** (ع): برداشت، سهپ، تحمل، ضابطو.
- **ضد** (ع): اصرار، تڪرار مخالف، هٺ، دشمني، جوش، ڪاوڙ.
- **ضرب** (ع): چوٽ، ڌڪ، صدمو نقصان، رياضي جو طريقو جنهن سان انگ وڌن.
- **ضروري**: اهم، ضرورت موجب، گهرج.
- **ضعيف** (ع): ڪمزور، هيڻو، ايرو.
- **ضمانت** (ع): ذميواري، ٻئي جي لاءِ شاهدي،ٻئي جي طرفان پنهنجي پاڻ کي پيش ڪرڻ، گروي.
- **ضمير** (ع): اندر قلب، دل، منجهه، اندر ۾ موجود سچ. گرامر موجب اهو لفظ جيڪو اسم بجاءِ ڪم اچي. ضمير جا ڪيترائي قسم آهن. جيئن متڪلم، حاضر، غائب، خالص، وبجهو اشارو ڏور اشارو استفهام، مشترڪ موصول، جواب موصول، متصل، مفصل.

# ط

- **طريقت**:طريقو گس، راهه.
- **طلب**: چڪ، گهرج، ضرورت.
- **طمعدار** (ع): ڏاميچ، هوس پرست، لالچي، خواهشمند.

- **طورسينا:** طور = جبل. شام ملڪ جو هڪ جبل، جنهن تي حضرت موسيٰ عليه السلام کي نور جي تجلي جو ظهور ٿيو.
- **طول وهاڻا:** گاؤ تڪيه. وڏا وهاڻا، جن تي ٽيڪ ڏجي، ڊيگهه ۽ وسعت وارا وهاڻا.

## ظ

- **ظاهر (ع):** کليو کلايو ڏسڻ ۾ ايندڙ علي الاعلان. ڏيک وارو چٽو پڌرو.
- **ظالم (ع):** بي رحم، سنگدل، قياس نه ڪندڙ. تصوف جي تشريحن ۾ هِن لفظ کي نفس سان ظلم ٿيڻ کي ترجيح ڏنل آهي، جيڪي ماڻهو نفس کي چڙواڳ ڇڏين ٿا ۽ ان جي چوڻ تي دنيا جي دولابن ۾ ڦاسن ٿا، اهي نفس سان ظلم ڪن ٿا. قرآن مجيد ۾ اِها ڳالهه واضح آهي ته "ربنا ظلمنا انفسنا..."
- **ظن (ع):** خيال، گمان، سڪ، وسوسو رايو

ظاهر ۾ ظاني فڪر ۾ فنا ٿيا (شاهه).

## ع

- **عاشق (ع):** چاهيندڙ فدا ٿيندڙ مدهوش (جمع = عشاق)
- **عاصيڻن (ع):** گنهگارن، نافرمانن، عيبدارن، عصيان ڪندڙن.
- **عاصي (ع):** گنهگار عيبدار گدلو.
- **عاقل (ع):** عقلمند، داناءَ، هوشيار سمجهه وارو (جمع، عُقلا، عقال).
- **عبرت (ع):** نصيحت، انديشو خوف، تنبيهه (جمع = عَبر)
- **عتاب (ع):** غصو ڪاوڙ غضب، ملامت.
- **عذاب (ع):** (عزب) تڪليف، سزا، ڏک، پيڙا.

سوئي عين 'عذاب' سوئي راحت روح جي (شاهه).

- **عريان:** نمايان، ظاهر، ننگو اگهاڙو بي پردو اڻ ڍڪيل.

- **عز**(ع): عزت، شان، مان، مرتبو.
- **عزازيل**: شيطان، ابليس.
- **عطار**: عطر فروش، عطر وارو عطر وڪڻندڙ خوشبوءِ ڦهلائيندڙ.
- **عقاب** (ع): باز جو هڪ خاص قسم، جنهن جي جيتري چنبي ۾ طاقت آهي، اوترو اکين ۾ ڏسڻ جي سگهه. شڪار ڏٺو ۽ چنبن ۾ پهتو. هن تيزيءَ ڪي شاعرن "عقابي اکين جي فقري ۾ تمثيل طور عشق جي جهڙپ جٽي استعمال ڪيو آهي."
- **عيبدار**:(عيب = نقص، دار = گهر) نقص، اوڻائي، گهٽتائي، گناهن وارو بدڪار غلطڪار ڪوجهو جهول وارو.
- **عيسيٰ ؑ**: حضرت عيسيٰ عليه السلام الله پاڪ جو جليل القدر پيغمبر هو. قرآن مجيد ۾ چئن نبين سڳورن جي ولادت جو ذڪر خاص آهي، جو ته چئني جي ولادت عام طريقن کان جدا ۽ ڪرشمهٔ رباني ۽ قدرة الاهي جو مظهر هئي. حضرت آدم ؑ کان علاوه حضرت اسحق ؑ ۽ حضرت يحيٰ ؑ جا والدين عمر جي انهن حدن ۾ هئا، جڏهن اولاد جي پيدائش جو وقت نٿو هجي ۽ پيريءَ جا پويان پهر هجن ٿا. اهڙيءَ طرح حضرت عيسيٰ ؑ جي ولادت بغير والد جي ٿي. سندن والده ماجده جو نالو 'مريم' هو. حضرت عيسيٰ ؑ کي الله پاڪ آسمانن ڏانهن کڻايو ۽ حديث پاڪ ۾ سندن شبيهه ۽ پوءِ جي ايندڙ حالتن تي به تفصيلي ڳالهيون موجود آهن. خاص طرح سان سندن واپس اچڻ جو زمانو صليب جو ٽوڙڻ، خنزير کي قتل ڪرڻ، اسلام کان سواءِ سڀني مذهبن کي ختم ڪرڻ وغيره. سندن انهي ئي زماني ۾ دجال قتل ٿيندو، امن جو ايترو قيام هوندو جو اُٺ، شينهن، ٻڪريون، ڍڳيون ۽ چيتا گڏ هوندا ۽ هڪ ٻئي کي نقصان نه ڏيندا. ٻار نانگن سان رانديڪن جيئن رانديون ڪندا. سندن وفاتِ ٿيندي ۽ مسلمان جنازه نماز پڙهندا ۽ سندن تدفين روضه اطهر ۾ نبي پاڪ صه سان گڏ ٿيندي حضرت عيسيٰ عليه السلام تي 'انجيل' نازل ٿيو.
- **عيل**(ع):(عيول) فقيري، محتاجي.

# غ

- **غازه (ف):** بتڻ, پيڙو خوشبودار پائوڊر.
- **غازي (ع):** ڪافرن سان جنگ ڪرڻ وارو جيڪي غزوه ۾ وڙهيا ۽ واپس آيا, اهي غازي چيا ويا. بعد ۾ هر جهاد تان موٽندڙ غازي سڏيا ويا.
- **غازي (ف):** شعبده باز قلاباز ڪرتب ڏيکارڻ وارو (جسماني)
- **غرضي (اردو):** ضرورتمند, غرض مند, محتاج, آسروند.
- **غِلمان (ع):** غلام جو جمع, ڇوڪرا. بهشتين جي خدمت لاءِ غلام.
- **غلمان:** بهشت ۾ مومنن جي خدمت لاءِ مقرر حسين ۽ جوان ڇوڪرا.
- **غماز:** چغلخور.
- **غمنار:** (غم + تاريندڙ) ڏک لاهيندڙ تڪليفون لاهيندڙ مشڪل ڪشائي ڪندڙ.
- **غمزه (ع):** اک جو اشارو اک ڀڃڻ, نان پيان چغلخوري.
- **غير:** (شرڪ) ڌاريون, اوپرو نولو جنهن سان آشنائي يا ڄاڻ سڃاڻ نہ هجي. تصوف جي اصطلاح ۾ غير انهيءَ کي چئجي, جيڪو اصل محور کان پري وڃي وڃي. گمراهي جا گس ڏسي ۽ مطلب سان شرڪت جو نُماءُ ڏي

آهيان منجهہ غير جي درياءَ,
اڪارج يا رسول الله...!
(منٺار فقير)

# ف

- **فرمان:** حڪم, فرمان روا, حڪم هلائيندڙ.
- **فتحدار:** فاتح, سوڀارو فتحمند, غالب.

مجروح ڦٽيو منٺار ڪرين, اي فتحدار سوڀارا.
(منٺار فقير)

- **فضيلت (ع):** وڏائي, بزرگي, برتري.

* **فنا في الشيخ ۽ فنا في الله:** روح جو الله پاڪ جي ذات ۾ فنا ٿيڻ، جنهن بعد اها ڪيفيت هجي ٿي تہ راڻو ئي راڻو رهيءَ راڻي پيو ناهہ ڪو. هي فنا في الله جي منزل آهي.

> 'فنا في الشيخ' جي اولي، رسوليءَ ڪي رسيا ڳولي،
> 'فنا في الله' ٿيا قولهي، اُهي احد اثبات جاڻن ٿا.
> (منٺار فقير)

فنا في الله جي منزل تي رسائيندڙ مرشد يا استاد جي ڳالهہ تي مڪمل توجهہ رکبو تہ ان کي فنا في الشيخ جي منزل چئبو آهي. هي سلوڪ جون منزلون، جن جي ڪيفيت صرف سلوڪ جا صاحب ۽ 'صوفي' ئي سمجهن ٿا، جن لاءِ ئي گرهوڙي صاحب چيو تہ:

> اُهي پسن ان کي، جي انهيءَ ڏيهہ ويا،
> ٻيا سڀ سڻن ڳالهيون، پسن پاڇويا.
> (گرهوڙي)

* **فنائي:** فنا، ختم، اختتام ۾ ڪجهہ بہ نہ بچي، ختم ٿيڻ، وجود جو نہ بچڻ. تصوف جي جهان ۾ بقا ۽ فنا جا نقطا وڏي اهميت رکن ٿا.

## ڦ

* **ڦڳي:** ڦڪي تي.
* **ڦلهيار:** ڦل + هيار = ڦلن واري رَک. ڪاٺين جي سڙڻ بعد جيڪا چلهہ ۾ ڪاري، هَلڪي رک بچي. ڦلهيار ۾ ڦوڪون ڏيبون تہ اٿي منهن ۾ پونديءِ پر باهہ نہ ٻري سگهندي.
* **ڦوڙائي:** ڦوڙائو ڦوٽڻ، چيرڻ، ڦاڙڻ، فراق، جدائي، هجر، ڪاٺ چيرڻ سان جيڪا ڪاٺي نڪري، اُن کي ڦوڙاتي چئجي.

# ق

- **قاضي** (ع): منصف، جج، ادا ڪندڙ حڪم ڪرڻ وارو، اسلامي حڪومت ۾ اهم منصب، شهر جا قاضي، رياست جا قاضي، وڏيرن ۽ سردارن جا قاضي، وڏا منشي وغيره.
- **قاف** (ع): جبل، پهاڙ ڪوه قاف (جبل).

قافئون ڪاهيندياس، اديون آريءَ ڄام لئہ. (شاهہ)

- **قدح** (ع):اعتراض ڪرڻ، چيرڻ، ڦاڙڻ، باهہ ڏيڻ، ڪاسو وڏو پيالو ڪِشتو تير، ساغر، قدح خوار شرابي، موالي.
- **قدح ڪوثر** (ع):بهشت جي هڪ نهر. (وڏي، سخي)
- **قدرة**:طاقت، قوت، زور.
- **قرآن**:آخري آسماني ڪتاب، خدا جو ڪلام، جيڪو "فيه هدىٰ للمُتقين" آهي. لفظي معنيٰ آهي پڙهڻ. الله پاڪ جو پاڪ ڪتاب، جيڪو حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وسلم تي نازل ٿيو. هئي ڪنهن بہ نازل ٿيل ڪتاب جو نالو قرآن نہ آهي. قرآن مجيد، تمام علمن جو مجموعو آهي ۽ مڪمل درسِ حيات آهي. قرآن مجيد جو نزول وحي جي صورت ۾ رمضان المبارڪ ۾ شروع ٿيو. قرآن مجيد ۾ ڪل ٽيهہ سيپارا آهن. 114 سورتون آهن. ست منزلون آهن. 86 سورتون مڪي آهن ۽ 28 مدني آهن. سجدا 14 (هڪ روايت مطابق 15) آهن. آيتون 6666 (6236) ۽ حروف (323671) ۽ ڪل الفاظ 76440 آهن. حضرت عثمان رضي الله قرآن مجيد مڪمل جمع ڪرايو ۽ سندن لقب' جامع القرآن' آهي.
- **قرابت**:(قريب) ويجهائي.
- **قسمت** (ع):نصيب، حصہ، تقدير، علائقو.
- **قصد** (ع):نيت، ارادو اعتدال.

- **ڪارونڀار:** هر طرف ڪان ڪارا ڪڪر (ڪاراڻ)، ڪڪرن ڇانئجڻ سان اونده ٿيڻ. نهايت اونداهو گهاٽن ڪارن ڪڪرن وارو جهڙ. تمام گهڻو بيشمار.
- **ڪاغذ** (ف): پنو چٺي، قرطاس.
- **ڪافي** (ع): پورو مڪمل. ضرورت ۽ تقاضا جيترو جهجهو وافر.
- **ڪال:** ڏڪار. ڪوٽ. سيج.
- **ڪامڻ** (هه): ڳجهو جادو يا ڪارو علم. اصطلاحي معنيٰ قابو ڪرڻ. عورت.
- **ڪاڻ:** تير. ڪان هڻڻ. اصطلاحي طور معذور ڪرڻ. مارڻ.

  ويو وجودان نڪري ڪڙڪڙ ڪري ڪان. (شاھ)
- **ڪانڌ:** مڙس. خاوند. حق. گهروارو.

  ڪانڌ تنهنجي پانڌ ريءَ. سيءَ مران سپ رات. (شاھ)
- **ڪانهرو:** ڪانئر. ڊڄڻو بزدل. ڪمزور. ڪم همت. گهٽ توفيق وارو گهٽ سگهه وارو. 'ڪانهن' جو ٻوٽو قدبت ۾ ته 'سر' جي ٻوٽي جيڏو آهي. پر سگهه اوتري ڪو نه اٿس. انهي ڪري 'ڪانهرو' هجڻ سبب 'ڪانهن' چيو ويو.
- **ڪاٽيارو:** ڪاٽ (گهٽ وزن) آرو = گهٽ وزن وارو. ڪاٽ يا ماپ جي گهٽتائي واري عيب کي برابر ڪرڻ لاءِ جنس جو ڪجهه حصو ڪٽتو ڪيبو آهي. معيار تي پورو نه لهندڙ. عيبدار. ڪاٽ ڪيڻ معنيٰ پنهنجي گهٽتائي کي قبول ڪرڻ ۽ ٻئي جي خواهش تي هلڻ. مياري مهٽي آب ڪرڻ ڪمزور يا ڪوجهي ڳالهه ڪرڻ. وعدي کي پاٽي نه ڏيڻ.
- **ڪٽارا:** خنجر. ڪٽاري. تلوار.
- **ڪتر:** ڪک. جيڪو اک ۾ ڪري ته به ذڪوئي ڪاڏي ۾ ڪري ته به خراب. انهيءَ تان اصطلاحي معنيٰ ورتي وئي دل ۾ ڪتر. بدگماني. شڪ شبهو بي اعتباري.

- **ڪجليون:** ڪجل وِڏِل، ڪجل واريون، ڪاريون.
- **ڪجاڙو:** ڪَ + جاڻ = اڻجاڻ، جنهن معاملي سان واسطو يا ڄاڻ نہ هجي. ڇا؟ سواليہ مفهوم ۾ ئي هي لفظ استعمال ٿيندو رهيو آهي. ڪ +ڄاڻ = نہ ڄاڻندڙ يا گهٽ ۽ خراب ڄاڻندڙ.
- **ڪچ:** اهو مواد، جنهن ۾ اصل جو ڪو بہ جز نہ هجي ۽ پاڻي جي مٿاڇري تي اچي وڃي. موتي جڏهن سپ مان نڪري ويندو تہ سپ جو خول پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تري ايندو ۽ ان کي ڪچ چئبو. جيئن ننڍين ننڍين سامونڊي ڪوڏين کي ڪچ ڪوڏيون چئبو آهي.
- **ڪچائي:** عيب جوئي، اجوڳائي، نامناسب، ڪُريتِ، نہ لهندڙ يا نہ سونهندڙ ڪم ڪرڻ.
- **ڪرسي (ع):** چوڪي، اٺون آسمان، چاڙهي، نسب، چئن پيرن ۽ پٺيءَ جي ٽيڪ وارو ڪاٺ، لوهہ پلاسٽڪ جي وهڻ واري چيز.

قلم، ڪرسي، قمر، تارا، پيدا ٿيو شمس سونهارو.
(منٺار فقير)

- **ڪڙولو:** ڪڙا، پيرن ۾ پائڻ جا چانديءَ جا زيور.
- **ڪَسُ:** دنگ، نشان، ليڪو داغ، پاڻي جي لهڻ جو نشان واهہ يا واٽر ۾ پاڻي گهٽ ٿيو تہ چئبو پاڻي ڪس ڏيئي ويو آهي.
- **ڪسب** (ع): (الڪاسب) محنت، پورهيو هٿ سان ڪمائڻ، مزدوري (ڪسبي) محنت ڪندڙ پورهيت، مزدور.
- **ڪست:** ضد، هوڏ، ڪاوڙ حسد، ساڙ ارادو نيت، لاڙو خيال، ويچار، ڏاڍائي.
- **ڪسري:** ڪنئي، ڪتي ٿي، دل ڀرجي وئي، خراب ٿي، دل ڪسرڻ، دل جو لاڙو گهٽجڻ، دل مان عزت محبت ۽ مان غائب ٿيڻ.
- **ڪسو:** گهٽ، ڪُتل، عيبدار، داغدار. جيڪڏهن ڪو شخص ڪچهري ۾ گار گند ڳالهائيندو تہ چوندا همراهہ ڪچا لفظ ڳالهائي، ڳالهہ 'ڪسي' ڪري وِڌي آهي.

- **ڪشالو:** (ڪش + آلو) ڇڪي پنڌ ڪرڻ، مشڪل پنڌ ڪرڻ، منزل هٽي اچڻ، محنت سان ڇيلهہ تي سندرو ڪشي پنڌ ڪرڻ.
- **ڪُلني:** ڪُل، سڀ، سيني، مڙني.
- **ڪليم الله:** الله سان ڪلام ڪندڙ حضرت موسيٰ عليه السلام جو لقب.
- **ڪمام:** ڪم جو جمع، غرضون، لالچون.
- **ڪمان:** (ڪماني) سخت ڏات يا ڪاٺ جي اڌ گول وانگيان مڙيل ڪاٺي، جنهن ۾ ڏور ٻڌي تير نشاني تي هڻجي.
- **ڪمڙا:** ڪم جي تصغير، اصطلاحي طور غريباڻا ڪم عرض، گذارشون.
- **ڪمند:** (خمند) رسيءَ سان ٺاهيل ميڙهي، ڦاسي، ڦندا، چمڙي جي (چرمي) رسي، نيشڪر.
- **ڪمهل:** (ڪ + مهل، ڪني + مهل) بي مهل، بي وقتائتي، بي وقت، اوچتو اُچانڪ، اُمالڪ.
- **ڪنبين:** ڪنبن، ڪنبڻ، ڏڪڻ، خوف ۾ لوڏا کائڻ.
- **ڪنڌي:** ڪنارو ڪپر، ٻن جزن جي وچوارو حصو. ڪنڌ = جيڪو دماغ ۽ ڍڍر کي ملائي اهو حصو.
- **ڪنڌرون:** قطارون، اُڀ، ڪڪرن جون قطارون. شاعري ۾ بيت جو اهو قسم، جنهن ۾ هڪ بيت جي آخري سٽ جي پوئين اڌ سان ٻيو بيت شروع ٿئي، انهن کي 'ڪنڌرون بيت' چئجي. اهڙا بيت، نڙ تي اڪثر ڇيا وڃن ٿا.
- **ڪُنڍين:** (ڪُنڍي) مينهن. جنهن جا سنگ ويڙهيل هجن. ڪنڍي ڪنهن بہ شيءِ جي موڙڻ، ميڙڻ يا گڏ ڪرڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو.

  جيئن مينهن "ڪنڍيءَ" پور، تيئن دل وراڪو دوست سين. (شاھ)

  ڪنڍي صرف مينهن جي صفت ئي نہ آهي، پر لوھہ جي شيخ مان 'ڪنڍو' يا 'ڪُنڍو' ٺاهبو آهي. در جي استعمال لاءِ 'ڪڙو' يا 'ڪنڍو'، مڇي ڦاسائڻ لاءِ 'ڪُنڍي'، اُن جي ڪَري جي ڪنڍي وغيره.

- **ڪنيزڪ** (ف): ٻانڌي ٻانهي، نوڪرياڻي، گولي.

'ڪينزڪ' جي آ قرابت ڪيهي،
آئون تہ جُتي جي جوڙ نہ جيهي،
پورهيت ٿي من پَران...!
(مصري شاهہ)

- **ڪنئون**: (ڪنان) ضمير اشارو ڏور يا قريب، هن ڪان، هُن وٽان.
- **ڪَٽڪ**: سنهو آواز دهيل آواز اُهو آواز جنهن کي روڪي روڪي ڪڍجي. هيءَ آواز خصوصاً ڪونج جو آهي، جنهن (آواز) ۾ ڪيئي درد سمايل آهن.

'ڪٽڪ' تنهنجي ڪونجڙي، مَر منجهيئي هوءِ. (شاهہ)

فقير صاحب ڪيهر جي ڪٽڪ استعمال ڪيو آهي. ڪيهر شينهن جڏهن پنهنجي شڪار تي حملو ڪرڻ وارو هوندو آهي تہ هو پنهنجي جسم جي سڀ طاقت اڳين ٽنگن تي مرڪوز ڪندو آهي تہ جيئن شڪار تي سگهارو ٿي حملو ڪري هن طاقت کي مرڪوز ڪرڻ واري مرحلي ۾ هو پنهنجي آواز کي اندر ۾ دٻائيندو آهي ۽ جيڪو سنهو آواز آهستي آهستي ٻڌڻ ۾ ايندو آهي، اهو "ڪَٽڪ" آهي ۽ ڪٽڪ ٻڌائيندي آهي تہ هو ڪيتري طاقت سان شڪار تي حملو ڪرڻ وارو آهي.

- **ڪورو**: نئون ٿانءُ، جيڪو استعمال نہ ٿيو هجي. خاص مِٽيءَ جو ٿانءُ، اناڙي، جَڙو آڻ ڇُهيل.
- **ڪوڙ**: واقعي جي خلاف، نقل، ڪوڙو ڪذب، جهوٽ.
- **ڪوڙ**: (ڪِروڙ) ڪِٽپ جو اڪر، جنهن ۾ هڪ سؤ لک اچن.
- **ڪوڙ ڪچ**: چاڪاڻ تہ ڪچ ۾ اصل مواد يا موتي هوندا ئي ڪو نہ آهن تنهن ڪري، اُنهن کي ڪچ چئبو آهي. ڪچ اصل جو دوڪو ڏيندو آهي ۽ ننڍي پاڻي ۾ اچي ويندو آهي. ننڍي پاڻي کي 'ڪاٺو' چئبو آهي. تنهنڪري 'ڪاٺي' ۾ جيڪو ڪچ اچي وڃي، تنهن کي 'ڪاٺي جو

ڪچ' چئبو آهي. جيئن تہ آئيني ۾ بہ اصل شيءِ جو عڪس، آئيني جي مٺاڇري تي هوندو آهي، تنهن ڪري 'آئيني' يا 'شيشي' کي بہ 'ڪائو' چئبو آهي.

اونهي ويا اوهريءِ منهن 'ڪائو' ڏيئي،
اگهيو 'ڪائو ڪچ'، ماڻڪن موٽ ٿي. (شاهہ)

اهڙي طرح جنهن جاءِ تي طرح طرح جو ڪچ، ڪچ ڪوڏيون ۽ ڪوڙيون سچيون ڳالهيون گڏ ٿين ۽ پانت پانت جون خبرون ٿين، اُن کي 'ڪچهري' يعني ڪچ واري چئبو. هري معنيٰ واريءِ جيئن ابهريءِ سونهريءِ پاهري وغيره.

سمجهہ منٺار تون سچ کي،
ڇڏي ڏي ڪوڙ ۽ ڪچ کي.
(منٺار فقير)

- **ڪولِ**:(سرائيڪي) وٽ، هُن وٽ، حضور ۾، حاضري ۾.
- **ڪوهيارو(س)**: ڪوهہ + يارو = جبل جو رهواسي، جبلن جو يار دوست.
- **ڪهٽا**:(سرائيڪي) ڇوڙ پولڻ.
- **ڪيچي**: ڪيچ ملڪ وارا. ڪيچ جا. ڪيچ موجوده بلوچستان جو علائقو جيڪو پنهون جي خاندان جي سرداري هيٺ هو.
- **ڪِيسُ**: ظلم، ڏاڍ، اندوهہ.
- **ڪيف(ع)**: بيهوشي، نشو خمار سُرور ڪيفيت. ڪيفي = متوالو.

# ک

- **کارو**: ڪڙو، کارڻ مِٺي جو ضد. اصطلاحي طور سمنڊ کي بہ کارو چئجي، ڇاڪاڻ تہ سمنڊ جو پاڻي کارو آهي يا ان ۾ لوڻياڻ زياده آهي.

کاري کيڙائو مِٺي موٽي آئيا. (شاهہ)

- **ڪاٺي:** ڪاڻ، پاٽي جي مشهور ڇِن، ڪپري لڳ ڳوٺ جتي حضرت منٺار فقير صاحب جن ابدي آرام ۾ آهن.
- **ڪاٺڙ:** ٿر جو هڪ جاگرافيائي حصو جيڪو ڇاڇري تعلقي جي ٻن ٽپن، پارنو ۽ ڏهلي سان گڏ عمرڪوٽ تعلقي جي ٿر تي مشتمل آهي، جنهن ۾ هاٽي 'ڏهلي' تعلقو ٺهيو آهي. هيءَ علائقو ڍٽ يا ڍاٽ جي نالي سان پڻ سڏيو وڃي ٿو. هيءَ اهو علائقو آهي، جنهن ۾ ڍول ۽ مارو جو داستان اڀريو. عمر ڪوٽ جو اولهه وارو پٽ سيرئين سڏيو ويو ۽ هِن سيرئين جي پٽ ۾ ٿي مارل جي ڪوٽ جا آثار درويش 'حسن باغبان' (لڳ ساماري) جي قبرستان جي اوڀراتر ۾ موجود آهن. شاهه جي رسالي ۾ اچي ٿو ته:

ڍولو نرور سيريين، مارو پاس ٿرين

تاريخي تحقيق ۽ لوڪ ادب جي اهڃاڻن موجب مارئي به هِن علائقي جي هئي. فقير صاحب به شاهدي ٿو ڏئي ته:

عمر منهنجا اباڻا، ڏوٽي ڏور ويڙا،
'ڪاٺڙ' مان ڪٽي لڏا، تنهنجي سور ويڙا.
(منٺار فقير)

هيءَ علائقو ويڪرن ڏهرن، اونهن کوهن ۽ ٽڙن، وڏين اوچين ڀٽن، ڏکين لڪن، ٿوهر جي ٻوٽن ۽ ڳاڙهن ڏندن جي وجود سبب ٿر جي مخصوص خطي جي حيثيت رکي ٿو.

- **ڪاٺڙيا:** ڪاٺڙ وارا، ڪاٺڙ ۾ رهندڙ.
- **ڪٽو:** اُن مان ٺهيل چادر جيڪڏهن تمام گهڻي محنت سان ۽ ڊزائين سان ٺاهجي ته 'ويهو' سڏجي ٿي، پر هلڪو ڪٽو آهي ته ان کي 'ڪٽي' چئجي. ٿر ۾ ڪٽن ٺاهڻ جو وڏو هنر ۽ روزگار آهي، پر ننڌڻڪائپ سبب هن هنر جي مارڪيٽنگ بلڪل ڪونهي.
- **ڪپرو:** جاگرافيائي طور (ڪپ + رو = ڪپن وارو) ٿر جو اهو پاڱو جنهن ۾ ڪپ (ٻوٽا) گهڻا ٿين. رو ڍاٽڪي لهجي ۾ حرف جر طور ڪم ايندو

آهي، جيئن 'مارئي رو 'معنيٰ مارئي جو ضلعي سانگهڙ جو هڪ تعلقو، هِن تعلقي ۾ ئي فقير صاحب جي درگاهہ آهي.

مينهن جا مانداڻ، خدا تون پاڻ،

واري وساءِ 'ڪپري' ۽ 'ڪاٺيءَ' تي.

- **ڪَلائڻ:**ڪل لهرائڻ، پاڻ کي ڏکوئڻ، مهانگو سودو ڪرڻ.
- **ڪَلڻ:**ڪل لاهڻ.
- **ڪنوڻِ:** (ڪِنوڻ) چمڪڻ، روشني ڪرڻ، چمڪندڙ تجلي، تجلو برسات ۾ ڪڪرن جي چمڪ سان نڪرندڙ روشني. سائنسي وضاحت موجب واڌو ۽ ڪاٽو چارجز جو ٽڪراءُ.
- **ڪنياتل:** (ڪنياتو) ڪينٺن، خوشي، خوشيءَ جي خبر يا واڌائي آڻيندڙ خوشيءَ جا خط آڻيندڙ.

آيو ڪنياتل خاطي، خط کڻي محبوب جو مانڌي (منثار فقير)

—

ڏنيون ڪنياتن خبرون، سهسين سانوڻ جون. (مصري شاه)

- **ڪوهيءَ:** ڪُهي، وبري، ويئري، ويرو ڪوهہ.
- **ڪيڙو:** ڪٽنب، پاتي، آڪهہ، قبيلو راڄ، قبيلو.
- **ڪيڙا:** ڪين ڪيڏ، ناز نخرو چيڙچاڙ.
- **ڪيمان:** خيما (ف) = تنبو ڏيرو ديرو ننڍو نڪاٽو.
- **ڪينم:** (ضمير متڪلم) (ڪين = ڪائين) مون کي ڪائين.
- **ڪيڻ:**ڪنوڻ، برسات وقت ڪڪرن ۾ ٿيندڙ روشني.

# گ

- **گرفتيارا:**گرفتار، قيدي ٿيل.
- **گمراهہ(ف)**:راهہ وڃايل، آواره، ڀٽڪيل، مغرور دين جي رستي تان هٽيل، لادين.

- **گنوائي:**وڃائي، وڃائڻ، غائب ڪرڻ، گُم ڪرڻ، گنوايو وڃايو.

اُيون ۽ اولاڪ، گڏيا تہ گنئون ٿيا. (شاهہ)

- **گناهہ:**منع ڪيل عمل، اهو عمل، جيڪو ذهني خواهہ جسماني طور هاڃيڪار هجي.
- **گوهر(ف):** ذات، اصل، نج، موتي، قيمتي پٿر، پُٽ.
- **گوندر:**(اگوندر = بنا غم جي، گم ڪانسواءِ) غم، اهنج، ڏک، پيڙا. گوند = معنيٰ کونئر ۽ اصطلاحي معنيٰ ۾ وڻ جڏهن پنهنجي پيڙا ظاهر ڪندو آهي تہ انهي مان گوند يا کنوئر ٻاهر وهندو آهي، جنهن وڻ ۾ کونئر نہ هجي ان کي "اگوندرو وڻ" چئبو آهي.
- **گيم** (انگريزي): کيڏ، راند، وروتهن، وندر.

# ڳ

- **ڳاراٽي:** (ڳاراٽو) جسم کي ڳاريندڙ مرض، جهوري، اڪير، فراق، ڏک، وجهل.

هجر حبيبن جو ٿو ماري،
"ڳاراٽي" ۾ ڳاريو ڳاري
ساعت سڄڻن ريءَ ٿي سال،
دم ڪيئن گذرن ڏار سمورا.
(معمور يوسفاڻي)

- **ڳاري:**اُهو ڪپڙو جيڪو ڪنڌ کان لڙڪي، سيني تي اچي ۽ عاجزي ۽ نياز جو مفهوم ظاهر ڪري.

اڙي منثار ڪر زاري، پائي ڳل پاند ڳچيءَ ڳاري

ڳريل، وڳهريل، ڳري ۽ وهي وڃي، سخت مادا جڏهن ڳرندا آهن تہ هيٺاهين ڏانهن وهندا آهن ۽ پنهنجي گس تي نشان ڇڏيندا ويندا آهن.

ائين ڪنڌ جو ڪپڙو سيني تي، يعني هيٺاهين ڏانهن ايندو آهي ۽ ڪنڌ جهڪائڻ جو اعلان ڪندو آهي. صوفين وٽ هيءَ پيلي رنگ جو ڪپڙو هوندو آهي، جيڪو هميشه طالبن جي ڪنڌ ۾ هوندو آهي. توجهه، زاري ۽ عجز نياز جي نشاني هوندو آهي.

ڳل ’ڳره‘ پائي، ڪر صلح سلطان سين. (شاهه)

- **ڳجهارت:** ڳجهي رت، ڳجهي منصوبه بندي، راز اهڙي ٻولي ۾ ڳالهائڻ، جيڪا ٻولي صرف همراز ۽ همزبان سمجهي. هيءَ لوڪ ادب جي صنف آهي. هيءَ صنف ڏارين ظالمن ۽ قاتلن جي موجودگي ۾ سگهڙن جي واتان چوائي وئي.
- **ڳچ:** ڳچي جو ڳچ، ٽڪر، پاڱو ڳپل، ڳچ ڪرڻ، ٽڪرا ڪرڻ، پاڱا ڪرڻ.
- **ڳريو:** گريو (ف=) گريو آهه و زاري ڪرڻ، روئڻ، روئي ريجهائڻ، ڳرهڻ، ڳرڻ.

ڳلين مَ ’ڳرهيج‘، روئي ڪج مَ پڌرا. (شاهه)

مطلب ته ڳلن تان لڙڪ مَ هارج ته جيئن تنهنجي روئڻ سان تنهنجي اندر جو حال نه ظاهر ٿي پوي، بلڪ هيءَ نقطو هن طرح ٿو مڪمل ٿئي ته:

نهائين ڪان نينهن، سڪ منهنجا سپرين،
سڙي سارو ڏينهن، ٻاهر ٻاڦ نه نڪري
(شاهه)

- **ڳنوار:** ڳنئون چاربندڙ ڳئون سنڀاليندڙ ڳنئون پنهنجيون هجن يا مزدوري تي چاري، پر چارڻ شرط آهي.
- **ڳنهي:** (ڳنهڻ) ونڊ، ونءِ وجهڻ، نيڻ، ڳنهيل، ڳڌل.
- **ڳولو:** ڳوليو ڳولڻ، ڳولَ

# گھ

- **گھاڻو:** اُها مشين جيڪا سرنهن، جانيي ۽ تورئي مان نپوڙي تيل ڪيڍي گهاڻي مان تيل ڪيڻ واري کي 'چاڪي' چئبو آهي. ڪجهه سال پهرين 'موٽر' انجڻ جي اچڻ سان گهاڻا گهٽجي بلڪ غائب ٿيندا ٿا وڃن. گهاڻو جن فصلن کي نپوڙيندو آهي، انهيءَ نپوڙڻ کي پيڙڻ چئبو آهي. گهاڻا ڏَن تي هلندا هئا ۽ هڪ مخصوص گول دائري ۾ گهاڻي جو اٺ ڦرندو رهندو آهي، جيئن 'نار' ۾ اٺ هلن. انهيءَ اٺ کي چئبو گهاڻي جو اُٺ. غرور، وڏائي.

  بجر ڪاٺا، وجهين گهاٺا.
  تون ڏانئو هو سنگ پراٺا.
  (گرهوڙي)

- **گهمسان:** گهتم گهتا، هل، هنگامو شور غل، جنگ جو عروج.
- **گهنڊ:** نِراڙ جي چمڙي ۾ گهنج. اندر جي ڪيفيتن خاص طور تي ڪاوڙ جي اظهار جو بي زبان طريقو تاثرات، غرور، وڏائي.
- **گهوني:** گهون، گوني، اُگهون = جنهن جو انت نہ هجي، انڌارو ترو. اون، گهون = اونهو ۽ گهمندڙ پاڻي. پاڻيءَ جو اهو وهڪرو جنهن ۾ ڪُن گهڻا هجن.

# ل

- **لاڏڪيون:** لاڏ ڪوڏ واريون، وڻندڙ دادليون.
- **لاڪن:** (لاڪئون) انهن جي لاءِ، انهيءَ جي لاءِ، انهن ڪان.
- **لاڪن:** انهن لاءِ، ڪين، انهن کي.
- **لامڪان** (ع): عالم قدس عالم الاهي، بي گهر، هر هنڌ گهر، هر هنڌ حاضر.

- **لانگهو:** لنگهه، گس، پرانگه، لنگهڻ، گهٽ، لانگهو جبل مان هجي ته لڪُ يا سرنگهه، پٽ مان هجي ته لڪُ، پاڻيءَ جي وهڪري مان هجي ته گهيڙ چئجي.
- **لَڄ:** عزت، شرم، پرمُ، حيا، مانُ.
- **لڄائج:** لڄ ڏيارڻ، شرمندو ڪرڻ، ڪنڌ جهڪرائڻ.
- **لحم(ع):** گوشت، مُشڪون، ماس، جڏهن هڏي تي چڙهيل هوندو آهي ته ان کي لِڳَ چئجي ٿو.

نڪا ڳُن نيڪون هئي، نڪين لڳَ لحم. (شاهه)

- **لُڙَ:** ميرانجهڙو ڪڪ ڪچري ۾ مٽيءَ وارو پاڻي. لڙاٿيل پاڻي، جنهن ۾ درياهه جي لٽ به شامل هجي.
- **لعنتي(ع):** ڦِٽڪار ڪيل، تڙيل، الله جي نعمت کان پري ڪيل، بد دعا ۾ ورتل.
- **لغور:** لنگور، لغو ڳالهائيندڙ.
- **لقمان:** هِن بزرگ لاءِ مختلف حوالا آهن. (1) لقمان بن باغور حضرت ابراهيمؑ جو تڙ ڏاڏو هو. (2) حضرت ايوبؑ جو پاٽيجو هو. (3) حضرت ايوبؑ جي ماسيءَ جو پٽ (ماسات) هو. (6) حضرت دائودؑ کان پهرين بني اسرائيل جو قاضي هو. (5) حبشي غلام هو. (6) ڏنار هو. (7) درزي هو. هنن اختلافن جي باوجود هڪ ڳالهه تي سڀ مُحقق متفق آهن ته ناصح، موحد، عامل، دانشمند، امين، صاف سٿرو فڪر رکندڙ ۽ حق رسان ڪردار جو مالڪ هو. ڪِٿي ڪيس نبيءَ جي حيثيت سان به قبول ڪيو ويو آهي، سندس ذڪر قرآن مجيد ۾ به آهي.
- **لنئون:** محبت، سڪ، پيار، لنئون لڳڻ معنيٰ محبت جو پيچ پوڻ.
- **لوڀ:** ليڻ ۽ ملڻ جي خواهش، لاڀ، گهڻي لاڀ جي خواهش، اصطلاحي طور لالچ، هبچ.
- **لوح (ع):** ڦرهي، پٽي، تختي، ڪتاب جو ٽائيٽل، قبر جي سيراندي کان رکيل پٽي، پاڳ، نصيب، لوح محفوظ، لوح قلم، نه ميٽجندڙ.

- **لوري:** (هوري هورو) تات، چڪ، پون خيال، عشق.
- **لوڙهہ:** وفات ڪيل جسم، مرده جسم، مڙهہ. وفات بعد لوڙهہ قبر ۾ پوربو آهي ۽ جنهن شيءِ (کٽ يا پيٽي وغيره) ۾ کڻي اچبو، ان کي جنازو چئبو.

ڪانڌي ڪنگ ٿياس، "وهڻ جنازو" سهڻي. (شاهہ)

- **لوڙهہ:** لٺ (بانس جي) جنهن جي بنهي ڇيهن تي لوهہ جا پٽ يا پِتل جا پٽ چڙهيل هجن.
- **لولي:** ننڍي ٻار کي سرچائڻ لاءِ اهي لفظ، جيڪي بار بار دهرايا وڃن.
- **لولي لائڻ:** ساڳي ڳالهہ بار بار ڪرڻ.
- **لونءَ لونءِ:** رون رون، وارن جون پاڙون.
- **لئجان:** لنوڻ، ٻولي ڪرڻ، چوڻ، ٻڌائجان، ٻولجان، لئجان معنيٰ تون ڳالهائجان.
- **ليڙ:** اڱڙي، ڦاٽل اڙي، لوئي ليڙون ليڙون، جڏهن اڱڙي کي آلي مٽي لڳائي ٻڪري جي ٿڻ کي ڇهنائجي تہ ان کي ليڙيو چئجي، پوءِ ڦر ڳڏ چري تہ بہ کير ڏائي نہ سگهي. آن جي ڳُنڊي جو مُنهن بہ ليڙي سان بند ڪبو آهي.
- **ليليٰ:** (ليليٰ مجنون) عراق جي هڪ قاضيءَ جي ڌيءَ، جنهن جو نينهن هڪ شاگرد قيس سان ٿيو. قيس، هن جي محبت ۾ ايڏو مست ۽ محو ٿيو جو جنون جي حد کي پهتو ۽ مجنون مشهور ٿيو. پوءِ هي داستان هڪ عشقيہ داستان جي حيثيت سان دنيا ۾ مشهور ٿيو. سنڌي لوڪ ادب جي ڪيترن ئي شاعرن هِن داستان کي ڳايو آهي. سنڌي ۾ سيني کان وڌيڪ مل محمود ٻلي جو 'ليليٰ مجنون' جو داستان مشهور ٿيو. چون ٿا ليليٰ جو رنگ ڪارو يا سانورو هو جنهن ڪري سندس اصل نالو غائب ٿي ويو ۽ ليليٰ (ليل معنيٰ رات) مشهور ٿي.

- **ليمڪ:** (نمڪ) لوڻ. اصطلاحي طور جيڪڏهن ڪنهن جي ماني کائجي تہ چئبو فلاڻي جو ليمڪ کاڌو اٿم. احسان، گڻ، مهرباني، چڱائي. ڪنهن جو ليمڪ کائي وري ان سان اوگڻ ڪرڻ کي چئبو نمڪ حرامي.
- **ليڙي:** ليڙو، لياڪو جهلڪ، جهاتي پائڻ.
- **ليئي:** (ليئڻ) ولڻ، ولي وجهڻ، ڳنهڻ.

نامر اوهان جو جيڪو ليئي،
سو سانگو ساهہ ڇڏيندو آ.
(منٺار فقير)

# م

- **ماروئڙا:** (مارو جي تصغير) مال جي چاري جي سانگي تي هلندڙ ۽ نقل مڪاني ڪندڙ سنڌ جي لڄ ۽ ننگ جي وڏي ڪردار 'مارئي' جا مائٽ.
- **ماڙ:** ڏٽيپ، سائي، هڪ جاءِ مٿي ٻي جاءِ.
- **ماڙيچا:** ماڙي جي پير ۾ رهندڙ هڪ ذات. پاڙو، اوڏ ذات جو هڪ پاڙو مينگهواڙ ذات جي هڪ اوڙڪ.
- **مانڊاڻ:** (مانڊ، منڊ، منڊ منڊڻ) پراڻي زماني ۾ 'ماڙي' ٺاهڻ لاءِ ديوار ۾ ڪاٺ جا تختا لڳائي، اُن کي گنب هٽي ديوار کي ٿلهو ڪري، ان مٿي ٻي ماڙي ٺاهي، وري تختا مٿي تسلسل سان لڳائي ٽي ماڙي ٺاهي. اهڙي طرح ماڙي مٿي ماڙي ٺاهڻ کي 'منڊمنڊڻ' چئبو هو ۽ جيڪا محلات تيار ٿيندي هئي، اُن کي مانڊاڻ منڊڻ چئبو هو. ديوار جي اندر لڳل تختا ظاهر نہ ٿيندا هئا ۽ ديوار کي مضبوط رکندا هئا. هِن دؤر ۾ اهو ڪم لوهہ جي شيخن کان ورتو وڃي ٿو. ان کي 'پيمر' چئجي ٿو. مومل جڏهن 'ڪاڪ' جي تڙ تي لڏاڻي ڪناري محلات تعمير ڪرايو تہ ان کي

'مومل جو مانڊاڻ' چيو ويو. ائين جڏهن ڪڪر بہ هڪبئي مٿان تهہ ٿاهي نڪرندا آهن تہ انهن کي مينهن جو مانڊاڻ چئبو آهي.

- **ماهيت:** (ماهہ - گوشت) بناوت (ماهي = مڇي) حقيقت.
- **مباح (ع):** دائم، سدائين، هميشہ، نت، جائز.
- **مٿيون:** (مت)، عقل، سمجهہ، شعور، مٿيون منجهڻ، واتڙو ٿيڻ، بتال ٿيڻ، راهہ گم ٿيڻ، منجهي پوڻ، عقل چڪرائڻ.
- **مَٽُ:** برابر، جوڙجيس، جهڙو هم وزن، ثاني، شريڪ.
- **مجذوب:** پنهنجي وس مان نڪتل، خود فراموش جي حالت ۾
- **مجروح (ع):** زخمي، گهايل، ڦٽيل، ناقابل بيان.
- **مجليس:** (مجلس) مجالس، مجليس، صحبت.
- **مجنون:** (عقل جو ضد جنون) جنون وارو عقل کان پاسيرو ڪنهن بہ نقطي تي متوجهہ ٿيڻ، لاقانونيت ڪندڙ پاڳل، ديوانو ليليٰ مجنون جي عشقيہ داستان وارو مجنون، جنهن جو اصل نالو قيس هو.
- **مڃتائون:** (مڃتا) باس باسڻ، شڪا ڏيڻ، ڪنهن من جي مُراد پوري ٿيڻ لاءِ نذرانو آڇڻ.
- **مُجرا:** مُڄا، مُڄ جا ڇيهہ جيڪي وٽجن، ڇيڙا.
- **محبوب:** جنهن سان حب يا محبت هجي، مطلوب.
- **محرم:** هِن مهيني سان اسلامي ڪئلينڊر شروع ٿئي ٿو. هن بابرڪت مهيني جي 10 تاريخ جون ڪيتريون اهم فضيلتون ۽ واقعات بيان ٿيل آهن. جيئن ڏهين محرم تي حضرت آدمؑ پيدا ٿيو ۽ هن ئي تاريخ تي سندس توبهہ قبول پئي. هِن ئي تاريخ تي جنت پيدا ڪئي وئي ۽ هن ئي تاريخ تي حضرت آدم جنت ۾ داخل ڪيو ويو.

ساڳي تاريخ تي حضرت نوح جي ٻيڙي 'جودي' جبل تي اچي بيٺي ۽ طوفان نوح ختم ٿيو.

هن ئي تاريخ تي حضرت ابراهيمؑ پيدا ٿيو ۽ هن ئي تاريخ تي باهہ کان بچايو ويو.

ڏهين محرم تي حضرت يونس ؑ کي مڇي جي پيٽ مان آجو ڪيو ويو. هن ئي تاريخ تي حضرت يعقوب ؑ کي پيهر اکين جو سوجهرو واپس مليو ۽ حضرت يوسف ؑ هن ئي تاريخ تي کوهہ مان نڪتو.

هي مهينو ئي تاريخ ۾، دشت ڪربلا جي ڪرب ۽ اسلام جي نشاط ثانيہ جي تاريخ آهي، جنهن ۾ حضرت امام حسين ؑ سر قربان ڪري اسلام کي حيات بخشي.

- **مخفي** (ع): پوشيدہ، ڳجهو لڪل، پس پردہ، خفيہ.
- **مدارت** (ف): مدد، ٽيڪ، حمايت، همت افزائي، واهر، ڪم اچڻ.
- **مڏيون**: مڏي = مال، اسباب، ورثو مالڪ ملڪيت، سنڌي ۾ سچائي لاءِ پهاڪو ڏين تہ ميان جي مڏي، بہ ڏنڊڻ ٽين تڏي گهر جو سامان، ٿپڙ تاڙي، مياڻ، ڍنڍ يا درياهہ جي ڪپ تي مڇي ماري رکڻ ۽ وڪڻڻ جي لاءِ جاءِ.
- **مذڪور** (ع):ذڪر ڪيل، حال احوال، خبرچار.
- **مَر**: ڪٽ، لٽ، ميراڻ، گدلاڻ.
- **مراد**: تمنا، گهرج.
- **مُرسِل**: ارسال ڪرڻ، موڪلڻ، موڪليل. مُرسل= الله تعاليٰ جو رسول پاڪ، جنهن کي ڪتاب سان موڪليو هجي.
- **مُرڪ**: مُرڪ = مُرڪڻ، مسڪرائڻ.
- **مَرڪ**: فخر، ٽهڪندڙ شان، عظمت
- **مرڪايائين**: مان مٿي ڪرايائين، حيثيت ڏنائين، سرخرو ڪيائين، مرڪُ، مها مرڪُ.
- **مروٽي**: وَٽُ ڏيڻ، مروٽڻ، نپوڙڻ، وَٽُ ڪائڻ.

مروٽ = وٽ، ڦيرو نپوڙ

مُرٽ = مروڙ

مُرٽ = گاهہ جو قسم، جنهن جي ٻج مان ڏڪار جي حالتن ۾ ان بہ ڪڍجي.

- **مڙوئيل:** (مڙ مِڙڻ) مڙئي، سپ، ٺوٺل.
- **مستانو** (ف):(مست) بي خود، بي پرواهه، متوالو مگن، مخمور، ديوانو مغرور، جوڀن تي پهتل.
- **مُسيج:** (گهنجائڻ) منهن گهنجائڻ، ڦاسائڻ، نفرت ڪرڻ.
- **مشڪلي:** مشڪلات، ڏکي گهڙي.
- **مشير:** مشاورت ڪندڙ صلاح مشورو ڪندڙ عقل ۾ مت ڏيڻ ۾ معاونت ڪندڙ.
- **معرفت** (ع): سڃاڻڻ، سڃاڻڻ جو ذريعو، خدا شناسي، ظاهري سبب.
- **معلوم:** جنهن جو علم يا ڄاڻ هجي، جنهن کي علم يا ڄاڻ هجي ته ان کي 'معلم' چئبو.

مُلا مُعلم خبرون ٻڌي پروڙيج. (شاهه)

- **معمور** (ع): لبريز ڀريل، پُر، ڪنان تار آباد، وسيل، خوشحال.
- **مصلحت** (ع): صلاح صولي، مشورو ڪرڻ، لڪل راز کي سمجهڻ، ڳجهي مثبت پهلو کي سمجهڻ، بهتر راءِ، نيڪ تجويز چڱائي، سُٺي صلاح.
- **مطلب:** لالچ، طلب، مراد، مقصد، غرض، خواهش، تقاضا، تمنا.
- **مقالڙيون:** (اسم جي تڪبير) مقال، قال، حال احوال، گفتگو ڳالهه ٻولهه
- **مقصد** (ع): (جمع = مَقصدَ) مطلب، مراد، نيت.
- **مُڪا:** (موڪليا) = مُنجيا، موڪلڻ، روانا ڪرڻ.
- **مڪان** (ع):جڳهه، گهر، اوقات، درجو عهدو.
- **مَڪر** (ع): فريب، مڪروهه، سختي، دوکو عياري، دغا.
- **مُڪَرُ (سنڌي):** مڇيءَ جو خاص قسم، جيڪو اڪثر گپ واري پاڻيءَ ۾ رهي، ترڪڻو ۽ طاقتور ٿيو وڃي، هٿ ۾ جهليل ڇڏائي وڃي. ڇاپ تي گدڙ به نه جهپي سگهيس.
- **مڪٽيون:** (مڪٽي) وسڪاري جي مند ۾ ٿر جو عام گاهه.

- **مگڻهار**:(مگڻ + هار) گهرڻ وارو، مگيندڙ مڱتو.
- **مُلڪ**: سلطنت، ديس، بادشاهت، علائقو.
- **مِلڪ**: ملڪيت، مال، اسباب.
- **مَلِڪ** (ع): بادشاهه، فرمانروا.
- **مَلڪ** (ع): فرشتا، ملائڪ، ديوتا.
- **ملنگ** (ف): بيهوش، ٿلهو بيخود، مست فقير.
- **مُلهه خريد**:واپار جا ٻه طريقا (1) هڪ جنس ڏئي ٻي جنس وٺڻ (2) مُلهه خريد ڪرڻ. معنيٰ شيءِ جو ملهه ڪٿي پوءِ روڪ پئسا ڏئي وٺڻ. ملهه خريد واري شيءِ جو مان مٿاهون هُجي ٿو.
- **ملير**:سرسبز، شاداب. شادي جي رسمن ۾ گهوٽ ڪنوار کي ملندڙ خاص سائي رنگ جي چادر.
- **مماتي** _(ع): موت، مرڻو وفات.
- **مناسب**:جنهن جي نسبت ٺهي. (رياضي) هڪجهڙائي هجي، سيٺ ٺهي.
- **منان** (ع):الله جو صفاتي نالو. نيڪي ۽ احسان ڪندڙ.
- **منٺار**: من + ٺار = اندر ٺاربندڙ جنهن کي، ٻڌڻ ڏسڻ ۽ سيني حواسن جي عمل سان اندر ۾ راحت ۽ سڪون اچي.
- **منڌل**:منجهيل، مونجهاري وارو.
- **منصور** (ع):مدد ڪيل، فتحمند. هڪ فقير قسم جو بزرگ 'حسين'، جيڪو پنهنجي پيءُ جي نالي 'منصور' سان مشهور ٿيو.
- **منگتَ**: گهرجائو گهُرندڙ منگيندڙ مڱتو مڱڻو سوالي، پينار، پننڌڙ پنڙيات، پينُو.
- **مٽڪو**:ڪنڌ. مٽڪي جي هڏن ۾ سوراخ هوندو آهي، جنهن مان حرام مغز هيٺ لهندو آهي. اهڙي طرح تسبيح جي مٽيي کي به مٽڪو چيو ويندو آهي.
- **موالي** (ع):مؤلي = سائي. سلهاڙيل. مددگار. اصطلاحي ۽ سماجي معنيٰ، نشائي، نرائي.

- **موت (ع):** ڪنهن آفت جو اچڻ، روح جو جسم کي الوداع ڪرڻ، اوير ڪرڻ، جان جو نڪرڻ، مرڻ، ممات ۽ وفات ڪري وڃڻ، برقعو مٿائي وڃڻ.
- **موچارو:** موچ + آرو = شلي منهن وارو.
- **مورت:** تصوير، شڪل، فوٽو صورت، پٿر جو ٺهيل بت.
- **موريائڻ:** (ميراڻ، مذڪر جي صيغي ۾ استعمال ڪيل آهي) نون ٻوٽن جو اپرڻ، نوان خيال، وهم، ويچار.
- **موڙهن:** موڙهه، موڙهجڻ، ڳنڍ اچڻ، عقل ۽ سمجهه کي ڳنڍ اچي ۽ اڳتي رستو نه ملي ته ان کي مت جو موڙهو چئبو. موڙهه ٽيڻ معنيٰ آنڊي کي ڳنڍ يا وٽ اچڻ يا آنڊي جو بند ٿيڻ. وٽيل ڪپڙو، مينهن يا ڍڳي نه مڙي ته ان کي 'سانر' ۾ ڪپڙو وٽي وجهجي ته ان کي موڙهي چئبو.
- **موسيٰ ؑ:** حضرت موسيٰ ؑ بني اسرائيل جو پيغمبر هو. سندس والد جو نالو 'عمران' ۽ والده جو نالو 'يوحانئن' هو حضرت هارون ؑ سندس ڀاء هو ۽ حضرت شعيب ؑ سندس سهرو هو. سندس عرض ڪرڻ تي حضرت هارون ؑ کي به نبوت عطا ٿي. مصر جي فرعون کي دعوتِ حق ڏنائون. هو نافرمان ٿيو ۽ حضرت موسيٰ سان جادوگرن جو مقابلو ڪرايائين. جادوگر ايمان آڻي توبهه تائب ٿيا. فرعون مٿن دشمني ۾ فوج موڪلي. حضرت موسيٰ ؑ فرعون جي لشڪر کان اڳ ۾ درياء ۾ داخل ٿيا. درياء حضرت موسيٰ ؑ کي پنهنجن ساٿين سميت رستو ڏنو. فرعون جو لشڪر به پيڇو ڪندي دريا ۾ داخل ٿيو ۽ سڀ ٻڏي مري ويا. حضرت موسيٰ ؑ تي 'توريت' نازل ٿيو.
- **مونجهارو:** منجهه + آرو = مُنجهه وارو وچڙيل. نه سمجهه ۾ ايندڙ.
- **موهر:** مهراڻو ٿر ۽ بيرج واري علائقي جو سنگم، اهو ميداني علائقو جنهن جي منهن ۾ ٿر اچي، جاگرافيائي طور ڪيري تعلقي کان ڏيپلي تائين ٿر ۽ ناري جي سنگم وارو علائقو. هي سڄو علائقو مهراڻو يا موهر چئجي.
- **موهيو:** موهڻ، توجهه ڇڪائڻ، اندر ۾ ڪنهن شيء لاء ڪشش پيدا ٿيڻ.

- **مهتاب:** تاب وارو منهن، چنڊ، روشن منهن، هڪ قسم جي آتشبازي.
- **مهتر:** مهندار، مستر، مهاتِر، صاحب.
- **مهربان:** مهر ڪندڙ ڳهل ڪندڙ ٻاجهارو.
- **مهميز:** گهوڙي کي اڙي ڏيڻ لاءِ لوهي ڪنڊو جنتيءَ جي ڪُڙي ۾ لڳائبو آهي ۽ لغام کي سٽ ڏئي، اڙي ڏبي آهي ته گهوڙو هوشياريءَ سان پنڌ جي تياري ڪندو آهي. ڪڙيءَ جو ڏڪ.
- **مهيري:** بلوچ ذات، جيڪا اصل ۾ 'مهير' جبل ۾ رهندڙ هئي. پنڌ جا پلا اٿ. جڏهن انهن کي پنڌ ۾ ڊوڙائبو آهي ته ان جو پُڇ ٻڌي ڇڏبو آهي ته سندن پيشاب ۽ لِڏ سوار کي نه لڳي. اهڙي طرح ڪنهن گهٽ پنڌ واري اٺ جو پڇ ٻڌبو ته سوار چوندو ته "سائين پُڇ ٻڌي مهري ڪو نه ڪيا."
- **مهينداراٖ:** مهند، مهندان، مهندار مهندارا (جمع) اڳواڻ، سرواڻ.
- **ميار:** ڏوراپو شڪايت.
- **ميڙ:** ميڙ، گڏ ڪرڻ. ميڙ منٿ = ڪجهه ماڻهن جو گڏجي وڃي منٿ ڪرڻ. ميڙ = ڪٽڪ جي هلر وقت وڄ ۾ ڪاٺي ڪوڙڻ. ميڙي ڍڳو = اهو ڍڳو جيڪو ڳاهه وقت اندر واري طرف هجي. ميڙبئين = ملائين، ملاقات ڪرايئين.

## ن

- **نارا:** (نعره) = وڏو ۽ بُلند آواز للڪار شور آهه فرياد ڪرڻ.
- **نالائق:** نااهل.
- **نادُ (س):** وڏو ساموندي ڪوڏ (پوڄاري مختلف عبادتي موقعن تي هِن کي وڄائين). ناد =پاڻيءَ جي وڏي ٺڪر جي ٺهيل تانڪي. نادي سنک، نفيلون. نادِ علي = حضرت علي ڪرم الله وجه کي مشڪل ڪُشائي لاءِ سڏڻ جي دعا. جيڪا ڪي ماڻهو عقيدت طور ٻارن جي ڳچيءَ ۾ ٻڌندا آهن.

- **نسوري:**(نسورو) سڄو سارو سربستو ظاهر ظهور سڀ.
- **نصوح** (ع): نصوحي توبهہ، توبهہ جنهن کانپوءِ ڪو بہ گناهہ نہ هجي. خالص، صاف، هڪ توبهہ تائب مؤمن شخص جو نالو.
- **نصيحت** (ع): سٺي ڳالهہ سمجهائڻ، نيڪ مشورو تنبيهہ، عزت، نصيحت، سمجهائڻ.

سمجهہ منٺار تون من سين، طلب رب جي ڪجان تن سين،
سٺچ نصيحت، هيئين جي ڪن سين، تہ رُڳن راڳن ۾ چاهي.
(منٺار فقير)

- **نصيري:** نصرت، سوڀ، ڪاميابي.
- **نعمت:** نمڻ، جهڪڻ، نياز نوڙت.
- **نَفَس** (ع): ساهہ، وقت، گهڙي، دم لمحہ، ساعت، جان، ذات، حقيقت، وجود، ذڪر، عورت جو بدن، عضووِ تناسل.

تصوف جي وضاحتن ۾ نفس ۽ روح هڪٻئي جا ضد ڪري پيش ڪيا ويا آهن. صوفيءَ جي سڄي جدوجهد، نفس تي ضابطو ۽ روح جي خوشحالي آهي. جڏهن انسان نفس تي ضابطو حاصل ڪري ٿو تہ انهيءَ جو مطلب تہ روح ازخود شاداب ٿئي ٿو.

- **نگهوسار:**(ف. نگون جهڪيل) اونڌو جهڪيل، لٽڪيل، اوڙاهہ ۾ پيل، غرق ٿيل، ڪن ڪڏ.
- **نماٽا:** جهڪيل، ڪهل ڪندڙ رحم ڪرڻ وارا، ٻاجهارا نيڻ نماٽا= جهڪايل نيڻ، يا مهربان نيڻ، پر اُهي نيڻ جي مٿي ڪڇن تہ قاتل ٿي پون.
- **نمرود:** مصر جو بادشاهہ، جنهن حضرت ابراهيم خليل الله کي آڙاهہ ۾ اُڇلارايو.
- **نمبريل:** (انگ) نشامبر، ڳٽيل، چٽو نمبر لڳل، ظاهر، چٽو چوٽي چڙهيل. اصطلاحي طور فتنو برپا ڪندڙ.

- **نمت**: نمڻ، جهڪڻ، فرمانبرداري، عجز نياز.
- **ننگ**: ڳٽڻ، ڳٽيل، عضوو لڄ.
- **نوازڻ**: عطا ڪرڻ، بخشش ڏيڻ، مهرباني ڪرڻ.
- **نوبت** (ع): درجو وارو مصيبت، نقاره ۽ طبل، ساز اعلان ڪرڻ لاءِ، عشق جو اعلان، نوبت وڄڻ، خوشيءَ جو اعلان، نوبت اچڻ، حد اچڻ، وارو اچڻ، نوبت بہ نوبت = واري واري سان.

نوبت نينهن، نغاراوي (منثار فقير)

- **نوحؑ**: حضرت نوحؑ پهريون نبي آهي، جنهن کي رسالت سان بہ نوازيو ويو هو سندس نسب نامو هن ريت آهي.

نوح بن لامڪ بن متوشالح، بن اخنوخ، بن يارد بن مهليئل، بن قنيان بن انوش بن شيثؑ بن آدم عليه السلام. قرآن مجيد ۾ حضرت نوحؑ جو ذڪر ڪافي جاين تي آيو آهي. پاڻ ساڍا نَوَ سؤ سال مسلسل پنهنجي نافرمان قوم کي دعوت حق ڏيندا ۽ تبليغ ڪندا رهيا، پر بدنصيب قوم نہ سڌري، ان بعد حضرت نوحؑ کي هڪ ٻيڙي ٺاهڻ جو حڪم مليو. ٻيڙي تيار ٿي تہ ان ۾ حضرت نوح کي پنهنجي فرمانبردار ماڻهن ۽ سيني جاندارن مان هر هڪ جو هڪ هڪ جوڙو سوار ڪرڻ جو حڪم ٿيو. ان بعد نافرمان قوم تي زمين مان چشمو ۽ آسمان مان زوردار پاڻي وسڻ شروع ٿيو. ٻيڙي الله پاڪ جي حڪم سان ان پاڻي ۾ محفوظ ترندي رهي ۽ سڀ نافرمان غرق ٿي ويا. حضرت نوحؑ جو نافرمان پٽ 'ڪنعان' کي الله پاڪ طرفان سوار ٿيڻ جو حڪم نہ هو ۽ نافرمان قوم سان گڏ غرق ٿيو. ان بعد طوفان ختم ٿيو ۽ ٻيڙي اچي 'جودي' جبل تي بيٺي ۽ ٻيهر نسلِ نوح جي افزائش شروع ٿي. حضرت نوحؑ کي 'ابوالبشر ثاني' چئجي ٿو.

- **نورالسماوات**(ع): آسمانن جو نور.
- **نوراني**(ف): روشن، چمڪدار، آسماني، ڳورو.

- **نهوڙجڻ**: نهو سفر لاءِ زادِ راهہ طور ٻڌل سامان جي هڙ. قابو ڪرڻ, ٻڌڻ, ڪچي وجڻ. نهو ٺاهڻ, ٻي ڪنهن ڪم جهڙو نہ ڇڏڻ. تهوڙي نيڻ معني ٻڌي روانو ڪرڻ. اصطلاحن ڪنهن ٻي ڪم جهڙو نہ ڇڏڻ.

'نهو' ٻڌيو روءِ, اڱڻ جهوڪي ڪرهو
ڪا چنيسر چوءِ, ليلا وجي لڏيو.
(شاهہ)

- **ني**: (امر حاضر) ڪڻ, اُناءِ, ڪٽي وڃ.
- **نياپو**: نيٺي پچائڻ, زباني حال احوال موڪلڻ, قاصد يا پانڌي هٿان احوال موڪلڻ.
- **نياڻ**: نئن جو سنگم يا ميلاپ, جتي هڪ نئہ ٻي نئہ ۾ گم (داخل) ٿي, هڪ ٿي وڃي.
- **نيبهہ**: نيبهہ ٿيڻ = نصيب ٿيڻ, ڦٻڻ, راس اچڻ.
- **نيرُ**: (سن) پاڻي, جَل هڪ قسم جو ٻوٽو جنهن مان ڪارو رنگ ٺهي.
- **نيرُ** (ع): سج, سورج.
- **نيڙي**: نياڻين, ڪٽي ويو / وئي, نيڻ, نجان.
- **نيزاُريون**: (نيزاري) (ف) منت, عاجزي, آزي, التجا, وينتي, گذارش.
- **نيم** (س): دستور, قانون, رسم, طريقو.
- **نيم** (ف): اڌ, ٿورو وچ, درمياني.
- **نيمي**: سيڙپ, نيمي ناس ٿيڻ, معني سيڙپ ٻڏي وڃڻ. (ف) = ايماندار باطن, صاف, پرهيزگار.

# و

- **واڍوڙ**: وڍيندڙ ڪٽيندڙ گهايل ڪندڙ ڪاٺ جي وڍيندڙ کي 'واڍو' چئبو, وڻن جي وڍجڻ کي "واڍي" چئبو.

"سو تن اندر تيئن وَهي، جيئن وڻ وڏي واڍو" اهڙي طرح وڏيل ڪاٺ تي چٽسالي ڪري، ان تي ڪوتائي سان ڪجهہ ڊيزائينون ۽ چِٽ ٺاهي، فرنيچر جا مختلف قسم ٺاهي تہ ان کي "ڪاٺوڙ" يا "ڪاٺوڙ" چئبو.
قديم زماني ۾ جڏهن اڃان ميڊيڪل سائنس جي ترقي نہ ٿي هئي ۽ حڪيم ۽ طبيب پنهنجي ڏيهي سان جراحي پيا ڪندا هئا تہ انهن جي جراحي جي ڪمري کي "واڍوڙڪو منهن" چئبو هو جيڪو هاڻي "آپريشن ٿئيٽر" سڏجي ٿو.

اڄ پڻ ڏانهون ڏانهن، 'واڍوڙڪي منهينءَ (شاهہ)

- **واسينگ:** وسيهر، نانگ جو قسم.
- **واصل** (ع): (وصل) ميلاپ، گڏجڻ، مِلڻ، هڪ ٿيڻ، جمع ڪيل، حاصل.
واصل بالله = الله پاڪ سان ملاقي ٿيڻ، اصلاحي طور موت.
- **وانگ:** وانگيئڙا، وانگر، وانگيان، طرح هوبهو، وانگي لاٺون انهيءَ کي چئبو آهي، جيڪي ڏور مان نڪرندي هڪ جڳهہ تي ٽڪ ٻڌي بيهي رهي ۽ هيڏانهن هوڏانهن گهُٽون گوهيون نہ هٽي.
- **واٽو(سن):** وَٽِ، حصو.
- **واهر:** واهہ ڪيندڙ گس ڪيندڙ مدد ڪرڻ وارو حمايت، همراهي، ڏِي، پروسو پرجهلو ڏٽيپ.
- **واهرو:** واهہ + رو = گس سونهائڻ وارو مددگار همدرد، مهربان، واهر ڪرڻ وارو سڏ اوناٺيندڙ. تصوف جي اصطلاح ۾ 'روح' واهرو آهي. انسان کي پنهنجي اصلي مقام تي پهچائيندڙ روح آهي.
- **وٽِن:**(ضمير پڇاڙي) هِنن وٽ، هُنن وٽ، انهن وٽ.
- **وچاندر:** وچ ۾ اڌ رستي ۾ وچويو.
- **وڇاڻو:**بسترو هنڌ وڇايل.
- **ورسارو:** (ورسيو = وسيو وس ڪيائين) وسڪارو مينهن جي مند، سارنگ، برسات.
- **ورونهن:** درد. ورونهن وارا = اهلِ درد، ڏک سمجهڻ وارا، ڏک کي ٿاڙڻ وارا.

چانگان ڇڇي ڇيلڙو صحيح وڙولجي جي سو. (شاهہ)

- **وهاڻيون:** وهاميون، پوريون ٿيون، ختم ٿيون.
- **وهلور:** ويڳاڻو ويڳاڻائي، اداسائي، پور، ڳڻتيون، بيزاري
- **وياءُ:** ڄاپڻ ڄمڻ، توليد.

نہ ڪنهن ڄائو ڄام ڪي، نڪين ڄام 'وياءُ' (شاهہ)

- **وڍ (چراگاهہ):** اُها مخصوص جُوءِ جيڪا ڪنهن هڪ سنگهار يا مالدار جي مال جي چرڻ لاءِ هُجي، جتي ٻئي ڪنهن جي چوپائي مال چرڻ جي اجازت نہ هجي. انگريزن جي دور ۾ وري سرڪاري ڳوٺن جي سروي وقت، انهن ڳوٺن جي ٻاهران ڪجهہ سرڪاري زمين، انهيءَ ڳوٺ جي چوپائي مال لاءِ مخصوص ڪئي ويئي ۽ روينيو جي قانون تحت اها سڄي ڳوٺ جي امانت آهي. ڪنهن هڪ فرد جي ان تي دعوي نہ آهي.
- **ويراڳي:** روڳ ۾ ورتل، ويراڳ.
- **ويري:** دشمن، غير، مخالف. تصوف جي اصطلاح ۾ انسان جو ويري نفس آهي.
- **ويڙهيچا:** هڪ ٻي ويڙهي ۾ ويٺل، مِٺ مائٽ ويڙهو ٺاهي وهندڙ
- **ويڙهيون:** ويڙها، گڏ ويٺل، پاڙون هڪ ٻي لوڙهي اندر رهندڙ وېجهن عزيزن ۽ قريبن جا گهر، ويڙها، آباد ٿيڻ. ويڙها وسائڻ، ويڙها ويران ٿيڻ.
- **ويسارو:** وسارڻ، حافظي جي ڪمزوري، نہل ٿيڻ، ڳالهہ جو دماغ مان نڪرڻ.
- **ويساهہ:** (ويسهڻ) اعتبار پروسو
- **ويڳاڻا:** ويڳ + آڻا = مايوس، غمگين، جُهڪيل.
- **ويڳاڻيون:** ويڳ + آڻيون = حيران، پريشان، غم واريون، ڏکويل، منجهيل.
- **ويلَ:** وقت، مقرر وقت، مهل، موقعو.

- **وينتي**:(هندي) التجا، عرض، گذارش، نيزاري، منٿ ميڙ، عاجزي
- **وينجهار**: وينجهه يا وِنڌ جو هنر رکندڙ ونڌ ونڌبندڙ هيءَ تمام مشڪل ۽ موتين ۽ جواهرن جي جڙائن جو هنر هوندو هو اڄڪلهه اڻ لڀ آهي.

  وبا سي وينجهار، هيرا لعل ونڌين جا. (شاهه)
- **ويڻ**: اگرا لفظ، طعنا، ڪارا ڪهرا اکر.

  ڪارا ويڻ ڪنگهار ڪي، ڇنڇل اُپي ڇوهِ (شاهه)
- **ويهاٽو**: ڪنڌاٽو جنهن جي ٽيڪ وهڻ لاءِ هجي.

## هه

- **هادي** (ع): هدايت ڏيندڙ هدايت ڪندڙ راهه ڏيکاريندڙ مرشد، رهنما، سنئون گس سُهائيندڙ رهبر. الله پاڪ جو هڪ صفاتي نالو.
- **هاريون**: هارايل، هارجي ويل، شڪست خورد. اصطلاحي طور = سستئي وانگيان ڦريل.
- **هالاٽو**: منزل ڏانهن هلڻ، پنڌ، لاڏاٽو.
- **هام**: دعوي، ذميواري، پٽاڪ. وڏي ڳالهه.
- **هاوان**: هاوانو هُل، امڪان، افواهه، پيشنگوئي، تياري، آثار نمودار ٿيڻ.
- **هڄڻ**: دهلجي وڃڻ، هائي ۾ اچڻ، مصيبت ۾ ڦاسڻ، نيست و نابود ٿيڻ.
- **هچارو**: هچ + آرو = ڏچو ڏيندڙ ڏچي ۾ هٽندڙ نقصان ڏيندڙ.
- **هرج**:(هرجائي) عيب، خرابي، بي وفائي، بي ڏياني.
- **هِرڪڻُ**: موهجڻ، وڻڻ، پسند اچڻ، چِڪ ڪائڻ.
- **هسڻ**: ڪلڻ، مسڪرائڻ، ٽهڪ ڏيڻ.
- **هسيج**:(هنسيج) کِلڻ، ڪليج، تون ڪلجان.
- **هلان**: اِگرائي، چڙهائي، هلي اچي حملو ڪرڻ، هلان ڪرڻ.
- **هلائون**: حملا، هلان، ڪاهه، چڙهت، اِگرائي، اُرهه زورائي.

- **هنجڙو:** (اسم تصغير) هنج پکي.
- **هنڊائين:** (هنڊائڻ) پرجهڻ، سوچ ويچار ڪرڻ، ڳالھ کي سمجهڻ.
- **هنر (ف):** ڪم، ڪاريگري، ڪرتب، سليقو فن، دستڪاري، قابليت، تصوف جي مفهوم ۾ مرشد جو مريد کي قابو ڪرڻ جو هنر. مطلوب جو طالب کي قابو ڪرڻ جو هنر، حسن جو عاشق کي قابو ڪرڻ جو هنر.
- **هنگلاچين:** هنگلاج جا مسافر.
- **هنگام (ف):** مجموعو وقت، زمانو رت، گڙٻڙ، شور و غل، واويلا، جهيڙو جهڳڙو.
- **هنباريون:** (هانبارو) گهوڙي جي ڊوڙ وقت ساھ جو آواز سهڪ، هانيءَ تي ويهڻ لاءِ پالڪي، قرآن مجيد ۾ گهوڙي جي هانباري جو قسم کنيل آهي.
- **هٽيو:** (هٽڻ، هاٽو) زوري مال ڦرڻ، چوپايو مال، هلان ڪري ڦري وڃڻ، ڦريندڙ کي 'هاٽو' چوڻ. سنڌ جي تاريخ ۾ "آهو ڪوري" مشهور ماٺهو ٿيو جنهن کي نہ ڪڏهن ناڪاميابي نصيب ٿي ۽ نہ ڪڏهن هٽين خالي موٽيو.

  تن مارن ريءَ ڪنديس آئون ڪيئن،
  مونکي حاڪم ڏس تہ 'هٽيو' وڃي هيئن.
  (منٺار فقير)

- **هوڏ:** ڏاڍائي، سخت مؤقف، ريس، ضد.
- **هور (ع):** (هول، هورو) ڪتڪو هُرڪُر، ڳڻتي، خطرو وسوسو ڊپ، وهم، آنڌ مانڌ، وڙول، وڙول ڏيڻ، پچا ڪرڻ، وڻاڻ جي چڪ، ماڳ موٽڻ جي ڳڻتي.
- **هوري:** تات، هورو پنهنجي اصل ڏانهن ڇڪ پنهنجي مُلڪ ۽ ماڳ ڏانهن ڇڪ.
- **هول (ع):** وهم، ڊپ، خوف، دهشت، گهبراهٽ، انديشو.
- **هيڙ:** عادت.
- **هيڙم:** (هئم جي تصغير) ضمير متڪلم جي ضميري پڇاڙي، مون کي هئا، مون وٽ هئا، منهنجا هئا.
- **هيڪاندي:** (هيڪ + آندي، هڪ + واري) گڏ هڪِ ٿيڻ واري حالت، يڪو ملاقاتي.

- **هيڪڙائي:** اڪيلائي، لاشريڪ.

# ي

- **ياد (ف):** سارڻ، ساروڻي، يادگيري، حفظ، برزبان، زباني ورد.
- **يار:** دوست، سنگتي، ساٿي.
- **يارهين:** غوث اعظم سيد عبدالقادرجيلاني جو عرس مبارڪ.
- **ياقوت:** هيري جو قسم.
- **يحيٰؑ:** حضرت بي بي مريم جي ماسي جي فرزند حضرت ذڪرياؑ جو پٽ، حضرت ذڪرياؑ مشهور پيغمبر هو ۽ ڪيس يحيٰؑ پيرسنيءَ ۾ عنايت الاهي سان، ظاهري زماني اسبابن جي نه هجڻ وقت پيدا ٿيو.
يحيٰ جي معنيٰ، جيئرو ڪندڙ زندگي ڏيندڙ ۽ مرده شين ۾ جان وجهندڙ زنده ڪندڙ مثبت حياتي سان زنده رهي، پر منفي حياتي سان زنده نه رهي.
- **يزيد:** حضرت معاويہ جو پٽ يزيد، جيڪو بنو اميہ گهراڻي جو حاڪم هو ۽ جنهن جي حڪمراني ۾ ڪربلا جو واقعو پيش آيو.
- **يعقوبؑ:** حضرت يعقوب عليه السلام حضرت اسحاقؑ جو فرزند، حضرت اسماعيلؑ جو ڀائٽيو ۽ حضرت ابراهيمؑ جو پوٽو هو. حضرت ابراهيمؑ جي ڀائٽي بتوئيل جو ڏهٽو هو. سندس والده جو نالو رفقہ يا ربقہ هو. سندس ڀٽي ڀاءُ جو نالو عيسيٰ هو. حضرت يعقوب 20 سال پنهنجي مامي لابان جون ٻڪريون چاريون ۽ لابان جون ٻہ ڌيئون لئيہ ۽ راحيل سندس نڪاح ۾ آيون. راحيل جي پيٽ مان ڪيس حضرت يوسفؑ پيدا ٿيو. حضرت يعقوب جو نالو عبراني ۾ اسرائيل آهي، جنهن جو عربي ترجمو 'عبدالله' آهي.
حضرت يعقوبؑ جا 12 پٽ هئا. سندس چار زالون هيون. پاڻ الله پاڪ جا 'جليل القدر' پيغمبر هئا. ڪنعانين جي هدايت لاءِ ڪين قدرت طرفان

موڪليو ويو. حضرت يوسفؑ جي غير موجودگي ۾ پاڻ هجر ۽ فراق جا ڳوڙها ڳاڙي اکيون وڃائي ڇڏيائون. پاڻ جڏهن حضرت يوسفؑ جو مصر ۾ هجڻ جو ٻڌائون ته پاڻ پنهنجي اهل و عيال سميت مصر منتقل ٿي ويو.

- **يقين:** اعتبار، ويساھ، ڀروسو.
- **يڪتارو:** هڪ تند يا تار وارو ساز ساجي هٿ جي ڏسٽي آڱر سان وڄائجي.
- **يوسفؑ:** حضرت يوسفؑ بن يعقوبؑ بن اسحاقؑ بن حضرت ابراهيمؑ، ڪنعان جو هو. دنيا ۾ سندن سونهن ۽ حسن مشهور هو. حضرت يعقوب جو ٻارهون نمبر پٽ هو. ڀائرن حسد ۾ کيس ڪنعان جي واديءَ جي هڪ کوھ ۾ اڇليو. اتان کان ڪنهن قافلي جي معرفت مصر پهتو. مصر جي بازار ۾ نيلام ٿيو. ڪيئي يوسف جا خريدار ٿيا. عزيز مصر کيس خريد ڪيو. پوءِ مٿس الزام آيو ۽ جيل ۾ ويو. ان جيل جو نالو "السجن" هو. پوءِ بي ڏوهي قرار ڏنو ويو جيل مان آزاد ٿيو ۽ وزير مقرر ٿيو. پوءِ ڏڪار سبب سندس ماءِپيءُ ۽ ڀائر اناج لاءِ آيا. انهن جي مدد ڪيائين. الله پاڪ کيس 'نبوت' جو درجو عطا ڪيو. (سورة يوسف ۾ تفصيل آيل آهي).
- **يونسؑ:** يونس ابن متي، مشهور اسرائيلي پيغمبر هو. سندس نالي سان قرآن مجيد جي يارهين سيپاري ۾ هڪ سورة آهي. نينوي (عراق) ۾ تبليغ لاءِ موڪليو ويو. اتي جڏهن سندس امت ايمان آندو ته پاڻ عذاب الاهي جو ڊپ ماڻهن کي ڏنائون. پاڻ فرمايائون ته ٽن ڏينهن ۾ فجر جي وقت عذاب ايندو پوءِ آسمان تان باھ جا شعلا اڏائيندڙ ڪڪر ظاهر ٿيا. حضرت يونسؑ سانجهيءَ ساڻ ئي شهر کان ٻاهر هليو ويو. صبح جو فجر وقت عذابِ الاهي جا آثار ڏنائين. ماڻهن کي ٻه عذاب جي پڪ ٿي. حضرت يونسؑ کي ڳولڻ لڳا. پر نه مليو. سيئي ماڻهو مالڪ جي دربار ۾ توبهه تائب ٿيا ۽ سچي دل سان معافيون گهريائون. قبول پيون ۽ عذاب الاهي رُڪجي ويو.

حضرت يونسؑ کي عذاب روڪڻ بعد، ماڻهن کان خوف ٿيو ته هو کيس ڪوڙو قرار ڏيندا. سمنڊ ڪناري ٻيڙي ۾ چڙهي ويو ۽ وحي جو

انتظار نہ ڪيائين. جڏهن سمنڊ ۾ ٻيڙي هلڻ بند ڪيو تہ سمنڊ ۾ ٽپو ڏنائين ۽ هڪ وڏي وهيل مڇي کيس ڳهي وئي. مڇيءَ جي پيٽ ۾ مالڪ کي ياد ڪندو رهيو ۽ هڪ ڏينهن مڇيءَ کيس سمنڊ جي ڪناري تي اوڳاري ٻاهر اڇلايو. اتان سندس اُمتي کيس عزت ۽ تڪريم سان وٺي ويا.

- **يهودي:** حضرت موسيٰ جي امت سڏائيندڙ قوم بني اسرائيل.

# حضرت منٺار فقير رحہ جي ڪلام ۾

محاورا، اصطلاح، پهاڪا ۽ چوڻيون

## (الف) محاورا ۽ اصطلاح

- **اسباب الوڙڻ:** اسباب يا ذريعا ڇڏڻ، آسرو لاهڻ، پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ، ٻئي جي آسري تي نہ ويهڻ. وسيلا ڇڏڻ.

  گھڙو ڀڳو منڌ مُئي، وسيلا ويا،
  تهان پوءِ سُئا، سهڻيءَ سڌ ميهار جا.
  (شاهہ)

- **استاد وٺڻ:** رهنمائي وٺڻ. سِکڻ، سونهون ٿيڻ. پهريان مڪمل تربيت وٺي پوءِ ڪم جي شروعات ڪرڻ. ڪنهن ڪم جي ابتدا کان اڳ ۾ سِکيا وٺڻ. مڪمل تياري ۽ رهنمائي سان ڪم شروع ڪرڻ.

  مُلا، معلم خبرون پُڇي پروڙيجُ. (شاهہ)

- **اوقاتون اچڻ:** وهم ۽ ويچار ٿيڻ. ڪنهن ڪم جي ٿيڻ کان اڳ ۾ ڪنڪو ٿيڻ. خيال ۽ دليل اچڻ. انڪاري ڳالهيون دماغ ۾ اچڻ. ڪم جي نہ ٿيڻ جا خدشا پيدا ٿيڻ. صبر جو سات ڇڏڻ.

  گھاتو گھر نہ آئيا، جيڪس جهليا مڇ. (شاهہ)

- **اکڙيون رت رئڻ:** تڪليف جي شدت جو اظهار ڪرڻ. ڏک ۾ لڙڪ پاڻيءَ جيان هارڻ تہ عام ڳالهہ آهي، پر رت جا لڙڪ ڳاڙڻ خاص ڳالهہ چئجي. رت تيمتي آهي. تڪليف ۾ رت روئڻ تڪليف جي گهرائي ڏيکاري ٿو. يعني اهڙي تڪليف جيڪا عام طرح نہ ايندي هُجي.
- **اکا پائڻ:** سوڻ مطابق ڪي شيون، گل اناج وغيره سمنڊ ۾ اڇلڻ تہ جيئن دل جي تمنا پوري ٿئي. ڪي ماڻهو مانيون پچائي بہ سمنڊ ۾ اڇليندا هئا. ڪي عورتون وري ننڍيون ٻيڙيون ٺاهي ٻار ۾ روانيون ڪنديون تہ جڻ هي ٻيڙي ٻڏي، پر جنهن ۾ منهنجو ڪانڌ آهي، اُها تري

- **اگلايون ڍڪڻ:** عيب ڍڪڻ، ڪردار جون ڪوجهايون خاطر ۾ نہ آڻڻ. خرابين تي ستر رکڻ، جنهن حيثيت جي ماڻهو لائق نہ هجي ۽ پنهنجي عيبن سبب محروم هجي، اُن جا عيب ڍڪي، ڪيس انهيءَ مُراد تائين پهچائڻ. اڳلاين جي ڪري ڪيس محبت کان محروم نہ ڪرڻ. پر ڳلي لڳائي سرخرو ڪرڻ. گناھ معاف ڪرڻ.

ستر ڪج ستار، عيبن پري آهيان،
ڍڪج ڍڪڻهار، ڏيئي پاند پناه جو.
(شاھ)

- **بي وس ٿيڻ:** ڳالهہ ۽ حالتن کي موٽائي نہ سگهڻ. سڀ ڏسي، سمجهي بہ ڪجهہ نہ ڪري سگهڻ ۽ پنهنجن معاملن کي وقت ۽ حالتن جي سهاري ڇڏڻ. پاڻ وهيڻو نہ هجڻ. بااختيار نہ هجڻ. خود ڪفيل نہ هجڻ.
- **ٻيائي کي ٻوڙڻ:** شرڪ کان پاسو ڪرڻ. توحيد تي ايمان آڻڻ. الله جي هيڪڙائيءَ تي ايمان آڻڻ ۽ ان سان ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪرڻ. شرڪ وڏو ۽ ناقابل گناھ آهي. شرڪ ڪرڻ وارو بخشش جو مستحق نہ آهي. ٻيا ئي کي ٻڪ وجهڻ وارا رُلي ويا ۽ حق جي رستي کان ٿلجي ويا. ٻيائي کي ٻوڙڻ وارا ڪامياب ۽ ڪامران آهن. هي اُهي آهن، جن تي مالڪ مهربان آهي، نوازيل ۽ الله پاڪ جي عطا ڪيل نعمتن سان مالا مال آهن. قيامت جي ڏينهن ڪين سندن اعمال نامو ساڄي هٿ ۾ مِلندو.

تصوف جي پوئلڳن وٽ هيءَ نقطو بنيادي حيثيت رکي ٿو. ٻيائيءَ کي ٻن ۾ وجهبو، ٻوڙبو تڏهن هيڪڙائي حاصل ٿيندي اِن مرحلي تي ڪامل استاد جي سخت ضرورت پوندي آهي، جيڪو هِن دشوار وقت ۾ مددگار ٿئي ۽ اندر مان غير کي ڪڍي.

آهيان منجهہ غير جي درياء،
اڪارج يا رسول الله...!
(منٺار فقير)

- **پولو پائڻ:** غلط فهمي هجڻ، مغالطو هجڻ. انهيءَ جو مطلب ته ڪنهن ڳالهه جو مفهوم ۽ مقصد پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪيڏي ۽ دليل ناهي ويهي رهڻ. مثال طور جيڪڏهن ڪو ماڻهو شريعت جي احڪامن ۾ غفلت ڪري ۽ دليل اِهو ڏئي ته الله مهربان ۽ رحمان، رحيم آهي. معاف ڪندو ته اهو اجايو ۽ پليل آهي. هو اها ڳالهه وساري ٿو ڇڏي ته شريعت جا حڪم ڏيندڙ آهي ڪير؟ نماز جو حڪم ڪنهن جي طرفان آهي، حج ۽ زڪواة ڪنهن مقرر ڪيا آهن، روزو ڪنهن فرض ڪيو آهي ۽ ايمان مجمل ۽ ايمان مفصل هجڻ لاءِ تاڪيد ڪٿان آئي آهي. هاڻي انهيءَ لاشريڪ بادشاهه مان رحمت جي اميد رکڻ، جنهن جي حڪمن جي بندو پيروي ڪري ٿي نٿو اِن کي چئبو آهي پولو پائڻ.

تصوف جي گس ڏانهن پير پائڻ لاءِ هي ته ماڳهين ابتدائي ڏاڪا آهن، جيڪي چڙهي پوءِ صوفي عروج ڏانهن وڌي ٿو.

انسان ذات جي خدمت کان انڪار الله جي بندن تي صِلهٔ رحمي نه ڪرڻ، احسان نه ڪرڻ، خدا جي بندن سان پيار ۽ محبت نه ڪرڻ پوءِ به پولو پائڻ ته مالڪ اسان تي مهربان ٿيندو اها ڳالهه روا ناهي.

اسين جيڪڏهن ڪنهن جي 'پار' کي ڪتمنڙو ٿا ڏيون ته اُن پار جو مائٽ ڪيڏو خوش ٿئي ٿو. اسين جيڪر مالڪ جي بندن سان مهربان رهنداسين ته مالڪ ڪيڏو مهربان ٿيندو. ان جي ابتڙ اهو پولو پائڻ اجايو آهي ته اسين مالڪ جي مخلوق سان نفرت ڪريون ۽ مالڪ جي مِهر ۽ ٻاجهه جا مُستحق سڏايون.

- **پيلو پيڻ:** ڪمزور وسيلا ۽ ذريعا انسان کي منزل تي نٿا پهچائين. عارضي ۽ شارٽ ڪٽ وارا گس رستي ۾ رولي وجن ٿا. ظاهري طور سگهارين ۽ اندر ۾ پوريون شيون. انسان لاءِ سگهه ۽ طاقت جو ذريعو نٿيون بڻجن. دنيا جا بادشاهه ۽ انهن جو ڀروسو وساري، حقيقي مالڪ جو سهارو وٺجي ته جيئن منزل آسان ٿئي. هيءُ اُهو سهارو آهي، جنهن

سان اٿتارو بہ تري وبندا آهن ۽ پورائين ۾ بہ پال تي پوندا آهن. عارضي طور ڪجهو دلو ڏسي، اُن کي پڪو سمجهي، ڀروسو ڪندڙ سفر شروع ڪندي ئي سهارو وڃائي ويهندا آهن. پاڻي لڳو ڪجهو گهڙو ڳري ويو. هاڻي درياهہ جا جانور ڦري آيا، هزارين مڇ مڙيا ۽ سُهڻي پاڳا پاڳا ٿي ويئي.

- **ترس چڏڻ:** قياس نہ ڪرڻ. احساس نہ ڪرڻ. جيڪڏهن ڦٽيل جو علاج ۽ ملم پٽي ڪو حڪيم، جراح يا ڦڪيواڻ ڪندو تہ ان لاءِ نہ صرف دوا ۽ ڦڪي گهرجي، بلڪ سڀ کان اول انهيءَ پيڙا جو احساس ۽ ترس جي ضرورت پوندي آهي. اُها شفقت ۽ مِٺا ٻول گهرجن. جيڪي زخم کي اُپارڻ جو احساس ڏيارين. اگر طبيب ترس ڇڏي ڏيندا تہ سگها بہ اگها ٿي پوندا، اگها تہ آهن ئي اگها. فقير منثار سائين چوي ٿو تہ "برهہ لاتي پيچ، مون مُٺي سين منثار چئي." هاڻي جنهن کي پيچ يا پُڇڻي جي عمل کان ئي آگاهي نہ هوندي، پُڇڻي جي گرمي ۽ تڙپ جو احساس ئي نہ هوندو. انهيءَ وٽ برهہ جي بيمار جو ڪهڙو تدارڪ هوندو. اهو هِن بيمار جي ڪيفيت کي سمجهي ئي نہ سگهندو. پر جنهن کي پيڇڻي جي عمل جي سختي، شدت ۽ حرارت جو احساس هوندو، اُهو ئي صحيح طبيب هوندو. ان کي تن جو طبيب چئبو. اُن جو ئي ترس کپي. باقي ترس ڇڏڻ ۽ بي حس ٿيڻ انسانيت لاءِ ڪارگر آهي ئي ڪونہ.
- **توبهہ زاري ڪرڻ:** توبهہ تائب ٿيڻ. زاري ڪرڻ. سِر خم ڪرڻ. جهُڪڻ. اِهو ئي بندي جو مالڪ اڳيان صحيح مقام آهي. انسان خاڪ جو پتلو بندو عيبدار ۽ خطادار آهي. تڏهن تہ ان جي سڌاري لاءِ ڌڻيءَ طرفان هيڏا وڏا اهتمام ڪيل آهن. انسان کي صحيح گس ڏسڻ لاءِ رسول ۽ پيغمبر موڪلڻ. آسماني صحيفا ۽ پاڪ ڪتاب موڪلڻ. راهِ هدايت جو آخري ۽ معتبر ڪتاب 'قرآن مجيد' جو نزول ۽ خاتم النبيين حضرت محمد مصطفيٰ صہ جي آمد. رسول پاڪ صہ جي، صحيح پيغام کي سمجهائڻ ۽ دنيا ۾ جاري رکڻ لاءِ، صحابي، تابعين،

ولي، اولياء، قلندر، قطب، مبلغ، عالم ۽ الله پاڪ جا نيڪ ۽ صالح بندا، جيڪي هميشه هِن پاڪ ڪتاب ۽ رسول پاڪ صلعم جي ڏسيل پيغام کي پکيڙڻ ۾ مصروف عمل رهيا آهن ۽ هيءُ سلسلو جاري ۽ ساري آهي. انهن سڀني وٽ توبه ۽ زاري تمام اهم طريقو آهي، پنهنجي مالڪ کي راضي ڪرڻ جو. آڏي هجي يا اسون پنهنجي مالڪ اڳيان گِريو ڪرڻ، جهڪڻ، سربسجود ٿيڻ ۽ سندس حڪم جي عدوليءَ ۾ گهاريل گهڙين تي نادان ۽ شرمسار ٿيڻ، پنهنجي غفلت جو اقرار ڪرڻ ۽ ايندڙ حياتي رحم جي طلب ڪرڻ اهو ئي معتبر عمل آهي.

- **ٽيو ٽيندو پروڙڻ**:يعني پنهنجي عِلم، فهم، عقل، ادراڪ ۽ مشاهدي جي مدد سان اِها پروڙ رکڻ ته جيڪي ڪيفيتون، حالتون ۽ ماحول گذريو يا ايندڙ وقت جون حالتون ڪهڙو رخ اختيار ڪنديون. انهيءَ کي چئبو ٽيو ٽيندو پروڙڻ. هن عمل ۾ مشاهدي ۽ ادراڪ جو وڏو دخل آهي. هيءَ اُها طاقت آهي، جيڪا قدرت انسان  کي ڏني آهي ۽ هر انسان ان جو پنهنجي ذهني وسعت ۽ طاقت آهر مظاهرو ڪري سگهندو. هيءَ پروڙ جيڪڏهن ايندڙ وقت جي آهي ته ان کي پيشنگوئي چئبو. يعني ڪنهن عمل جي ٿيڻ کان اڳ ۾ انهيءَ جو اطلاع ڏيڻ. هِن عمل کي پهريان عقلي دليلن جي آڌار تي قبول ڪرڻ ڏکيو لڳندو هو يعني اِهو چوڻ ته ٻن ڏينهن بعد برسات ايندي اِهو فلاڻي شخص چيو آهي ته ان کي قبول ڪرڻ ڏکيو هوندو هو پر هاڻي جڏهن سائنسي اوزارن ذريعي موسميات کاتو اطلاع ٿو ڏي ته عام ماڻهو به ان ڳالهه کي يڪدم قبول ٿو ڪري، مراقبا. ڪشف ۽ ڪرامتون به هِن ساڳي طريقي سان ثابت ڪري سگهجن ٿيون، پر ڪٿي نه ڪٿي ان جي حد اچي ٿي ۽ اسين چئون ٿا ۽ مڃون ٿا ته غيب جو علم خدا کي آهي.
- **ٻاڙي پنڻ**: ٻيرين پئي پنڻ. عاجزيءَ سان گهرڻ، جهڪي سر نمائي گهرڻ، هيڻائين سان ۽ نياز نوڙت سان طلب ڪرڻ، جُتيءَ جي جاءِ وٺي گهرڻ، پاڻ گهٽ نيچ ۽ هيٺو سمجهي گهرڻ.

- **پلئہ ڍيڻ:** پاند ڍيڻ، عيب ڍڪڻ، اگلايون ڍڪڻ، معاف ڪرڻ، ڪنهن جون ڪمزوريون ظاهر نہ ڪرڻ، ڪوجهائيون لڪائڻ. ڍڪڻ جو عمل تمام سهڻو عمل آهي. معاشري ۾ هن عمل سان ڪيتريون ئي سٺايون ظاهر ٿين ٿيون. اسان جي سماجي قانونن ۾ جيڪڏهن ڪنهن عورت جو ورُ گذاري وڃي تہ ان جي ٻي شادي ڪرائڻ کي پلئہ ڍيڻ چئجي ٿو يعني ان عورت کي سماج ۾ ٻيهر عزتدار درجو ڏيڻ ۽ ان کي لاوارث ۽ بي سهارو ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ڪيس پلئہ ڍئي وري پنهنجي معتبر مقام تي پهچائڻ.
- **پاڻ پلائڻ:** پنهنجي شان مطابق عنايت ڪرڻ. يعني اهو نہ ڏسڻ تہ اڳئين جي قدر قيمت ڇا آهي. هو ڪيترو ڪنهن عنايت جي لائق آهي. بلڪ اهو ڏسڻ تہ عنايت ڪرڻ واري جو شان، مان ۽ مرتبو ڇا آهي. ائين عنايتون ٿيڻ سان ڪيئي ڪوجها ڪوڙا ۽ عيبدار بہ معتبر ۽ مٿانهان ٿي ويندا آهن. هيءُ عمل حسد ۽ ڪنجوسيءَ جو بہ ضد ۽ توڙ آهي. انسان ذات سان پلائي ڪرڻ وقت اهو نہ ڏسجي تہ هُن مون سان ڇا ڪيو بلڪ اِهو ڏسجي تہ مالڪ مونکي ڪيترو چڱو ٿيڻ جي توفيق عطا ڪئي آهي. پوءِ:

چڱا ڪن چڱايون، مٺايون مٺن،
جو وڙ جڙي جن سان، سو وڙ ميئي ڳن.

- **پوئواري ڪرڻ:** سار لهڻ، خبرچار وٺڻ، جيڪي لاڏيءَ لڳا آهن، اُنهن جي ڏٽيپ ڪرڻ، جيڪي آسرو ڏيئي روانا ڪيا آهن، اُنهن جي سنڀال ڪرڻ، انهن جي مالڪي ڪرڻ، وارثي ڪرڻ، سڀڙ سي ساري جي جهوپڙين ۾ جهپيا، جيڪي الله توهار ڪري، ٻار ۾ ٻيڙا ٻاڪارين ٿا. مالڪ انهن جي مالڪي ڪري ٿو.
- **پاند پائڻ:** واسطو وجهڻ، جهولي جهلڻ، منٿون آزيون ڪرڻ. جيڪڏهن ڪنهن ڳالهہ کي مڃائڻ يا پرچائڻ جو مرحلو هجي تہ نياز عجز ۽

هٿجوڙ سان مڃائڻ، نياز ۽ عجز جي نشاني هڪ ننڍڙو ٽوال يا بوڇڻ يا گيڙو ۽ سائي رنگ جو ڪپڙو ڪنڌ ۾ لڙڪائڻ.

آئون پانهي، تون سائين،

پاتم پاند ڳچيءَ ۾ ڪپڙو...! (شاهه)

انهيءَ ڪپڙي جي هڪ ڪنڊ سوال خاطر جهلڻ يا قميص يا چولي جي ڪنڊن ڪان جهلڻ به پاند پائڻ ئي آهي.

- **پٺ پرڻ:** طاقت يا زور وڌائڻ. جنگين جي زماني ۾ جڏهن جوڌا جوان آمهون سامهون ٿيندا هئا ته انهن جا ساٿي مد مقابل جي پٺيءَ کان وار ڪري کين ڪمزور ڪندا هئا. اهڙو وار خاص طرح تيرانداز ڪندا هئا. انهيءَ وار کان بچڻ لاءِ وري انهن جُنگ جوانن جا ساٿي سندن پٺيءَ طرف پٺي ڏيئي، پُٺ کان ٿيندڙ حملي جو بچاءُ ڪندا هئا. هِن طريقي کي پٺ پرڻ چئبو هو. اهڙي طرح اُن دور ۾ وري جيڪڏهن زماني جي هلي چلي موجب ڪنهن جي ڏٽيپ يا مضبوط سفارش آهي ته به چئبو ته همراهه جي پٺ زور آهي. بلڪل ساڳيءَ طرح جيڪڏهن تصوف جون منزلون طئه ڪندڙ صوفيءَ جو مرشد ڪامل آهي ته به چئبو ته هن جي پُٺ زور آهي.
- **پلاند پائڻ:** پاند پائڻ، منٿون آزيون ۽ نيزاريون ڪرڻ، عجز ۽ نياز هيٺائين سان مڃائڻ.

"ڍول تنين جي ڍار، هيٺاهيون هلن جي" (شاهه).

- **پساهه ڪٽڻ:** ساهه ڪٽڻ جي عمل جي وضاحت هيٺئين طريقي سان ڪبي. ساهه يا آڪسيجن گئس کي اندر ڇاتيءَ ۾ ڇڪي سمائڻ. هن وقت ڇاتي ڦهلبي ۽ ويڪري ٿيندي ۽ پيٽ اندر ڇڪبو. منهن ڳاڙهو ٿيندو ۽ ڪنڌ ۾ رت جون رڳون ظاهر ٿينديون. ان بعد ڦڦڙن ۾ موجود ڪاربان گئس ٻاهر نڪرندي. منهن تي هلڪاڻ محسوس ٿيندي، پيٽ واپس پنهنجي جاءِ تي ٻاهر ايندو. ڪنڌ ۾ رت جون رڳون وري هلڪيون ۽ غائب ٿينديون. هِن عمل ۾ ساهه ڪٽڻ کي

Inspiration ۽ ساھ ڇڏڻ کي Expiration چئبو آھي. عابد، زاھد، يوگي ۽ جوڳ پچائيندڙ ساھ روڪڻ جو دم پچائيندا آھن. يوگي ۽ جوڳ پچائيندڙ جي وضاحت موجب Inspiration ۽ Expiration جو عمل منھن يا وات کان ٽي فوٽ ٻاھر يعني جيڪڏھن پنھنجي ٻانھن ھٿ سميت ڊگھي ڪجي تہ ايترو اڳتي تائين وڃي ٿو. ھاڻي جيڪڏھن ھن کان فاصلو گھٽبو تہ ساھ کڻڻ جي رفتار وڌندي ۽ جي فاصلو وڌندو تہ رفتار گھٽ ٿيندي. رفتار جي ۽ فاصلي جي وڌڻ ۽ گھٽجڻ کي پساھ چئجي ٿو. پساھ کڻڻ لاءِ جستجو ڪرڻي پوي ٿي، يعني آڪسيجن جي طلب وڌي ٿي ۽ ھن طلب يا ڇڪ کي تصوف جا شارح، مطلب ڏانھن ڇڪ سان تعبير ڪن ٿا. زندگي جي بقا لاءِ يا ھجڻ لاءِ ساھ کڻڻ جو عمل لازم آھي ۽ محبوب لاءِ ڇڪ ۽ حُب ھئڻ جو عمل پساھ کڻڻ آھي.

"ٻيئي کڻي پساھ، پسڻ ڪارڻ پرين جي." (شاھ)

- **پڙھو ڏيڻ:** ڳالھ کي عام ڪرڻ، وڏي اعلان سان ٻڌائڻ، اڳ ۾ بادشاھي فرمان، شھرن ۾ پڙھي ٻڌائبا ھئا. ھڪ اعلان ڪرڻ وارو يعني پڙھڻ وارو ٻہ ٽي ان سان گڏ سازن وارا يعني دھل ۽ شرناين وارا. پھرين دھلاري دھل تي دس ڏيندو پوءِ شرناين وارا ان سان گڏ شرناين جو مڌر آواز ملائيندا پوءِ يڪدم ساز بند، خاموشي ٿيڻ سان ھڪ شخص مجموعي ڪان مٿانھين جاءِ تي نمودار ٿيندو. شھرن ۽ بازارن جا سڀ ماڻھو چپ ٿي ۽ ھيڪل ڪنا ٿي، اُن شخص جي ڳالھ ٻڌندا. پڙھو ڏيندڙ شخص زوردار آواز سان ھڪ ھڪ لفظ چئو ۽ ٻہ ٽي دفعا ادا ڪندو ۽ ھٿن جي اشارن سان سمجھائيندو ويندو. اھڙيءَ طرح ھو شھر جي مختلف علائقن ۾ پڙھو گھمائيندو ۽ ڳالھ شھر ۾ ڦھلجي ويندي. ھيءَ طريقو مختلف سرڪاري ۽ غير سرڪاري اعلان ڪرائڻ لاءِ ڪبو آھي. ھن کي پڙھو گھمائڻ، پڙھو ڏيڻ يا ڍنڍورو ڏيڻ چئبو آھي. شھر جي مختلف سينيما گھرن وارا، پنھنجي مختلف فلمن ۽ اسٽيج ڊرامن لاءِ بہ پڙھو گھمائيندا

هئا. اهڙي طرح پڙهي ڏيڻ جي طريقي مان عوام کي اطلاعات ملي سگهندا هئا.

- **جيرا جلڻ:** جيرو جسم ۾ هڪ عضوو ٿيندو آهي. ڇاتيءَ جي دنگ تي هوندو آهي. هن جا ٻه حصا پاڻ ۾ جڙيل هوندا آهن. ساڄي پاسي کان کاٻي پاسي تائين. انسان جيڪا به خوراڪ کائي ٿو اُها رت ۾ جذب ٿئي ٿي ۽ اهو سمورو رت ڦهرين جگر يا جيري مان ڇڻي ٿو پوءِ دل ڏانهن وڃي ٿو. هاڻي جيڪڏهن ڪنهن بيماريءَ سبب جيرو خراب ٿيندو ته رت صحيح نموني صاف نه ٿيندو ۽ زهريلين مادن وارو رت جسم ۾ ڦهلبو ته سڄي جسم ۾ خارش ڪندو هن خارش ۾ جسم ۾ تمام گهڻي گرمي ۽ ڪام پيدا ٿيندي ائين لڳندو ڄڻ جسم ۾ باهه ٻري پئي. عام طرح سان تِلي، پِتو ۽ جگر ٽئي گڏي جيرو يا جيرا پڻ چيا ويا آهن. ڇاڪاڻ هنن ٽنهي عضون جو ڪم پاڻ ۾ تعلق رکي ٿو. جگر جي هِن خرابيءَ سبب جسم پيلاڻ مائل ٿي ويندو آهي ۽ اکيون ۽ پيشاب بلڪل ڦِڪي يا هيڊي رنگ جا ٿي ويندا آهن ۽ هن تڪليف کي پِيليا يا سائي چئبو آهي. هِن عمل جي روحاني وضاحت موجب، نفساني خواهشون ۽ گناهه روح سان ساڳي رِيتن ڪن ٿا. جيڪي زهريلا مادا رت سان ڪن ٿا. هِن مڇي عمل کي اصطلاحي طور جيرا جلڻ، جيرو جوش ۾ جلڻ يا جيرا ڪامڻ چيو ويو آهي.
- **جيءَ جڙڻ:** جيءَ سان جڙڻ، سوچ ويچار ۽ سمجهه تي غالب رکڻ، جيءَ سان جڙيل حق ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه به نه سوچڻ. جڙڻ يا جڙاءُ ڪرڻ وقت انهيءَ شيءِ کي، وجود کي، سوچ ۽ نظريي کي پنهنجي وجود جي محور ۾ رکبو آهي، پوءِ هر ڪا ڳالهه انهيءَ محور جي چؤگرد ئي رهندي آهي. ڪنهن وجود سان واڳجي وڃڻ، ڪنهن هڪ نقطي تي سوچڻ، ڪنهن مرڪز سان مضبوطيءَ سان سلهاڙجي رهڻ. جڙاوت هيرن ۽ موتين جي به ٿيندي آهي ته لوهه جي سنگهرن جي به ٿيندي آهي.

ڪڙو منجهه ڪڙي، جيئن لوهار لپيٽيو

منهنجو جيءُ جڙي، سپيريان سوگهو ڪيو.

(شاهه)

- **چاڻ ڪرڻ:** اطلاع ڪرڻ، خبردار ڪرڻ، ٻڌائڻ، ڪنهن بہ واقعي، موقعي يا حالت جي چاڻ ڏيڻ. اسان وٽ سماجي طور هيءُ لفظ ڪنهن جي فوتگي جي اطلاع ڏيڻ لاءِ مخصوص ٿي ويو آهي.
- **چارو بند ڪرڻ:** رستا روڪ ڪرڻ، واهون وجڻ، پابنديون هڻڻ، ڪنهن جي سوچ کي تالو ڏيڻ، ڪنهن جي راهہ روڪڻ، پنهنجي ڳالهہ تسليم ڪرائڻ لاءِ مخالف جو حيلو وسيلو هلڻ نہ ڏيڻ. پنهنجي نيڪ عملن سان شيطان جي لاءِ چارا بند ڪرڻ تہ هو پنهنجا ڪرتوت نہ ڏيکاري سگهي. شيطان جا سڀ گس پنهنجي زهد ۽ تقويٰ سان بند ڪرڻ تہ هو گمراهہ نہ ڪري سگهي.
- **چال چلڻ:** هيءُ اصطلاح بنيادي چوپڙ (شطرنج) راند تان ورتل آهي. هِن قسم جون ٻيون رانديون، جن ۾ ساريون (گوٽيون) استعمال ڪبيون آهن. چال چلڻ جو مطلب پنهنجي واري ۾ ساري يا گوٽ کي هلائڻ، پر هن چال ۾ ڪا نہ ڪا ٽل، اٽڪل، ٺڳي، شهہ يا دوکيبازي هوندي آهي، جنهن سان مخالف کي مات اچي ويندي آهي. اهي چالون محبوب جي مست اکين ۽ ادائن ۾ بہ هجن ٿيون. حُسن پنهنجي چال ۽ ادا سان عشق ۾ تڙپ ۽ چڪ پيدا ڪري پنهنجو غلبو ۽ حڪمراني ثابت ڪري ٿو.
- **چت چڙهڻ:** ياد ڪرڻ، ياد اچڻ، يادگيريءَ جو پور پوڻ. دل تي چڙهي اچڻ. ذهن، سوچ ۽ دل تي غالب پوڻ.

ڪي 'چڙهن نہ چِت' تي، ڪي وسرن نہ مور. (شاهہ)

اچيو چِت تي چڙهن سي چالڙيون. (فقير ولي بخش راڄڙ)

- **چيهہ شمار نہ هجڻ:** ڳڻي نہ سگهجڻ، لا تعداد، ڪثير، سلسلي جو نہ ڪٽڻ، ليکو نہ ڪري سگهجڻ، ماپ تور کان مٿي هجڻ. هي عام زبان ۾ ذڪ سور بہ چئجن ٿا، پر جنهن شيءِ کي ڳڻپ ۽ شمار ڪري نہ سگهجي،

اُهي مالڪ جا پنهنجن بندن تي احسان آهن، جن جو ڪو ڪاٿو ئي ڪونهي.

- **ڇاتي ڇنڻ:** ڇاتي انساني جسم جي اُها ڪولي آهي، جنهن ۾ ڦڦڙ ۽ دل جهڙا به اهم عضوا موجود آهن. هاڻي جيڪڏهن انسان کي غم جا غبار روئاريندا ته به دل ڌڪندي ۽ ڦڦڙن تي تڙپ ۽ سهڪ جو اثر ٿيندو ۽ جيڪڏهن بندوقن جا ڇيرا ڇوهون ڇڻندا ته به ڇاتيءَ جي اهم عضون کي ڦٽيندا ۽ زندگي داءَ تي لڳندي. جيڪڏهن محبوب جي نظرن جا تير الرندا ته به سڌي اُسڌي طرح ڇاتي ئي ڇڻندا.
- **حيلا هلائڻ:** وس ڪرڻ، جتن ڪرڻ، پنهنجي ڪم کي تڪميل تي پهچائڻ لاءِ جيڪي ذريعا هجن، سي استعمال ڪرڻ، سمورو زور لڳائڻ ته جيئن جستجو جي مراد حاصل ٿئي. سڀ وس، حيلا، وسيلا استعمال ڪرڻ سڌ. ڪوڪارون ڪرڻ. حيلو ته ڪبو، وسيلو خدا پاڪ پيدا ڪندو.
- **حرف حساب هجڻ:** ڏوهي هجڻ، تصور وار هجڻ، ڪوتاهي ٿيڻ، غفلت ٿيڻ، غير ذميواري ڪرڻ، پلاند رهيل هجڻ. پوري حق ادائي نه ڪري سُٺي دانهيندي رهي ته مون ڏانهن خبر ناهي، هوتن جو ڪهڙو حرف حساب جو هو جو مونکي رڻ ۾ رُلائي ويا.
- **دام وجهڻ:** خاص طرح سان هيءَ اصطلاح پکين کي پڪڙڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. عام طرح ڪنهن شيءِ کي ڦگي ۽ دولاب سان حاصل ڪرڻ. دام وجهڻ لاءِ پکين جا آواز به استعمال ڪبا آهن ته انهن لاءِ داڻو به استعمال ڪبو آهي. اهي پئي طريقا لالچ ڏئي ڦاسائڻ لاءِ هوندا آهن. بلڪل ساڳيءَ طرح انسانن کي لالچ به ڦاسائيندي آهي ۽ انسان انهيءَ جي دام ۾ اچي غلط ڪم ڪري ويهندو آهي. هيءَ دنيا وڏو دام آهي، جنهن جي چمڪ ۽ دمڪ ۾ ڦاسي انسان نفس جو غلام بڻجي ويندو آهي ۽ پنهنجي روح جي پاڪائيءَ کي متاثر ڪندو آهي. نفس جون لالچون انسان کي دنيا جي دام ڦاسائڻ لاءِ ڪافي آهن. نيڪ ۽ پرهيزگار انسان ئي هن دام ۾ ڦاسڻ کان بچي سگهندا.

- **درد جو ڪاڏڻ:** ڏک، درد ۽ سور انسان کي روحاني طور تڪليف ڏيندو آهي، انسان جو اندر ڪمزور ٿيڻ شروع ٿيندو آهي. درد اندران ئي اندران انسان کي کوکلو بنائي ڇڏيندو آهي. اُن کي درد جو ڪاڏل يا درد جو ماريل چئبو آهي.
- **دنگئي دشمن هجڻ:** هيءَ زرعي هنرن جو محاورو آهي، جنهن جاءِ تي هڪ زميندار جي زمين ختم ٿي ٻئي جي شروع ٿيندي آهي، اُن کي دنگ چئبو. دنگ جون دشمنيون ڏکيون آهن، انهيءَ لاءِ تہ دنگ جي ماپ کان وٺي گس پنڌ، مال جو چرڻ، وڻن جا سايا ۽ چوريون سڀ دنگ جي ڪري آسانيءَ سان تڪرار ۽ دشمنيءَ جي شڪل وٺي سگهندا آهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪو ماڻهو بار بار تڪرار ڪندو تہ چئبو تہ تون جهڙو دنگئي دشمن هجين.
- **ڌيان ڌرڻ:** توجهہ ڏيڻ، ڪو بہ ڪم خيال سان ڪرڻ تہ جيئن انهيءَ ڪم جا سڀ لوازمات سمجهي سگهجن ۽ گهربل نتيجا حاصل ڪري سگهجن. ڌيان، توجهہ، يڪسوئيءَ جو مطلب پنهنجي دماغي ۽ جسماني صلاحيتن کي ڪنهن هڪ نقطي تي مرڪوز رکڻ آهي، جيڪا ڳالهہ ڌيان سان ٻڌبي اُها وسرندي ڪو نہ، جيڪو ڪم ڌيان سان ڪبو اهو بگڙندو ڪو نہ.
- **ڌاڄا ڌڄڻ:**خوشي ۽ ڪاميابي جو جشن، مبارڪون ۽ نويدون ملڻ، فتح حاصل ٿيڻ ۽ انهي فتح جو اعلان ٿيڻ، ڪاميابي ۽ فتح جا جهنڊا ڦڙڪائڻ. اڳئين وقت ۾ جڏهن وڻجارا پنهنجا جهاز ۽ ٻيڙيون هاڪاري ڏيساور وڻج واپار لاءِ نڪرندا هئا تہ تمام ڏکيو سفر، اٿاوا واءَ ۽ گهڻو وقت لڳندو هو. "آيو ٻارهين ماهہ پڻ ٿو وڃڻ جون وايون ڪريا" (شاهہ). "مون وٺي وڻجارا، ٻڳهہ چوڙي پنڌ پيا." (فقير منٺار). هي جهاز جڏهن واپس ايندا هئا تہ انهن جهازن تي مختلف رنگن جون ڪپڙي جون ليڙون ٻڌل هونديون هيون. انهن لينگن کي ڌڄيون چئبو هو. جڏهن جهاز اچا پري هوندا هئا تہ بہ وڻجاريون جيڪي بندرگاهن تي بيٺل هونديون هيون، انهن جي هيءَ ڪيفيت هوندي هئي تہ: "سِڙهہ سجاٽيو چوءِ، ماءُ ساموندي

آئيا." (شاهه) ۽ پوءِ جڏهن جهاز لنگرانداز ٿيندا هئا. مهينن ۽ سالن جا وڇڙيل ملندا هئا تہ وڻجارا جيڪي ڪامياب وڻج ۽ واپار کان موٽندا هئا. انهن جي ڪاميابي ۽ ڪامراني جو اظهار هن طرح ڪيو هو تہ: "چمڪيون چوڏار 'ڏچيون' ڏاريچن جون." (شاهه) هِن فتح ۽ ڪامراني جو اظهار وري جڏهن سلوڪ وارن صوفين پنهنجي پاڻ تي عشق جي آمد، حڪمراني ۽ شهنشاهي جو ڪيو تہ عشق جو اظهار هن طرح ٿيو تہ:

برهہ بادشاهہ جا، 'ڏاچا ڏچي' ويا،
نازڪ نظارا، نينهن جا وجود ۾ واڄا وڄي ويا!

(منٺار فقير)

- **ڏيل ڏرڻ:** اندر ۾ خوف وهڻ، اندر جون صلاحيتون متاثر ٿيڻ، اندر اندر ۾ ڪمزور ٿيڻ. حالات کان بري طرح متاثر ٿيڻ. اندر ڳرڻ جو مقصد توفيق جو نہ بچڻ، جو انسان کو فيصلو يا ڪم ڪري سگهي. ماڻهوءَ جو اندر ۾ جهُري پوڻ.

- **رضا مڃڻ – رضا تي راضي رهڻ:** تقدير جي فيصلن کي قبول ڪرڻ، مالڪ جي مرضيءَ اڳيان سر خم ڪرڻ. پنهنجون سڀ تدبيرون استعمال ڪرڻ بعد بہ جڏهن ڪاميابي حاصل نہ ٿئي تہ ان فيصلي کي تقدير جو فيصلو سمجهي قبول ڪرڻ. ڇاڪاڻ تقدير جا راز انسان بروقت نٿو سمجهي سگهي ۽ رضا تي راضي رهڻ گهرجي، ڇو تہ تقدير جا فيصلا مالڪ جا فيصلا ۽ مالڪ جي مرضيءَ جا هوندا آهن ۽ بندو هميشہ مالڪ جي رضا کي ئي پسند ڪندو آهي.
- **رندن ۾ رولڻ:** ڏڦيپ نہ ڪرڻ، بيڙي ڇاڙهي ڦرهو ڪيڻ، وفا نہ ڪرڻ، اڌ ۾ رولي ڇڏڻ، پهريائين سبز باغ ڏيکاري آماده ڪرڻ، ان کان پوءِ ڪا بہ وارثي نہ ڪرڻ. بيگانو ڪرڻ، بي يارو مددگار ڇڏي ڏيڻ. بي واهو ڪري ڇڏڻ. سفر ۾ اڌ ۾ ڇڏڻ. وچ سفر ۾ ڇڏي ڏيڻ.
- **زارو زار روئڻ:** اکين مان لڙڪ اچڻ ۽ روئڻ اندر جي تڪليف جي ڪيفيت جو اظهار آهي. هن اظهار جو انداز، اندر جي ڪيفيت جي

شدت ظاهر ڪندو آهي. جڏهن ماڻهو سڏڪي سڏڪي روئي ٿو تہ سمجهبو تہ درد جو درمان تہ ٿيو آهي، پر ان جو اڳيون اثر ٿو روئاري. جڏهن رڙيون ڪري روئبو آهي تہ تازو گهاءُ ۽ ان جو تدارڪ ممڪن هوندي بہ نہ ٿيڻ جي ڪيفيت ظاهر ٿيندي آهي. مسلسل روئڻ، زار زار روئڻ يا زاروقطار روئڻ انهيءَ ڪيفيت جو اظهار آهي، جنهن ۾ مدد جي درخواست بہ ڪونهي. تدارڪ جي حالت بہ ڪونهي، جيڪو ٿي گذريو ۽ برداشت ڪيو، انهيءَ جو اظهار آهي. هيءَ اظهار واردات جي ڪرب سان پريل آهي ۽ تڪليف برداشت ڪرڻ واري جي تڪليف محسوس ڪرائي ٿو. روئڻ جا ٻيا بہ انداز آهن، جيئن ٻِتڪو ڪري روئڻ، جيڪو اجتماعي ڏک جو اظهار ڪري ٿو يا مانگر مچ وارا لڙڪ روئڻ، جنهن جو مطلب ڊونگ ڪري ڪوڙو روئڻ آهي وغيره.

- **سنگسار ڪرڻ:** مجرم کي سزا يا موت جي سزا ڏيڻ جو هيءُ ڪربناڪ طريقو رهيو آهي. مختلف مذهبن ۾ مجرم کي تڪليف ڏيئي مارڻ جو اِهو طريقو دراصل اُنهي ڏوهہ ۽ گناهہ جو رد عمل هوندو آهي، جيڪو مجرم کان ٿيندو آهي. اِن طريقي ۾ ڏوهي مٿان سنگباري يعني پٿرن جو وسڪارو ڪبو آهي تہ جيئن ڪيس انهيءَ تڪليف جو اندازو ٿئي، جيڪا مظلوم ۽ اُن جي واسطيدارن ڀوڳي هوندي. هِن تڪليف ۽ ڪرب کي سلوڪ جي شاعريءَ ۾ عشق جي ڪيفيتن سان لاڳو ڪيو ويو آهي تہ جيئن سنگساري مجرم کي تڪليف ڏي عشق ۾ تڪليفون ان کان بہ مٿي اچن ٿيون.
- **سڪل پٽ ساوا ٿيڻ:** جڏهن برساتون نہ پونديون آهن تہ چئبو تہ منڊ ڪري ويئي. وڻ ٽڻ سڪي ويندا آهن، پٽ گاهہ کان خالي ٿي ويندا آهن. اناج جي ڪوٽ اچي ويندي آهي، قحط ۽ ڏڪار منهن ڪڍندو آهي، پوءِ جڏهن الله پاڪ جا نيڪ بندا آسمان ڏانهن هٿ کڻندا آهن تہ ولهار وسي پوندا آهن. رحمت جا ريلا ٿي پوندا آهن. سانوڻ سُوڙهہ لائيندو آهي. ڪٽرون ڪيتا چِڏي ڏينديون آهن. گسن تي گاهہ ڦُٽندا آهن. ڌرتي جڻ سائي چُني اوڍي هجي، سڪل پٽ ساوا ٿي پوندا آهن. سلوڪ جي

شاعري ۾ هِن کيَ آمد يار سان تشبيهہ ڏني وئي آهي. ڀٽائي تہ ڇٽو ٻيو چوي ٿو:

آهن ڪرم 'ڪريم' جا، احمد سارڻ اپار،
اکيون ميگهہ ملهار صورت تنهنجي سڀ جڳ موهيو.

منثار فقير چاڪاڻ تہ هاڪڙي جي ڪاٺي ڇن جو رهواسي آهي تہ ان ڪان وڏيڪ ڪنهن کي سڪا پٽ ساوا ٿيڻ جو اونو هوندو. هو هِن ڪيفيت کي هيئن ٿو بيان ڪري تہ:

مينهن جا ماندار، خدا تون پارڻ،
واري وساءِ، کپري ۾ ڪاٺي تي.

- **سر جو سانگ وڃائڻ:** سر قربان ڪرڻ، سر جو سانگو نہ ڪرڻ، سِرَ تان هٿ کڻڻ، پنهنجي مطلوب جي طلب ۾ سر جي بہ پرواهہ نہ ڪرڻ، سي سڀ ياثيم شکَ. هيڪاند ڪارڻ هوت جي، پنهنجي طلب جي مِلڻ لاءِ سر کي مِلو نہ ڪرڻ.
- **سوري تي سر سنباڻڻ:** سر قربان ڪرڻ جي تياري ڪرڻ، سوري معنيٰ فنا ٿيڻ، فنا ٿي، نابود ٿي، ختم ٿي پوءِ وڃي اعليٰ ٿيڻ. "نابودي نيئي عبد کي اعليٰ ڪيو". يعني پنهنجي جدوجهد جي سفر ۾ هر ڪا شيءِ قربان ڪرڻ، پوءِ سر جهڙي قيمتي شيءِ ڇو نہ هجي.
- **سنڌو نہ هجڻ:** ڇيهہ نہ هجڻ، شمار نہ هجڻ، لاتعداد ۽ اڳڻيا هجڻ. ڏکن ۾ گهيريل ماڻهوءَ لاءِ چئبو تہ هن وٽ تہ سورن جو سنڌو ئي ڪونهي. دنگ يا حد ئي ڪونهي. سور ڇڻ هُن جو جهان آهن. بلڪل ساڳيءَ طرح بندي تي مالڪِ ڪائنات جي احسانن جو بہ ڪو ڇيڙو ۽ سنڌو ئي ڪونهي. مالڪ جا احسان بندو ڇا ڳڻيندو. عام احسان تہ آهن ئي آهن. انسان ڏسي ٿو، ڪائي ٿو پيئي ٿو ٻڌي ٿو صحتمند آهي، علم جي توفيق عزيز رشتيدار دولت ۽ دنيا جا لاتعداد سُک، پر مالڪ جو خاص بندن تي خاص احسان بہ آهن، جو کين حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليه و آله وسلم جي امت مان پيدا ڪيائين.

- **سُرهي سيج وڇائڻ:** سيج کي سُرهي ڇڪبو ئي تڏهن جڏهن سيج تي ساجن گڏ هجي. "سُرهي سيج، پاسي پرين مر پيا مينهن وسن." (شاھ) جيڪڏهن پرين سيج تي نہ آهي تہ ڇڪبو تہ سيج ۽ پلنگ سُڃا آهن. پوءِ تہ سيج کي سينگاري ويهي پنهنجي پرينءَ جو انتظار ڪبو آهي ۽ جڏهن پرين پهچندو آهي تہ سيج، پلنگ ۽ هندورا سڀ سُرها ٿي ويندا آهن.
- **سوال سٹڻ:** سوال ڪرڻ ۽ طلب ڪرڻ تہ ٻندي جو ڪم آهي، ضرورتمند ۽ سوالي جو ڪم آهي، پر سوال سٹڻ، قبول ڪرڻ، عرض اگهائڻ تہ مالڪ جي مرضي آهي ۽ جڏهن مالڪ سوال سٹندو ۽ عرض اگهامجي ويندا آهن تہ پوءِ ڇئبو تہ مالڪ مهربان آهي. سوال ڪرڻ مڱتي جو ڪم ۽ سوال سٹڻ ڏاتار جو ڪم آهي.
- **ساعت صبر نہ اچڻ:** يعني تہ پنهنجي مطلوب کان ڌار ڪيئن رهي سگهجي، هڪ گهڙي بہ ڏکي گذارڻ. صوفين چيو تہ جو دم غافل سو دم ڪافر. ساعت سري ئي نٿي جدائي جي، صبر ڪرڻ جي توفيق ئي ناهي. سڄڻ آهي تہ ساھ آهي، سڄڻ ناهي تہ ڪيئن گذارجي. سڄڻ جي ياد ويهڻ ۽ صبر ڪرڻ ئي نہ ٿي ڏي، يعني طالب آهي ئي تڏهن جڏهن سڄڻ آهي، مطلوب آهي، انهيءَ کانسواءِ ڪجھ نہ آهي.
- **شادي ٿيڻ:** شادماني ٿيڻ، خوشي ٿيڻ، وارثي ٿيڻ، نالي ٿيڻ، نالو ملڻ، حوالو نهڻ، وصال ٿيڻ، وصل جي مهل اچڻ.
- **صدائون سٹڻ:** سڏ سٹڻ، سڏ اونائڻ، داد فرياد ٿيڻ، توجھ ٿيڻ، من اندر جي ڳالھ ٻڌڻ، سوال پورو ٿيڻ، سوال اگهڻ، گذارش تي غور ٿيڻ، دل جو آواز ٻڌڻ، دل جي صدا ٻڌڻ، وائي ورنائڻ.
- **عيب لائڻ:** عيب دار ٿيڻ، پنهنجي ڪر کي لڄائڻ، پنهنجي پاڻ کي داغدار ڪرڻ، تصوروار ٿيڻ، پنهنجي پاڻ ڏي حرف حساب جو ڪرڻ، پاڻ لڄائڻ، دامن کي داغدار ڪرڻ، پنهنجو اعمال نامو ڪوجهو ڪرڻ، اهي ڪم ڪرڻ، جن جي منع ٿيل آهي. اهي ڪم نہ ڪرڻ جن جي

ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪيل آهي. عيبدار ٿيڻ. عاصي ۽ گنهگار ٿيڻ، عصيان پنهنجي پاڻ ڏانهن ڪرڻ، نافرمان ٿيڻ. مالڪ جي مهربانين جو قدر نہ ڪرڻ.

- **عتاب ۾ اچڻ:** تڪليف ۾ اچڻ. ڏکيائين ۾ اچڻ. هي اُهي تڪليفون آهن. جيڪي غير ڪان مِلن ۽ مالڪ دور ڪري، محبوب جي مهرباني سان ختم ٿين. ظالم ظلم ڪري ۽ مالڪ بچائي.
- **فڪر ۾ فنا ٿيڻ:** ڏسيل گس ۽ ڏگ ۾ پنهنجي پاڻ کي محو رکڻ ۽ ٻئي طرف ڪنڌ نہ ڦيرڻ. جيڪو رستو ۽ جيڪا راهہ رهبر ڏسي اُها وٺيو وڃڻ. ٻي طرف وهم گمان بہ نہ ڪرڻ. شيطان جي وسوسن کان پاڻ کي بچائڻ. دنيا جي ٺڳي ۽ دولاب ۾ نہ اچڻ.

"فڪر ۾ فنا ٿيا، ماموين مثال." (شاهہ)

- **قارون منڊڻ (فالون پائڻ):** فال پائڻ جو رواج اسان جي سماج ۾ قديم تر آهي. هيءَ دراصل پنهنجي پاڻ کي تسلي ڏيڻ جو اُهو طريقو آهي، جيڪو آهستي آهستي يقين ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو پوءِ ان کي پختو ڪرڻ لاءِ ظاهري لباس وارا ماڻهو فال وجهڻ لاءِ مخصوص ڪيا ويا ۽ اُهي فال وجهڻ جا ماهر سڏيا ويا. اهڙيءَ طرح سان هي سوڻ ساڻ جي ڪيفيت ڪمزور اعتماد وارن لاءِ يقين ۽ ايمان جي حد تي پهتل آهي.
- **قابيل ۽ هابيل:** ٻئي حضرت آدمؑ جا پُٽ هئا. توريت ۾ هي ٻئي نالا ڄاڻايل آهن، پر قرآن مجيد ۾ صرف آدمؑ جا پُٽ آيل آهي. قابيل وڏو آهي، جنهن تڪرار ڪري هابيل کي ناحق قتل ڪيو. ان بعد هو ان جي تدفين لاءِ پريشان ٿيو پوءِ الله پاڪ هڪ ڪانگ موڪليو جنهن زمين ۾ کڏ کوٽي. ڪانگ کي ڏسي قابيل بہ ائين ڪيو ۽ هابيل کي دفن ڪيائين. انساني تاريخ ۾ هابيل جو قتل پهريون انساني قتل هو ۽ پهرين انساني تدفين هئي.
- **قضا جو قلم وهڻ:** جيڪي نصيب ۾ لکيل آهي اُهو ٿيڻ. انسان پنهنجي سعي، ڪوشش ۽ تدبير سان ڪجهہ ٻيو ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙ ڪري ۽

تي ڪجهه ٿيو وڃي. قضا جي حڪم کي انسان بظاهر ته ڏکيو سمجهي، پر ان ۾ مالڪ جي راضپي کي شامل سمجهڻ گهرجي ۽ ان جي دور رس نتيجن کي پنهنجي لاءِ بهتر سمجهڻ گهرجي.

- **قدم پائڻ:** لائق ڪرڻ، پير پري اچڻ، پاڻ پلائڻ، مهربانيون ڪرڻ، لنگهي اچي لائق ڪري، دوست پيهي در آيو. پيهيءَ جو مطلب جهڳي جهوپڙيءَ جهوپڙي ۾ قدم پائڻ. مهربانيون ۽ عنايتون ڪرڻ، سمون سي ساريءَ جي جهوپڙين ۾ جهپيا، در تي آيل کي ته دان ڏجي ٿو پر در تي وڃي دان ڏيندڙ ٿي ڏاتار آهي. ڏاتاري ڪرڻ، سرداري ڪرڻ، اپرا، اڳلا پر پنهنجا نه وسارڻ.

اڄ پرين پاتا، پرتئون پير،
اهي پير چمان، پيزار چمان.
(فقير ولي بخش)

- **ڪارون ڪرڻ:** وس ڪرڻ، سڀ زور لائڻ. وڏا وس ڪرڻ، ڪوڪارون ڪرڻ، هوڪا ڪرڻ، سڀ ذريعا وسيلا استعمال ڪرڻ. ننهن چوٽيءَ جا زور لائڻ، مدد لاءِ پڪارڻ، ڪيهون ۽ ڪوڪون ڪرڻ، زور سان سڏڻ.

ڪارون وس ڪيام، لڏي ڏور ويام،
منهنجو هوت نه موٽيو! (شاهه)

- **ڪارڻ ڪرڻ:** ڪنهن جي ڪم اچڻ، ڪنهن جي مهل ڪرڻ، ڪنهن لاءِ ڪارڻي بنجڻ، ڪنهن کي مشڪل ۾ ڪم اچڻ، مشڪل ڪشائي ڪرڻ، وسيلو ۽ ذريعو بنجڻ، آساني پيدا ڪرڻ، منجهيل سُٽ سلجهائي ڏيڻ، ٿوري مدد سان پئي جو وڏو مسئلو آسان ٿيڻ.

- **ڪچي ۽ ڪوري هجڻ:** عيبدار هجڻ، ڪچن ڪمن واريءَ لائق نه هجڻ. برابر ۽ جوڙ نه هجڻ. آئون ته اوهان جي جوڙ نه جيهي، پورهيت ٿي من پران. يعني آئون عيبدار آهيان، جوڙ ۽ جيس جي هام ئي ڪونهي، پر ڪنهن به صورت ۾ پاڻ سان رکو گولي ڪري رکو ٻانهي ڪري رکو

- **ڪيزا ڪرڻ:** ڪيڏ ڪرڻ، ڪيڏارا ڪرڻ، ناز نخرا ڪرڻ، حجتون ڪرڻ، خوشيءَ جو اظهار ڪرڻ، چلولايون ڪرڻ، لاڏ ڪوڏ ڪرڻ.
- **ڪيمان ڪوڙڻ:** منزل ڪرڻ، ڏيپ ڪري ويهڻ، سڪونت اختيار ڪرڻ، رهائش اختيار ڪرڻ. لنگر انداز ٿيڻ، تنبو تولان لڳائي ويهڻ، پنهنجي آمد ۽ ارادن کي تڪميل ڏيڻ. پنهنجي منزل حاصل ٿيڻ تائين رهائش اختيار ڪرڻ، پڙ ۾ پير کوڙڻ.
- **گناهن ۾ غرق هجڻ:** انسان خطا جو پتلو آهي. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته خاڪي وجود کان ڪو ڏوهه نه ٿيو هجي، انهيءَ ڪري ڏاهن ۽ عقلمندن هميشه پنهنجي پاڻ کي گناهن ۾ غرق ٿيل ئي چيو آهي. پوتي پاڪ ڪوئي نه آهي. خطا ڪار هجڻ، گندا ڪرتوت هجڻ، غلط ڪاريون ٿيڻ، برائي سان وڏيڪ رغبت هجڻ. اِهوئي گس آهي، جتان انسان کي جهڪڻ سجدو ڪرڻ، توبهه تائب ٿيڻ جهڙيون عمده نجات جون راهون مِليون آهن.
- **ڳجهو ڳارو ڳائڻ:** ڳجهي طرح ان جي لپ جنڊ ۾ ان پيهڻ مهل وجهڻ، جيڪا برڪت ۽ گهٽائي جو سبب ٿئي. مراد آهي ڳجهيون عبادتون. ڳجها راز ڳالهيون، جيڪي صرف طالب ۽ مطلوب جي درميان هجن، لوڪ کان لڪائي ڳجهه ڳرهڻ.
- **ڳوڙها ڳرڻ:** پڇتاءُ ڪرڻ، افسوس ڪرڻ، پڇتاءَ جا لڙڪ اچڻ، پنهنجي غلطين جو اعتراف ڪرڻ. لڙڪن ذريعي اکين مان پنهنجين خرابين تي پڇتاءَ جو اظهار ڪرڻ. پنهنجي مالڪ اڳيان ڳِريو ڪرڻ. صوفي بزرگن وٽ هِن گريي يا ڳوڙها ڳاڙڻ جي وڏي اهميت آهي. جڏهن ڳِريي ذريعي انسان مالڪ اڳيان ڳِڙڳڙائي ٿو ته سندس لڙڪ مالڪ وٽ اگهامن ٿا ۽ کيس مالڪ سان ويجهڙائي جو موقعو ملي ٿو.
- **ڳجهه ڳرهڻ:** اندر جو حال اورڻ، اندر جو حال روئي ٻڌائڻ، ڳجهو ڳالهائڻ، اندر جو سچ روئي ٻڌائڻ، ڳجهو حال ڳرهڻ.

- **ڳچيءَ ڳارو وجھڻ:** ڪنڌ ۾ عجز ۽ نياز جو ڪپڙو لٽڪائڻ. ڪنڌ جو عقيدت مان جھڪيل ظاهر ڪرڻ. پنهنجي پاڻ جهڪو ۽ نهيل ظاهر ڪرڻ. پنهنجي پاڻ کي غلام، نوڪر، پابند ۽ پوئلڳ ظاهر ڪرڻ. پنهنجي مرشد ۽ رهبر اڳيان پاڻ کي مريد ۽ پابند طور پيش ڪرڻ.
- **ڳچيءَ ڳارا پائڻ:** ايلاز ڪرڻ. منٿون ڪرڻ. ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي پنهنجي غلاميءَ جو اظهار ڪرڻ. پنهنجو پاڻ کي حڪم جو بندو ثابت ڪرڻ لاءِ ڪنڌ ۾ نشانيءَ طور ڪپڙو وجهڻ.
- **لوئي لڄ رکڻ:** پنهنجي ڪِڙھ جي عزت رکڻ. پنهنجي قرب ۽ قريبن جو مان مٿانهون ڪرڻ. پنهنجي 'الست' واري عَهدَ تي برقرار رهڻ. دنيا جي ڏکيائين ۽ لالچن ۾ ڦاسي پنهنجا مارو نہ مٽڻ. پنهنجن پکن جي پريت نہ وسارڻ. پنهنجا غريب پنهوار ۽ پڪرار نہ وسارڻ. "ميرو ئي محبوب، اسان مارو مَنَ ۾". جيڪا مارن وٽان پاڪ لوئي اوڍي آئي، انهيءَ جي پاڪائي ۽ پاڪدامني برقرار رکڻ. صوفين جي تعليمات موجب جيڪو پاڪ روح، الله پاڪ خلقيو ہوءِ 'قالو بلي' جي عهد ۾ قابو ڪيو هاڻي خاڪي جسم ۾ انهن جو وجود جيستائين بہ آهي، انهيءَ جسم جي بچيل نفساني خواهشن جي ماتحت نہ ٿيندو. انهيءَ روح جي پاڪائي برقرار رکڻ لاءِ جيڪا بہ تڪليف روح برداشت ڪندو اُها لوئيءَ جي لڄ بچائڻ جي محاوري ۾ ائين برداشت ٿيندي، جيئن مارئي پنهنجن مارن جو مانُ مٿي ڪرڻ لاءِ نہ صرف عمر بادشاھ جي تشدد کي برداشت ڪيو پر سندس ڪيترين لالچي آڇون، ريشم و اطلس جا ڪپڙا ۽ سترشي طعام ٺڪرائي ڇڏيائين.
- **لوري لڳڻ:** ڪنهن شيءِ کي حاصل ڪرڻ يا سنڀالڻ لاءِ جنون جي حد تائين وڃڻ. اهڙي لوري لڳڻ جو: "اچي عزرائيل مُٺي جاڳائي سسئي، ٿي ڊوڙائي دليل تہ پنهونءَ ماڻهو موڪليو" ڀئي ڪنهن بہ

نقطي تي نہ سوچڻ سواءِ پنهنجي مطلوب جي. نينهن لڳڻ، عشق لڳڻ، برهہ لڳڻ.

- **لائق ڪرڻ:** پنهنجي مان ۽ مرتبي مطابق وڙ ڪرڻ، مانائتو پال پلائڻ، طلب ڪرڻ واري کي نہ ڏسڻ، پر پنهنجي ننگ کي ڏسڻ. چڱائي ڪرڻ ۽ اهو نہ سوچڻ تہ اڳيان همراهہ چڱو آهي يا مٺو. مٺائي ڪرڻ، وڏا وڙ ڪرڻ.
- **لاڳ پنڻ:** سنڌي سماج ۾ 'لاڳ' سان ڪجهہ خاص ڪسبين خوشيءَ جي موقعي تي آمدنيءَ جو ذريعو پيدا ڪيو. جنس 'مخنث' جو لاڳ تہ جنس مذڪر خواهہ مونث تي مقرر سمجهيو وڃي ٿو. جنس مخنث جي ڪمائي ۽ آمدني جو سڄو مدار آهي ئي لاڳ تي. لاڳ لفظ 'لاڳو'، لاڳاپو ۽ لاڳاپيل جي لفظي خاندان مان آهي، جنهن جي معنيٰ بہ لازمي مقرر ٿيل، تعلق ۽ واسطيدار جي آهي. جيڪڏهن گهر ۾ خوشي ٿيندي، خاص طور پٽ جو ڄمڻ ۽ شاديءَ جو موقعو تہ ڪدڙا اچي گهر جي اڱڻ ۾ تاڙين جا واڄٽ ڪندا ۽ وڌيون گهُرجون ڪندا. هن کي لاڳ پنڻ چئبو ۽ پوءِ گهر جو مالڪ جيڪي ڏيئي سگهندو ان کي لاڳ ڏيڻ چئبو. ڪدڙا فقير اڱڻ تي ايندا تہ گهر جي مالڪياڻي انهن لاءِ 'نئين رلي' وڇائيندي ۽ فقير وڃڻ وقت اُها پاڻ سان کڻيو ويندا. جيڪڏهن انڪار ٿيو تہ فقير طعنو ڏيندا تہ پٽ جي ماءُ يا گهوٽ جي ماءُ هِن خوشيءَ ۾ خوش نہ آهي. انهيءَ طعني کان بچڻ لاءِ گهر ڌجياڻيون، فقيرن جي خوب آڌر ڀاءُ ڪن ۽ انهن کي جهجهو ڏين. جيڪڏهن فقيرن کي گهٽ مِلي تہ اُهي اوڪا وبڙ ڳالهائين ۽ لاڳ نہ ملڻ جون شڪايتون ڪن. لاڳ ڏيڻ کان پوءِ 'ماءُ' پنهنجي خوشيءَ کي 'آشيرواد' ۾ محفوظ سمجهندي آهي. اهو لاڳ ئي ڪدڙن فقيرن جي مڙهي آباد ڪرڻ جو معاشي ذريعو آهي. لاڳ جي هي معنيٰ وري لڳ، ڳَڌ، ملائڻ يا ٽيڪ ڏيڻ بہ آهي. واڍو جڏهن ڪاٺي ۾ ڪوڪو هڻندو آهي تہ ڪاٺيءَ جي ٻئي طرف کان 'واهلي' سان ٽيڪ ڏيندو آهي، جنهن کي لاڳ ڏيڻ چئبو آهي. سلوڪ جي شاعري ۾ بندي

جي مالڪ کان حجت سان پنڻ کي بہ 'لاڳ' چيو ويو آهي. بندي جو ڪم لاڳ پنڻ ۽ مالڪ جو ڪم لاڳ ڏيڻ آهي. بندو حُجت ڪندو تہ مالڪ ضرور سندس حُجَت جو مان رکندو.

- **لوچي لهڻ:** جستجو سان هٿ ڪرڻ، جدوجهد سان حاصل ڪرڻ، ڳولي ڳولي لهڻ، تڙپ سان ملڻ. ڪُنڊي ڪُنڊي هٿ ڪرڻ، ڳولهي ڦولهي لهڻ. "لوچين سي لهن. جڏهن ڪڏهن پرينءَ کي." (شاهہ). بندي لاءِ بہ حڪم مالڪ جو اهو آهي تہ پنهنجي جدوجهد، لوچ ۽ تڙپ جاري رکي ۽ پنهنجي منزل تائين پهچڻ، پر جيستائين منزل حاصل نہ ٿئي تيستائين هر حال ۾ منزل ڏانهن سفر ڪرڻو آهي.
- **مت نيڻ:** عقل چِڏائي وجڻ، سمجهہ وجڻ، وِچا وجڻ، مت موڙهجي وجڻ. "سوز سڪڻ کان وجود ناهي واندو عقل نيو ان جي گهور غماز" (منثار فقير) جڏهن برهہ بادشاهہ اچي ڪيما ڪوڙيا تہ هر ڪا ڳالهہ عقل، سمجهہ ۽ مت کان مٿانهين ٿي وئي. سڀ نفعا نقصان وسري ويا. عقل جيڪو ظاهري ۽ دليل واريون شيون ڏسي، جن کي دماغ فيصلو ڪريو ڏئي ٿو سي سڀ دل جي فيصلي جون مجينڌڙ ٿي پيون. خرد غلام ٿي ويو ۽ جُنون امام ٿي ويو پوءِ ڇا ٿو ٿئي يا اهڙي وجود تي ڪهڙي ميار مناسب ٿي لڳي. انهي ڳالهہ کي فقير صاحب جي هيءَ سٽ خوب سمجهائي ٿي تہ:

"شريعت لاڳو آهي عقل سين، منهنجو هوش نيو برهہ جي بازا!"

- **مڪر ڪرڻ:** فريب ڪرڻ، ٺڳي ڪرڻ، دوکو ڏيڻ، بي وفائي ڪرڻ، جيڪا شيءِ نہ هجي ۽ جيڪا ڳالهہ نہ هجي، ان جو اظهار ڪرڻ، غلط ڏيک ڏيڻ، کوٽي نيت هُجڻ. بهانا ڪرڻ، ڪنهن ڪم مان جان ڇڏائڻ ڪوڙو بهانو ڪرڻ. ڪوڙا بهانا ڪري همدرديون حاصل ڪرڻ، واڳونءَ وارا لڙڪ وهائڻ.

- **منزل کي وڃڻ:**پنڌ کي وڃڻ، کُٽائڻ، پنڌ پورو ڪرڻ لاءِ تاڪيد ڪرڻ، منزل کي جلد ۽ وقت سِر ويجهو ٿيڻ. ڪم کي وقت تي ڪٽائڻ، پنهنجي همت ۽ جدوجهد سان منزل جون مشڪلاتون آسان ڪري اڳتي وڌڻ.
- **منهن مرڪائڻ:**دوستي نباهڻ، عزت ڪرائڻ، مان ۽ شان ۾ واڌارو ڪرائڻ. اهو بانور ڪرائڻ ته هُن اهڙو چڱو ڪم ڪيو آهن، جنهن سان واسطيدار ماڻهن جي گهڻي پذيرائي ٿي آهي. ڳالهه متي ٿي آهي. پنهنجو پاڻ کي سچو ثابت ڪرائڻ ڪا وڏي ڳالهه ڪو وڏو حدف حاصل ڪرڻ. جنهن سان هين لاڳاپيل ڏرين جي ڳالهه مٿي ٿئي. ڪنهن دل گهرئي دوست جو مهربان مرشد جو ڪنهن غريب مُريد يا اپري دوست جي ڪکن تي لنگهي اچڻ جنهن سان هڪ جيڏن ۾ هُن جي ڳالهه مٿي ٿئي، هو بانهه لوڏي هَلي ۽ هُن جو منهن مرڪي.
- **مور مرڻ:**هيءَ اصطلاح به آهي ته تشبيهي استعارو به آهي. مور ماڻهو محفل جو مور معنيٰ اهم شخصيت، اهم ماڻهو مُکي ماڻهو. سهڻا، مٺا ۽ دل کي وڻندڙ ماڻهو. اهڙن ماڻهن جو موت يا جدائي جيڪا شدت سان محسوس ڪئي وڃي. چڱائي ۽ سنائيءَ جي جهان مان غائب ٿيڻ جا به نقصان آهن: هڪ ته سنائي وئي، ٻيو وري انهيءَ جي جاءِ 'خرابيءَ' والاري:

> ويا مور مري هنج نه رهيو هيڪڙو
> وطن ٿيو وري، ڪوڙن ڪانئيرن جوا
> (شاهه)

مور مرڻ جو ڏک سهڻ ته ڏکيو آهي، پر وري جيڪو برو حال وطن جو ڪوڙا ڪانگ ڪندا، اُهو غم اجان وڌيڪ ڏکوئڻ وارو آهي، يعني جيڪو خرابين کي روڪي، اهو عمل به موجود ڪُونهي.
- **مجلس ڪرڻ:** جليس ٿي ويهڻ، صحبت ڪرڻ، ويجهڙائپ حاصل ڪرڻ، راز و نياز جون ڳالهيون ڪرڻ، گوڏو گڏي ويهڻ. حال اورڻ ڏک

سُک ونڊڻ، اندر جا حال اورڻ. اُڪنڊ پيار ۽ محبت جون ڳالهيون ڪرڻ، ٻُڌايون سرڻ، قريب ٿيڻ، قرابت حاصل ٿيڻ.

- **مجتائون ڪرڻ:** پنهنجي عقيدت سان پاڻ تي خود ساختہ ذميواري عائد ڪرڻ ۽ اُن سان ڪم جو ٿيڻ مشروط ڪرڻ. مثال طور ڪنهن بزرگ جي مزار تي دعا گهرڻ تہ منهنجو مطلب پورو ٿئي تہ آئون هُن بزرگ جي مزار تي اچي 'قل' بخشيندس يا مطلب پورو ٿيو تہ آئون قرآن مجيد جو ختمو ڏيندس، يا ديڳ في سبيل الله خيرات ڪندس يا ڇيلو ٻڪر في سبيل الله ڏيندس وغيره وغيره.

مون مجتائون مجيون، خواجہ پير سنڌيون. (منثار فقير)

- **منان سور مَ لاهڻ:** پنهنجي دل تان نہ وسارڻ، خيال ۾ محو هجڻ. ظاهري طور کهڙو بہ ڪم هجي، پر دل ۾ هڪڙو فڪر هجڻ.اندر ۾ تسبيح پڙهڻ، زماني جي نيرنگين ۾ پنهنجو واعدو پنهنجو قول نہ وسارڻ، پنهنجي ذميواريءَ جو احساس رهڻ. ڪتڪو رکڻ. پنهنجي سوچ ۽ فڪر جو محور سدائين ياد رکڻ ۽ انهيءَ جي چوڌاري ڦرندو رهڻ. من تان ۽ دل تان نہ لاهڻ.
- **ننگڙو سجاڻڻ:** سڱ سڃاڻڻ، واسطو تعلق سڃاڻڻ، رشتي ۽ لاڳاپي جو خيال ڪرڻ. پاڻ سان واڳيل هجڻ جو خيال ڪرڻ، پنهنجي عزت ۽ مان مرتبي جو خيال ڪرڻ. ننگپال هجڻ، دامن پيل رشتن جي سنڀال ڪرڻ. جهولي ۾ پيل لاڳاپن جي ڏٽيپ ڪرڻ. آيرا هجن يا غريب، رشتيداريءَ جا ننگ سنڀالي، انهن جي وارثي ۽ مالڪي ڪرڻ. "ننگڙا نماڻي دا، جيوين تيوين پالڻا." (سچل).
- **نظر ڌرڻ:** ڌيان ڏيڻ، توجهہ ڏيڻ، مهر جي نگاهہ سان نهارڻ، پنهنجا سنڀارڻ، ٻاجهہ ڀريو رويو استعمال ڪرڻ، وڏائيءَ جي نظر ڪرڻ، هيٺ نهارڻ، پنهنجن پيرن ۾ پيل شيون ڏسڻ، پنهنجي پاڇي ۾ پلجندڙن جو خيال ڪرڻ. مرشد جڏهن پنهنجي عالم استغراق ۾ محو آهي تہ مريد بيچين آهي تہ هن ڏانهن ڪو بہ توجهہ نہ پيو ٿئي تہ هو عاجزانہ گذارش

ٿو ڪري ته بندي تي به نظر ڏربو. طالب مطلوب جي طرفان ڪو به خيال ۽ توجهه نه ڏسي مايوس ٿئي ٿو پر پنهنجي جدوجهد تان هٿ نٿو کڻي، پر بار بار مطلوب جي در وجي پڪاري ٿو ته مون عاجز تي به نظر ڏربو پنهنجو ڪريو.

- **نهوڙي نيڻ:** نهڙ ڪرڻ معنيٰ مصيبت ۾ هٽڻ، قابو ڪرڻ، ٻئي ڪنهن ڪم جهڙو نه ڇڏڻ. سيني حيلن وسيلن کان وڃائي جنون جي حوالي ڪرڻ. ختم ڪرڻ، کائي وڃڻ، بي وس ڪرڻ، سڀ چارا ۽ گس وڃائڻ، سواءِ هڪ سوچ جي ٻيون سڀ سوچون وڃائڻ. جڏهن عشق جو ڏيو انسان جي وجود ۾ واسو ٿو ڪري ته پوءِ ان جو غلبو وڌي ٿو ۽ انسان وڃي ٿو بي وس ٿيندو. آخر ۾ انسان انهيءَ حد تي پهچي ٿو ته ٻي ڪا به شيءِ کيس نٿي وڻي، هيءَ ته زماني جي هَلي چَلي جي ڪم جو نه ڪنهن رشتي تعلق جي ڪم جو نه ڪنهن رسم و رواج جو لحاظ رکڻ وارو رهي ٿو انهيءَ غلبي جي حد کي چئبو ته عشق نيٺ نهوڙي نيو پوءِ پلي هن جي جان وڃي، خودڪشي ڪري يا اُڃن، بکين ۽ جهڪن، جهولن ۾ ختم ٿي وڃي.
- **نير وهائڻ:** ماتم ڪرڻ، ڏک ۽ غم جا لڙڪ وهائڻ روئڻ، روڄ ۽ گريو ڪرڻ، روئي روئي حال وڃائڻ. نير دراصل هڪ ٻوٽي آهي، جنهن مان اڳئين زماني ۾ رنگ حاصل ڪبو هو ۽ اهو ماتمي ڪپڙن کي ڏبو هو ۽ پوءِ غم ڏک ۽ ماتم جي موسم ۾ اهي نير رتل ڪپڙا استعمال ڪبا هئا. انهن ڪپڙن کي به 'نير' پائڻ چئبو هو ۽ انهيءَ موقعي تي روئڻ کي نير وهائڻ چئبو هو. نيڻن مان نير پيو وهي يا نيڻ وهائن نير. يعني نيڻن مان عام لڙڪ به وهن ٿا پر جڏهن خاص ڪنهن واقعي ۽ موقعي جي مناسبت سان لڙڪ هارجن ته انهن کي نير وهائڻ چئبو.
- **نيمي ناس ٿيڻ:** واپارين جي اصطلاح ۾ نقصان جا به قسم آهن. پهريون اُهو نقصان جيڪو نفعي مان ٿئي. مثال طور هڪ ماڻهو هڪ

لک روپيا واپار ۾ لڳايا ۽ اندازو ڪيو تہ ڇهن مهينن ۾ اُهي جنس جي واپار ۾ هڪ بدران ڏيڍ لک ٿيندا ۽ پنجاهہ هزار نفعو ٿيندو. هاڻي مٿيان پنجاهہ هزار جيڪڏهن ويهہ هزار ٿيا تہ چئبو تہ ٽيهہ هزار نقصان ٿيو. ڇاڪاڻ تہ هنن هڪ لک روپين کي ڇهہ مهينا سيڙايو. وقت ۽ محنت مزدوري سڀ استعمال ٿيا. پيو تہ جيڪڏهن هڪ لک جي بدران، ستر هزار ٿيا تہ چئبو نيمي ناس ٿي وئي. ڇاڪاڻ تہ سيڙپ وئي تہ وڏيڪ ڪمائي بہ بند ۽ اصل رقم بہ لک بدران سترهزار تي وڃي پهتي. هاڻي جيڪڏهن انسان جي ڪنهن غلطيءَ سبب مالڪ در تان ڌڪي ڇڏي تہ چئبو تہ هُن جي نيمي ناس ٿي وئي، جنهن مالڪ جي نياز هن کي ويجهو ڪيو پر هو پنهنجي پاڻ کي ابليس جي ارڪانن کان نہ بچائي سگهيو ۽ سندس نيمي، يعني اڳيان سجدا ۽ نمازون ناس ۽ ختم ٿي ويا.

- **وسان وڃڻ:** وس ۾ نہ رهڻ، ڪنٽرول ۽ ضبط ڇڏائي وڃڻ. شين کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جو موقعو نہ ملي.

  وسان تي وياس جو هوت نہ نينم پاڻ سين. (شاهہ)

- **وڳ هٽڻ:** مال ڦرڻ. مال جو ڌاڙو اڳي هيءَ طريقو عام هو جڏهن گهوڙن کان تکيون سواريون نہ هونديون هيون تہ ڌاڙيل گهوڙن تي چڙهي جهنگ مان ڌنارن کان زوري اُنن جا گلا ۽ مال جا وڳ ڦري ويندا هئا. گهوڙن جي سواري تي مال هڪالي پنهنجي علائقي ۾ وڃي محفوظ ٿيندا هئا. هنن ڌاڙيلن کي 'هاٽا' چئبو هو ۽ ڦرڻ جي عمل کي 'هٽڻ' يا لوڙهيون هٽڻ چئبو هو. لوڙهہ معنيٰ اها لٺ، جنهن جي ٻنهي ڇيهن تي لوهي ٽِڻُ چڙهيل هجي. سنڌ جي لوڪ ادب ۽ تاريخي داستانن ۾ "هاٽن" جو گهڻو ذڪر آهي. 'هاٽا' جيڪو زوري مال ڦريندا هئا تہ اُهي گهوڙن تي سوار هوندا هئا. جڏهن سسئي جا ڏير پنهون ڄام کي ائن تي زوري کڻي ويا تہ سسئي بہ رڙ ڪئي: "گهوڙن هنيون گهٽيون، ائن هنئي آئون" (شاهہ) اهڙيءَ طرح 'مارئي' کي اٺ تي کڻي آئي ڪوٽ ۾ قيد ڪيو.

هنن واقعن بعد 'هٽڻ' جي معنيٰ ۾ وسعت آئي ۽ ڪنهن بہ زوري ٿيل واقعي لاءِ هيءَ لفظ استعمال ٿيو. ائين ٿي جڏهن محبوب جي نشيلي اکين ۾ عاشق جي دل وس مان ويئي تہ هن بہ رڙ ڪئي تہ گهوڙا! محبوب منهنجي 'دل' زوري هٽيو ٿو وڃي.

- **واهر ٿيڻ:** وڳ هٽڻ جي تسلسل ۾ وري جڏهن ڌريل مدد لاءِ پڪاريندو تہ جيڪي سندس مدد لاءِ اٿي پوندا ۽ 'هاڻُن' جي پوبان وڃي رسندا ۽ وڙهي وڳ واپس ورائيندا تہ انهن کي 'واهرو' چئبو ۽ ان عمل کي واهر ٿيڻ چئبو. واهر ٿي. واهرو وريا. هنيل وڳ واپس ٿيا. ڌٽيپ ٿي، سرهائيون ٿي ويون ۽ راڄ ڪاڄ ۾ ہانهن لوڏي هلڻ جهڙا ٿيا.
- **واهہ وسيلو نہ هجڻ:** مٿئين مضمون جي تسلسل ۾ واهر وسيلو تہ ان جو ٿيندو جنهن جو والي وارث هوندو پر جنهن جو سڀ ڪجهہ وبو ۽ ڪا واهہ نہ ڪو وسيلو تہ ان جي واهر بہ ڪيئن ٿيندي جيڪو ماٺهو جيئي ٿي جنهن آسري ۽ سهاري ٿو جيڪڏهن اهو بہ ڇڏي وڃي تہ زندگيءَ جو سفر ڏاڍو ڏکيو گذري ٿو. انهيءَ ڪري دنيا جي سهارن کان بي نياز ٿي قادر مطلق جي سهاري کي مضبوط وٺڻ جو ڏانءُ ڏاهن ڏسيو. سهارو آهي ئي مالڪ جو پر انهيءَ لاءِ ضروري آهي تہ دنيا جا سهارا ڇڏيا وڃن. بي وسيلي جهان جا بي پروسي وارا 'واهرو' ڇڏيا وڃن. تڏهن ئي صحيح وسيلو مِلندو. جڏهن عارضي وسيلن تي ايمان نہ رکبو. پنائيءَ چيو تہ: "گهڙو پڳو منڌ مُئي، وسيلا ويا. تهان پوءِ سُٺا، سُهٽي سڏ ميهار جا."
- **واهون ڇُڪڻ:** واهون وڃڻ. ڪو بہ رستو نجات جو نہ مِلڻ. منزل تي رسڻ جا سڀ امڪان ختم ٿيڻ. آسرا اميدون ختم ٿيڻ. ڪو بہ سهارو نہ بچڻ. درد جي دوا نہ ٿيڻ. ڪٿان کان بہ ڪنهن ڪُمڪ. ڪنهن روشنيءَ جي ڪرڻ جي اميد نہ بچڻ.
- **وجود اندر وهڻ:** وجود ۾ واسو ڪرڻ. واسو ڪندڙ شيءِ جو مظهر ٿيڻ. اندر ۾ ويهي رهڻ. پنهنجي وجود کي ٻئي وجود لاءِ وقف ڪرڻ. ڪنهن نظريي يا خيال کي ايترو پنهنجو ڪرڻ جو پنهنجو وجود انهيءَ خيال يا

نظريي جو نمائندو ٿي پوي. ڪنهن ڳالهہ کي ايترو پنهنجو ڪرڻ جو جنهن مهل بہ چنگ چورجي ساڳي وائي ورنائجي.

- **وجود ۾ ووڙڻ:** تهہ تائين پهچڻ. اندر جي ڳالهہ کي ڳولڻ. اندر مان اصل حقيقت کي هٿ ڪرڻ. ظاهري لباس کي ڇڏي اندر جي رجحان. ڳالهہ ۽ حقيقت تائين پهچڻ. اندر جي ٻوليءَ کي سمجهڻ. عارضي ۽ مٿاڇري واريون ڳالهيون غائب ڪري وجود ۾ ويٺل سچ جي تلاش ڪرڻ. ٻاهر جي ڳالهہ کي اهميت نہ ڏئي. گهرائيءَ ۾ مستقل ڳالهہ تلاش ڪرڻ.
- **وِهڻ وِهہ ٿيڻ:** جدوجهد کي جاري رکڻ. رستي ۾ ساهي نہ پٽڻ. جهڙيءَ طرح وهہ يا زهر ڪائي نہ سگهبو جيڪڏهن چکيو تہ بہ سنکيو ۽ انسان جي وجود جا رنگ ئي تبديل ٿي ويندا. اهڙيءَ طرح پنهنجي جستجو ۽ جدوجهد تان بہ هٿ نہ کڻبو اهو هٿ کڻڻ وهہ کائڻ جي برابر آهي. وِهبو نہ پر هَلبو تہ منزل قريب ٿيندي. ٻاٽهي ايندم هوت، پر مون کي بہ اڳتي هلڻو آهي. تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهِڻو آهي.
- **ورهہ وندڻ:** جدائي ۽ فراق جون ڳالهيون ڪرڻ. هجر جا حال اورڻ. وڇوڙي ۽ فرقت جون ڳالهيون ڪرڻ. ورهہ جا حال ٻڌائڻ. غم، ڏک، درد ۽ سڪ جون ڳالهيون ڪرڻ. اداسائي ۽ يادگيري جي ڪيفيت جو حال ڏيڻ.
- **ورق واڙڻ:** مهربانين ۽ عنايتن جي وائي وات ڪرڻ. اڻ ڳڻيون نوازشون ڪرڻ. پنجن مان پندرهن ٿيا. ائين ٿا ورق ورن. بي حساب ڏيڻ. نوازش جي نگاهہ ٿيڻ. مِهرَ جا مينهن وسڻ. ڏولائي جا ڏينهن ختم ۽ خوشي، سڪار، خوشحالي ۽ آسودگي جا ڏينهن اچڻ. پرينءَ جو پنهنجو ڪرڻ. وصل ۽ وصال جون واڌايون پُهچڻ. پکي پيهي آئيو رحمت جو ريلو. وريا واءَ وصال جا. مرشد جي عين توجهہ ٿي. مالڪ جي مهر جا. عطائن جا ۽ نوازشن جا ڏينهن وريا. بخت يا وري ٿيڻ.
- **وراڪا ڏيڻ:** وري وري اچڻ. ڦيرا ڪرڻ. وڄ جا وراڪا ڏيڻ. وڄ وراڪا ڏيندي تہ برسات کي سڏيندي، برسات معنيٰ سانوڻ، سارنگ، سُڪار، خوشحالي. جيڪا اڳتي هلي ذهني، آسودگي، ذهني خوشحالي ۽ ذهن

۾ صحيح ۽ مثبت ڳالهين جي آماجگاهه بنجي ٿي. حق سمجهه ۾ اچي ٿو ناحق ڏور ڌڪارڻ جيان پڇي ٿو. قدرت جي سونهن جا مظهر سامهون اچن ٿا. وڄ چمڪي ٿي تہ روشني ۽ نور جا تجلا چمڪن ٿا. پکي ۾ پدمڻي ڪر ڏي وراڪا وڄ. وصل جي واڌائي ۽ خوشيءَ جو اظهار. سونهن ۽ شڪار جو رومانس آهي، جيڪو انڌيرن کي لتاڙيءِ سياهہ ۽ ڪارن نصيبن کي ميٺي وري ڪي پاڳ ۽ روشنين جا مستقبل لکي ٿو انسان کي روحاني سڪون جو رستو نصيب ٿئي ٿو.

- **ويرا وڃڻ:** مضمون جي تسلسل ۾ اگر وقت سِر واهر نہ ٿي تہ وڳ ويندو هليو. انهيءَ ڪري ٿي سياڻن چيو تہ ويرا نہ وڃڻ گهرجي. وِڳهہ ويو مهل گُٿي. صحيح وقت مدد ڪرڻ جو نڪري ويو ويرا وٺي تہ هميشہ لاءِ ماڻهو مهڻي هيٺ ايندو. ڳسو ۽ ڪمزور سڏبو.
- **ويل نہ وسارڻ:** هڪ لمحي لاءِ بہ غافل نہ هجڻ. لحظي لاءِ خيال دل تان نہ لاهڻ. هر وقت تون هي تون جي تسبيح سورڻ. هت جيڪڏهن ڪم ۾ آهي تہ بہ هِنيون حبيب لاءِ.

"هنيون ڏجي حبيب کي، لڱ گڏجن لوڪ". (شاهہ ڪريم)

- **ويهون ڪرڻ:** تڪميل ڪرڻ. پورت ڪرڻ. جستجو ۽ جدوجهد کي مڪمل ڪرڻ. ڪنهن ڪم مڪمل ٿيڻ کي حسابي علم موجب سؤ سيڪڙو ٿيڻ چئجي ٿو سؤ ۾ وري پنج پيرا ويهہ جو عدد اچي ٿو. جن کي ويهون چئجي. ويهون ڪبيون تہ سؤ مڪمل ٿيندو. هڪ ويهہ جو مڪمل ٿيڻ بہ اوڻيهہ ڪانپوءِ آهي. هاڻي جي ڪم کي اوڻيهہ تي يا نوانوي تي ڇڏبو تہ بہ مڪمل نہ ٿيو. اهڙي طرح ڪنهن ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ همت ڪبي تہ چئبو همراهہ ويهون ڪري ڇڏيون. اهڙي طرح ڪنهن مهربان دوست جيڪڏهن مهربانين ۽ نوازشن سان نوازيو تہ چئبو تہ سائين ويهون ڪري ڇڏيون، پر اصل ويهون جن جو ڪاٿو ئي ڪونهي، اُهي تہ قدرت جون ويهون آهن. مالڪ بندي کي

جڏهن بي حساب ڏي ٿو. حيثيت کان وڌيڪ ڏي ٿو. دنيا توڙي آخرت ۾ سرفراز ڪري ٿو ته اِهي ويهون اصل آهن.

- **هنيون هٽڻ:** وسوسا ٿيڻ. لهرائڻ. ڪنهن ڪم جي صحيح نه هجڻ يا ان جي صحيح انجام نه هجڻ متعلق شڪ ڪرڻ. ذهن ۾ خيال اچڻ ته شايد هيءُ گس صحيح نه آهي. هيءُ ڪم درست نه آهي. ارادو ڪرڻ ۽ وري ٻڏتر جو شڪار ٿيڻ. وري ارادو ترڪ ڪرڻ. ڪٿي هيئن نه ٿئي، ڪٿي هوئنئن نه ٿئي. دل ۾ ڪئين دليل اچڻ. صحيح ڪم نه ٿيڻ جي خوف کان هِنيون هٽڻ. دل هٽڻ.
- **هام هڻڻ:** دعوي ڪرڻ. وڏي ڪم ڪرڻ جي توفيق ڏيکارڻ. پنهنجي وڏائي ڏيکارڻ. مخالف تي غالب پوڻ لاءِ ڪيس هارائڻ جو ڊپ ڏيڻ. ائين ظاهر ڪرڻ جڻ ته اهو ڪم معمولي آهي. پنهنجي طاقت، زور ۽ همت کي وڌو ڪري ڏيکارڻ. هام هڻڻ منفي فعل آهي ۽ اُهو ڪڏهن ڪڏهن تڪبر جي دائري ۾ اچي ويندو آهي ۽ هامون هڻندڙ ڪامياب ناهي ٿيندو. انهيءَ جي پيٺ ۾ پنهنجي عزم ۽ همت سان ثابت قدم بيٺل رهڻ. ڪم جي انجام تائين ۽ مهم جي اختتام تائين ڪا به دعوي نه ڪرڻ ئي صحيح عمل آهي. هام هڻڻ. غلبي جي دعوي ڪرڻ. دسترس ڏيکارڻ ۽ ڳالهه کي پنهنجي وس هٿ هئڻ جي پڪ ڏيڻ کان عملي طرح ثابت ڪرڻ بهتر آهي.
- **هٿڙو نه لاهڻ:** پنهنجي مٿان نوازش جو هٿ برقرار رکڻ لاءِ گذارش ڪرڻ. مالڪ جو ڇپر ڇانوَ برقرار رهڻ. دوست جو ساٿ ۽ مرشد جي ڏٽيپ برقرار هجڻ. هوت پنهون پنهنجي پيار محبت ۽ پاٻوهه جا هٿڙا پري نه ڪج. پنهنجي هجڻ جي دعوي برقرار رکج. جيڪڏهن مالڪ مهربان آهي. مالڪ جو هٿ مٿان آهي ته دنيا جا دوکا ۽ دولاب، ڏمر ۽ ڏکيائون، غم ۽ غصو سڀ فنا ٿي ويندا ۽ ڪو به جوکو نه ايندو صرف ڏٽي پنهنجي ڏٽيپ نه ڇڏي.

- **هستي هوڏ هڻڻ**:پنهنجي هستيءَ جي هوڏ ڪرڻ، پنهنجي ذات جي هجڻ جي دعويٰ ڪرڻ، پاڻ پڌائڻ، پنهنجو قد وڌائڻ، پاڻ کي سگهو ۽ ست وارو ظاهر ڪرڻ. پنهنجي پاڻ کي ٻه ڪجهه سمجهڻ. صوفين پنهنجين تعليمات ۾ هستي ۽ هوڏ کي جاءِ ناهي ڏني. هنن بندي جي بندي واري حيثيت تي زور ڏنو آهي ۽ اهو ئي اسلامي تعليمات جو روح آهي. ٻندو ٿي هوڏ هٽي ته پوءِ 'سجدو' چاهي. ٻندو ئي هستي ڏيکاري ته پوءِ نيستي ۽ نابودي چاهي، ها پوءِ انهيءَ حڪمت جا راز اڳتي هلي هيٺن ٻه ڪليا آهن ته "'نابوديءَ' نيئي 'عبد' کي اعليٰ ڪيو." سچل چيو ته: "ميري آهيان مندي آهيان، بيشڪ بندي آهيان، پڪين ميڏا ڍولڻا عيب نه کولڻا."
- **هنجون هارڻ**:زارو قطار روئڻ، لڙڪ ڪيرائڻ، لڙڪ جي برسات وسائڻ، هجر ۾ هنجون هارڻ. جدائيءَ ۾ روئڻ. ڏک، غم، فراق ۽ جدائيءَ جو اظهار اکين ذريعي ڪرڻ. فرقت جي تڪليف ۾ اکين مان پاڻي وهڻ. ڳوڙها ڳاڙڻ. جهوريءَ ۾ جهجڻ. آنسو وهي اچڻ.

## (ب) پهاڪا ۽ چوڻيون

- **اسين آهيون سندس پٺ ۽ پان:**معنيٰ ته اسان جي حيثيت گهرڻ واري سوالي جي آهي. اسين سندس ڳڻ ڳائيندڙ آهيون. سندس شان ۽ وڏائيءَ جا گيت ڳائيندڙ آهيون. اسين ڪهڙي وڏائي ڪنداسين.
- **باز پيو جهرڪيون جهلي:**آفت سر تي آئي بيٺي آهي. خطري جي گهنٽي وڄي پئي. هيءُ وقت حفظ ۽ امانَ ڳولڻ جو آهي. شيطان جو رسو نڪتل آهي. هيءُ پيو ايمان جا سودا ڪري اهڙي مشڪل ۽ ڏکئي ماحول ۾ انسان کي صحيح گس سان هلي پنهنجو ايمان بچائڻ گهرجي.
- **پيرَنِ جا پلاند:**پيرن جا واسطا، جنهن مرشد جي هٿ بعيت ڪئي آهي، انهيءَ جو واسطو اٿئي، منهنجي ڳالهه مڃ. اسان جي سماج ۾ قسم ۽ واسطي ڏيڻ جا ڪيئي طريقا آهن. هيءُ به انهن مان هڪ آهي. ماڻهوءَ کي سندس، عقل. اهليت ۽ علم موجب واسطو ڏبو آهي. هيءُ به هڪ وڏو قسم آهي. جيڪو وڏن عالمن کان وٺندي عام ماڻهوءَ تائين سمجهه ۾ ايندڙ ۽ مڃيندڙ آهي.
- **جيئن وڻي تيئن ڪري:**الله پاڪ 'صمد' جي وصف رکي ٿو. هو بي نياز آهي. ان سان ڪو دليل نه ٿو هلي ته الله پاڪ هي ظلم ڪيو. انسان کي ان کان اڳتي سمجهايو ئي نه ويو آهي ته قدرت جي هن ڪم ۾ ڪهڙي حڪمت پوشيده آهي. انهيءَ ڪري ڪڏهن به قدرت جي حڪمتن تي پنهنجي عقل کي چاڙ وارو ۽ غالب نه سمجهجي. الله پاڪ جليل آهي. رحمن آهي. غالب آهي. ٻاجهارو آهي. پنهنجون حڪمتون پاڻ ڄاڻي، جيئن وڻي تيئن ڪري.
- **جيئن ڪونجون سارين روهه کي:** روهه يا جابلو پَٽ، ڪونجن جو وطن آهي. روزگار جي تلاش لاءِ ڪيترو به پري وڃن. ڏورانهين وادين ۽ ملڪن ڏانهن وڃن، ڪونجون وري ڪُڙڪنديون واپس ورنديون آهن. ائين جيڪڏهن ڪو شخص پنهنجي وطن، محبوب ۽ پنهنجي ڪنهن

ويجهي رشتيدار جي ڳالهہ ڪندو تہ چئبو تہ هي تہ ائين پيو يادگيري ڪري ۽ ساري جيئن ڪونجون سارين روهہ ڪي.

- **جڻ ڪعبو قبلو اٿس:** جيئن اسان مسلمانن لاءِ مڙني عبادتن جي سوچ ۽ سجدي جو رخ ڪعبة الله آهي، تيئن جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جي سوچ ۽ فڪر جو مرڪز ڪو هڪ محور هوندو تہ پوءِ، اُها سوچ ڀلي فڪري هجي، سياسي يا معاشي هجي، پر چئبو تہ اهو ڪم ڪار يا ان ڪم جو ڪندڙ جڻ سندس ڪعبو قبلو اٿس.
- **حجتي لعنتي:** جيئن انسان لالچ، لوڀ ۽ حرص ۾ پنهنجي حجت، گهرج ۽ طلب جو دائرو وڌائي ٿو تہ ڪيس سخت لهجي، انڪار ۽ خراب لفظن کي برداشت ڪرڻو پوي ٿو يعني هُن جيڪي طلبيو آهي، اُها سندس حيثيت ٿي نہ آهي. ان ڪري اُها سندس بيجا حجت هِن لاءِ خواري ۽ تذليل جو سبب ٿئي ٿي، جنهن ڪري چيو ويو تہ حجتي لعنتي آهي.
- **چوليءَ ڇاڙهڻ جهڙا:** جڏهن ڪنهن بندي کي چئبو تہ اسان جي حق ۾ دعا گهر تہ نيڪ ۽ الله وارا بزرگ هي لفظ چئي پنهنجي عاجزي ۽ نيازمندي جو اظهار ڪندا ۽ پوءِ دعا گهرندا تہ يار اسين پاڻ چوليءَ ڇاڙهڻ جهڙا آهيون. گندي ڍڪڻ جهڙا آهيون. پاڻ اگهاڙا آهيون، عيبدار آهيون مالڪ شال ڍَڪ ڍڪي، متُر ڪري، بخش ڪري ۽ اسان سان گڏ سيني جي عيبن کي معاف ۽ درگذر ڪري
- **ڇيرن ڇاتيون ڇنيون:** جنگ جي ميدان ۾ وار سدائين سيني تي ڪبو آهي. ڇاڪاڻ تہ سيني ۾ دل آهي ۽ ڦڦڙ آهن. ينهي مان ڪنهن جو بہ نقصان حياتيءَ جو نقصان آهي. مٿي تي ڌڪ گسي بہ سگهي ٿو ۽ فاصلو پري هجڻ ڪري ڇيرا غير موثر بہ ٿي سگهن ٿا. محبوب جي اکين جي تيرن جو اثر دل تي ٿئي ٿو. تنهن ڪري اکين جا تير ۽ تفنگ بہ سيني کي ڇيرين ٿا ۽ ڇنن ٿا. انهيءَ ڪري شاعرن بہ محبوب جي ناز ۽ ادائن جي لاءِ چيو تہ محبوب جي اکين جي ڇيرن ڪيترين ئي ڇاتيون ڇني ڇڏيون آهن.

- **سورن ۾ ڪوئي ساٿي نہ آهي:** اها زماني جي روش آهي تہ سک ۾ سڀڪو ساٿي آهي، پر تڪليف، ڏک ۽ ضرورت ۾ ڪو بہ ساٿي نہ آهي. سکن وارا يار بہ منهن موڙيو وڃن ۽ انسان وڃيو اڪيلو پنهنجا سور سهي.
- **سر سنت ۾ ڏيڻ:** يعني پنهنجي قول ڪي، وچن ڪي ۽ عهد ڪي پورو ڪرڻ. جڏهن مرشد گهر ايندو آهي تہ ان جي قدمن ۾ سنت طور ڪا نہ ڪا شيءِ ضرور رکبي آهي. روڪ رقم هجي يا سون چانديءَ پر جيڪڏهن ڪجهہ بہ نہ هجي ۽ سر سنت ۾ ڏجي تہ وڏي ڳالهہ چئبي. سلوڪ جي جهان ۾ جڏهن عشق جهوليءَ ۾ پئي تہ عشق ۾ بہ انتها ڪرڻي پوندي آهي ۽ عشق ۾ انتها آهي ٿي سر ڏيڻ. پنهنجو وجود وڃائڻ ۽ نيستيءَ ڏانهن وڃڻ يعني عشق ڪي سِرُ سنت ۾ ڏيڻ.
- **ڪا هنر حرفت نہ هلڻ:** سلوڪ جي منزلن ۾ ابتدا کان ٿي عقل جي فيصلن، بچاءَ ۽ جَتنَ کان پاسو ڪيو آهي. ڇاڪاڻ تہ هن منزل ڏانهن ويندي اهو مقام بہ ايندو جتي انساني ڏاهپ، هنر ۽ ڪاريگري بيهي ويندي آهي. تدبير ختم ٿي ويندي ۽ تقدير غالب پوندي تہ سڀ حيلا وسيلا ختم، ڪا بہ هنر حرفت نہ هلندي.
- **ڳالهہ ڪٿڻ کان پري آهي:** جڏهن ڪي غير معمولي واقعا ٿيندا آهن تہ چئبو تہ هن واقعي جي ڳالهہ ڪٿڻ کان يا ڪرڻ کان پري آهي. يعني اهڙو واقعو اڳي ڪڏهن بہ ڪو نہ ٿيو. اهو واقعو بهادري جو هجي، سخا يا ڏاتاريءَ جو هجي. حُسن ۽ جمال جو هجي، يا ظلم ۽ تشدد جو هجي.
- **لولي لائي ڇڏڻ:** يعني ڪنهن ڳالهہ يا تقاضا ڪي بار بار دهرائڻ جو ٻڌڻ وارو ڳالهہ جو لطف وٺي يا تقاضا پوري ڪرڻ بجاءِ ان جي دهرائڻ مان تنگ اچي. جيئن ٻار ڪي سمهارڻ لاءِ لولي ڏبي آهي. يعني بار بار ننڊ اچڻ دهرائبو آهي، تيئن لولي لائي ڇڏڻ مان مراد بہ ڪنهن ڳالهہ جو بار بار ۽ تنگ واري حد تائين دهرائڻ آهي.
- **مون جهڙيون لکين ٻانهيون:** مون جيڪڏهن ٻانهپ قبول ڪئي تہ ڪهڙي وڏي ڳالهہ ٿي. دوستن جي در تي مون جهڙا ڪئين مشتاق

هوندا. مون کي مالڪ جي مهربانيءَ جي ضرورت آهي، پر مالڪ شال منهنجي ٻانهپ قبول ڪري. مصري شاهه چيو ته: ”آئون ته جُتي جي جوڙ نه جيهي.“ اشرف شاهه چيو ”آئون ته پريٽءَ جي جُتي هئان شل، پريٽ پائيندم پير ۾.“ يعني ڪم کان ڪمتر جاءِ به نصيب ٿئي.

- **مينهن ڄيلي، ڦٽ ڦوٽيلي:** ڄيٺ يعني برسات جي موسم جي ابتدائي مهيني جا مينهن ۽ ڦهريون ٻار جيڪڏهن ڦٽ آهي ته ٻنهي جي لاءِ ڏرتي توڙي ڀيءُ ماءُ کي جهجهي سڪ آهي. ٻئي وقت تي اچن ته ڀاڳ جي نشاني آهي.
- **ميرا لاهي اڇا اوڍيائين:** جيستائين ويچاري قيد ۾ هئي، ته مارن جا پاراپل ميرا نه لاٿائين. اباڻي لوئي ليڙون ليڙون ٿي وئي، پر مٿي تان نه هٽايائين. بادشاهي ريشم ۽ اطلس کي نه ڇهيائين. لوئيءَ جي لڄ سلامت رکيائين. جڏهن قيد ۽ بند لٿا، آزاديءَ جو سج اڀريو مارن سان ميلو ٿيو مڪ ۽ سرهائي جا واءَ وريا ته ميرا لاهي اڇا اوڍيائين. ساڳيءَ طرح جيستائين روح جسم جي قيد ۾ هو ته نفس جي خواهشن جي يلغار تي نه هِرڪيو ۽ جڏهن ڪيس جسم جي قيد مان آزادي مِلي ته پنهنجي پاڪ وجود کي ڪٽي وڃي پاڪ روحن سان جشن ڪيائين.
- **نه مٺن سان گڏ نه جيئرن جهڙو:** زماني جي گردش، عشق جي امتحانن اهڙو حال ڪيو آهي، جو نه مٺن سان گڏ آهيون، نه جيئرن سان. يعني زماني جي حال سان گڏ به ناهيون ۽ فنا به نه ٿيا آهيون.

”ٿيو منثار جو حال ڪهڙو نه مئو آهي، نه جيئڻ جهڙو!“

- **وهڻ واجب ئي ڪونهي:** يعني معاملي جي هِن حد تي پهچڻ کان پوءِ، وهڻ مناسب ئي ڪونهي. اٿي ڪو هٿ پير هڻجي ۽ جستجو ڪجي. پنهون کان پوءِ پنيور ۾ ڇاهي؟ دوزخ جو دونهون آهي. هاڻي پنيور ۾ ڇاهي، اٿي ڪيچين کي ڪاهي رس. ويهي نه رهه.

”منهنجو هاڻي پنيور ۾ ڇا هي، مان ته ڪيچين کي رسنديس ڪاهي.“
(طالب المولى)

9 789696 251705